چٹگون

23.10.52

[illegible]

وسخت

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهرا لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

چڻگون (Sparks)

سڀ حق واسطا قائم

قيمت ١-٨-٠

تيرٿ ويڙهومل وسنت

Soorih Mirani

مهاڳ

ڪهڙي نه عجيب دنيا آهي. سڄي ڪائنات هڪ عظيم گردش ۾ آهي. جيئن هڪ هڪ سٽ هن ڪتاب جي پوري ڪندا تيئن اسانجي ڌرتي آسماني وسعت اندر تقريبا ۵۰ ميل پنڌ ڪري ويندي. ڌرتيءَ جي ويڪر ۲۵ هزار ميل آهي ۽ سج ايڏو وڏو آهي جو ان جي پيٽ ۾ هزار ڌرتيون سمائجي وڃن. سج جو اسانجي ڌرتيءَ کان ۹ ڪروڙ ميل پري آهي تنهن جي روشني اٽڪل ۸ منٽن ۾ هتي پهچي ٿي. علم هيئت جي اصطلاح ۾ چئجي ته سج اسان کان ۸ منٽ پري آهي. انهيءَ حساب سان ويجهي ۾ ويجهو تارو ۴ سال پري آهي ۽ اهڙا تارا به ڏٺا ويا آهن جي اسان کان ۲۸ هزار سال پري آهن! ڪيترا تارا سج جا به ڏاڏا لڳن. اهڙي دنيا ۾ انسان جو پيڙو هيڏي حيثيت ۽ ڪمال هوندي، پنهنجي ناچيز هستيءَ جو بخوبي اعتراف ڪري سگهي ٿو ۽ انهن حقيقتن جي انڪشاف جو سندس مذهب، سندس فلسفي ۽ علم نظر تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿئي ٿو سو هر هڪ انسان جي فڪر ۽ قدر همت تي منحصر آهي. جيڪڏهن هڪ طرف آهن هيڏيون وڏيون هستيون ۽ دور بينيءَ جا ڪرشما ته ٻئي طرف نظر ڪريو خورد بينيءَ جا غضب. معلوم ڪيو ويو آهي ته انسان جو دماغ جو وزن ۾ اٽڪل ڏيڍ سير ٿئي ٿو سو باريڪ جزن جو ٺهيل آهي

Soorih Mirani

۽ جنھن جو تعداد آهي في چورس انچ ۾ ١٦ هزار! عام ماڻھو
چوندا ته هي ڳالھيون آهن يا الف ليلي جا قصا ۽
خيالي پلاءُ. پر جو ماڻھو حقيقت جو طالب آهي ۽ تجربو
۽ مشاهدي کان ڪم وٺي ٿو سو هي ڳالھيون چڱي طرح
محسوس ڪري سگھي ٿو. جو هو ڀلو ڏسي ٿو ته دق
تپ ۽ موسمي بخار جي جيوڙن ۾ ائين فرق آهي جيئن
ماڪوڙي ۽ ٽڏڻ ۾. چڱي طرح ثابت ڪيو ويو آهي ته
انسان ذات هن ڌرتيءَ تي ٥ لکن سالن کان جانشين
آهي ۽ رفته رفته هڪ جانور جي درجي کان چڙهندي
هن اشرف المخلوقات جي حيثيت کي پھتي آهي ۽
اڳتي ڇا؟ - "آنچه اندر وهم نايد آن شوم."

اهڙي عجيب دنيا ۾ رهڻ جو اتفاق اسانکي مليو
آهي ۽ سو به انساني حيثيت ۾. انلاءِ ڪھڙو نه اسانکي
شڪر گذاريءَ ۾ مٿو ٽيڪڻ گھرجي. بهر حال هن نعمت سان
گڏ انسان تي ڪي جوابداريون به آهن جي هنکي ٻين
ساهوارن کان ممتاز رکن ٿيون ۽ انهن جوابدارين جي
احساس کان ئي قدرت شايد انسان کان ههڙو اعليٰ ۽
حيرت انگيز ڪم وٺي رهي آهي.

هي ظاهر آهي ته هي دنيا اُهين جو ائين تيار نه ٿي
پئي يا ڪئي وئي آهي. هن دنيا ڪن عجيب وغريب
قانونن تي بنياد آهي جنهنجي ذريعي او آهسته آهسته وڌي
اڳتي هلي. اهي قاعدا ۽ قانون اڻ ٽر آهن ۽ بغير ڪنھن
سان خاص دوستي دشمني جي پنھنجو اثر هلائين ٿا. انسان

ڏني آهي جنهن انهن قاعدن جي کوجنا پڻ ڪئي آهي ۽ جنهن جنهن انجو علم وڌيو آهي، تنهن تنهن ۾ ترقيءَ جو اظهار پڻ ڪيو آهي. هزارها ورهين جي ڪشالن بعد انسان هن درجي تي پهتو آهي ۽ ڏٺو ويو آهي ته انسان جو ٻين جيوا ذات سان ۽ جيوا ذات جو ٻنا ذات ۽ جمادات سان گهاٽو تعلق آهي. جنهن قسم جا ڪپڙا اسان اڄ پايون ٿا تنهجو رواج پنج سو ورهيه اڳ ڪونه هو. جن ريل گاڏين ۽ موٽرن ۾ اڄ عام خلق سواري پئي ڪري سي ڪي سال اڳ شهنشاهن کي به نصيب نه هيون. تند ٻنا تار ۽ بوليندڙ فلم ناٽڪ وڪرماجيت يا اڪبر جي خيال خواب ۾ به نه آيا هوا. اڳين زماني جا ماڻهو پنهنجا ڪلام اول ۾ پٿرن تي اڪريندا هوا ۽ انهي جي رسم الخط به عجيب غريب هئي. آهسته آهسته چمڙن تي لکڻ سکيا، حتيٰ ڪه اڄ هيڙا نفيس ۽ چلڪيدار ڪاغذ ۽ مطبعون موجود آهن. اڳي اڪثر بيماريون جن ڀوتن سان منسوب ڪيون وينديون هيون ۽ عجيب غريب علاج ڪيا ويندا هوا جنتي اڄ اچرج پيو لڳي. هيئر زماني جو رخ ٻي اور تي ويو آهي. وڏن ڪشالن ۽ قربانين ڪانپوءِ انسان ذات هن درجي تي پهتي آهي. جڏهن اسان انسان جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته ڪيئن انسان جهنگلي حالت مان ٿوري اهوڪي ڏهڻ يعني درجي تي پهتو آهي تڏهن اسانکي معلوم ٿئي ٿو ته هان اسان تي ڪيترن جمرن ۽ مڙني انسان جا هيڏا سارا احسان ۽

فرض آهن! اسانکي ڪوڙي طاقت آهي جو ايڏا ء اهڙا فرض ادا ڪري سگهون. بهرحال هرهڪ انسان جو فرض آهي ته انسان ذات جنهنجو هو هڪ فرد آهي انجي ترقي ۽ تشرف لاء پنهنجي طاقت ۽ تميز آهر ڪجهه ڪري ۽ پنهن جي علو انسانيت ۽ فرض ادائيء جو ثبوت ڇڏي. هي ڪتاب هڪ اهڙي انسان جي فڪر جون "ڇڻگون" آهن.

منهنجو دوست **وسنت** انهن تمام ٿورن انسانن مان آهي جنهجي دل درد سان پريل آهي ۽ جي اعليٰ درجي جي ذڪا ۽ ذهن جا صاحب آهن. سندس ذات مشرق ۽ مغرب جي اديات ۽ اثرات کان ڪافي ماهر آهي ۽ وسيع معلومات سان گڏ ڪيس غير ملڪن جي سير سفر جا موقعا به مليا آهن. هنن مضمونن ۾ نئين جديد طرز تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ڪي مضمون علمي آهن، ڪي ڪن بزرگ هستين جي حياتي ۽ خيالن بابت آهن ۽ ڪن جو واسطو ڪن معمولي شخصيتن سان آهي. هرهڪ مضمون مان اميد ته پڙهندڙن کي چڱو اپياس ۽ رس حاصل ٿيندو. هي مصنف جي پهرئين ڪتابي صورت ۾ تصنيف آهي ۽ اميد ته علم دوست پوري طرح سان انجي حوصله افزائي ڪندا ۽ زياده جوهر ڏيکارڻ لاء انکي آماده ڪندا.

ممڪن آهي، بلڪ ضروري آهي، ته پڙهندڙ مصنف جي ڪن خيالن سان شامل راءِ نه ٿين. ممڪن آهي ته

ڪئي ڪو نه هيو نه هجي. ڪهڙو انسان آهي جو خطا کان خالي آهي! پر هن کان ڪو انڪاري نه ٿيندو ته مصنف هڪ صحيح راه ۾ قدم کنيو آهي. اهڙي نمونن جا مضمون سنڌي ۾ بلڪل گهٽ آهن. حقيقت ۾ اسانجي ڏيس ۾ ادبيات ۽ علمي مذاق ايتري قدر ڪم ۽ پست آهي جو هن قسم جي تصنيف لاءِ تحسين ڪرڻ واجب آهي. ڏاهن ئي ڇڱا ماڻهو هن طرف توجهه ڏيندا. ارمان آهي جو اڄ ڪلهه فقط عيب جوئي تائين تنقيد محدود ڪئي وڃي ٿي ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ ترجمن کانسواءِ گهڻو اصلي ادبي مادو ڪونهي.

مضمون ۾ انگريزي تعليم ۽ مغربي اثرات نمايان آهن. حقيقت ۾ اڄ ڪلهه يورپ تمام دنيا تي پنهنجو علمي ۽ تهذيبي سڪو جمائي رهيو آهي. هلندڙ جنگ برابر يورپ جي برن اثرن جو خوفناڪ ۽ ڏکوئيندڙ مظاهرو آهي جنهن کان طبيعت خراب ۽ دماغ پريشان آهي. پر اميد آهي ته هي هڪ عارضي مصيبت آهي ۽ اميد ته هن مصيبت ۽ خونريزي مان انسان ذات هڪ نئون گلستان پيدا ڪندي. ائين ٿيندو آيو آهي. غرض ته تهذيب ۽ ترقي هڪ خاص ملڪ يا قوم جو حصو نه آهن. ڪو سمو هو جڏهن هندستان دنيا کي علمي خزانن ۽ خوبين سان زيبا ڪيو. ڪو زمانو هو جو ايران ۽ مصر ۽ يونان دنيا جا رهبر هوا. ڪڏهن زماني مسلمان عالمن ۽ فيلسوفن پنهن جي ڪارنامن سان دنيا کي مستفيض ڪيو. اڄ يورپ

جهڙو وارو آهي. جن ڳالهين تسليم ڪرڻ کان اسانکي شرم ۽ انڪار ڪرڻ ۾ بلڪ فخر ڪرڻ آهي. حقيقت ۾ مغربي ۽ مشرقي، تهذيب الڳ الڳ آهن. تهذيب هڪ آهي مگر ان جا جدا جدا دور آهن، جدا جدا رخ آهن. سڄي ڌرتي اسانجو ديس آهي ۽ سڄي انسان ذات هڪجهڙي برادري آهي. ڪو ڀاڱو ننڍو ڪو وڏو؛ ڪو هوشيار ڪو جڏو. ساڳيو قاعدو قومن ۽ ملڪن سان لاڳو آهي. ”علم جي ڳولا ڪريو توڙي چين ۾ هجي“ توڙي امريڪا ۾ هجي. انهيءَ نقطهء نظر سان ئي ترقي ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ طريقي سان ئي يورپ ترقي ڪئي آهي. اڄ ڪله يورپ دنيا جو ڪو ڪتاب، ڪو مذهب، ڪو نظريه ڇڏيو آهي. اهڙي صورت ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته ڪو به دنيا جو حصو يورپ جي سياسي ۽ تمدني اثرن کان بچي ۽ بچي به ڇو؟ بچڻ معنيٰ محروم رهڻ. دوست تيرٿ جا خيال به اُميد ته انهيءَ نظريه سان پڙهيا ويندا.

حيدرآباد سنڌ

٢٦ نومبر ١٩٤٠

حيدر بخش الهداد خان جتوئي

فهرست

شاهه جو سنيهو	١
ممتاز دمساز	١٦
سنڌو	٢٦
آسماني اثر	٣٥
نسلي قوميت	٦٥
چاچو سرنڊائي	٩١
جوُٺ	١٠٠
ڇو پلا مان ڇا ڪريان؟	١١١
سنگيت سار	١٢١
ادو عمر	١٢٩
انجمن آزاد	١٣٦
ڪمال پاشا	١٤٥
جواهر لال	١٥٤
ڪنور	١٦٥
نالو	١٩١

Soorih Mirani

شاهه جو سنيهو

شاهه جو اسان لاءِ ڪهڙو پيغام آهي؟ ڪهڙو آهي سندس سنيهو جو اسان کي دل سان هنڊائڻ کپي ۽ جنهن تي پيروي ڪرڻ جڳائي؟ انهيءَ ۾ ته شڪ ناهي ته اسين سندس حقيقي وارث آهيون ۽ سندي هجڻ جي حيثيت ۾ اهو اسانجو اخلاقي خواه وطني فرض آهي ته ان بي بها ورثي کي پنهنجي دلين ۾ محفوظ رکون ۽ پنهنجي حياتيءَ کي ان سان خوشرنگ ۽ معطر بنائي ديس ديسانتر کي ان جو واس ونڊيون جئن انجي فيض کان ڪوبه محروم رهجي نه وڃي.

شاهه جو پيغام ڪهڙو آهي تنهنجو جواب البت هر ڪنهن جي دلي ۽ دماغي رغبت تي منحصر آهي. ڪي چوندا اهو پيغام آهي ته ”خيال ۾ وڃي خيال ڪماءِ خيال جو مطلب خيال ۾ آهه“. ”خيال ۾ وڃي خيال ڪمائڻ“ يعني دقيق ۽ تصوري خيال* ضروري آهي، ۽ ”خيال جو مطلب خيال ۾ آهه“ شايد ڪنهن فيلسوف يا يوگيءَ جو آديش ٿي سگهي ٿو ۽ شاعر جو

---

*Abstract thinking

هرگز نه. توهين چوندا ته شاهه يوگي آهي ۽ سندس شعر جي تاڃي پيٽي ۾ اڙي وارنگر فلسفه اڻڄاڻ، پوياڻ هرهنڌ ڏسڻ ۾ ايندو. تحقيق فلسفه بنان شعر بي معنيٰ ۽ ڪچڙو آهي ۽ شاهه بيشڪ يوگي آهي. پر شاهه اول شاعر آهي- اعليٰ شاعر آهي- تنهنڪري، مونکي اميد آهي، اوهانجو مون سان گهڻو اختلاف نه ٿيندو. جيڪڏهن اوهين مونسان ان رائي ۾ شامل آهيو ته پوءِ شاهه جو اديش ”خيال جو مطلب خيال ۾ آهي“ تي ڪيئن سگهي چاڪاڻ ته شاعر زنده دل انسان آهي ۽ سندس جيابو جيوت جي وچتر وهڪ تي منحصر آهي. هو دنيائيءَ جي *اندوهگين پر زيبا* ۽ رنگين جاوس جو هڪ جزو آهي. هو پنهنجي خدا داد طاقت سان ان ڪاروان حيات جو نقش چٽي ٿو ۽ ان کي سهڻو ڪارائتو ڪرڻ سندس طبيعت ۾ آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه چوي ٿو:

”جي رهڻيءَ رهيو نه سڀ ڪن ته ڪهڻيءَ ڪم ڪوهه“

اهڙيءَ ماں ثابت آهي ته شاهه جو مقصد فقط خيال نه، پر عمل آهي. اصل معنيٰ اها ئي آهي ۽ افسوس اسان وٽ ڪيترا اهڙا شخص آهن جن اها معنيٰ ورتي آهي ۽ تصوف جي اوٽ ۾ يا پنگه کي پير مرشد ڪيو اٿن يا اصل جي جانسوز غبارن ۾ غلطان ٿي ويا آهن.

---

*Sad *Beautiful

مان سمجهان ٿو ته شاهه کي اڃان سو سمجهڻ جي ضرورت آهي. هيلتائين ”سبحاني ما اعظم شاني،“ تصوف جي پيچيده فلسفه جو اڀياس ۽ عرب ايران ۽ هند ۾ انهي اتهاس جي اڀتار علمي معلومات لاءِ ڪافي سمجهي وئي آهي. شاهه ۾ اهي مسئلا پيش اچن ٿا ۽ انهنجو اڀياس ڪرڻ گهرجي. پر شاهه کي فقط مولانا روميءَ ۽ هندو جوڳين جي عينڪ سان ڏسڻ صحيح ناهي. مان نٿو چوان ته اهي اثر مٿس ڪونه هوا. پر شاهه کي اپتري ڌاري رنگت ڏيڻ واجب ناهي. منجهس جيڪو ذاتي جوهر آهي سو انهن اثرن کان گهڻو وڌيڪ آهي. شاهه جيڪڏهن فقط انهن اثارن ورتل خيالن جو ترجمان هجي ها ته شايد خود اسان سنڌين جي نظر ۾ سنڌس ايڏو شان نه هجي ها. مونکي شاهه لاءِ بي حد قرب ۽ *تڪريم آهي جا نڪي سنڌس تصوف جي نفيس نقطن جي شرح ۽ نڪي نيٺ سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي لياقت تي بدل آهي. مان سنڌي آهيان ۽ مونکي پنهنجي مفلس ملڪ لاءِ پيار آهي. هن ملڪ جو آتش خيز آفتاب ۽ وسيع ويراني جنهن جي روح اندر اثر هيٺ اسين پليا آهيون سو شاهه جي رڳ

---

*Reverence

رڳو مان بصد آواز نڪري ٿو ۽ راڳ ڏياچ وانگر اسانجي اثر پذير قلب ۾ عجيب آنند مانڊ ۽ جنبش اٿپن ڪري ٿو. شاهه نج ۽ خالص سنڌي آهي ۽ هن ملڪ جي ٿر ۽ بر، ڏونگر ۽ ماٿري، آسمان ۽ زمين جو يگانا مجسم روح آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه مونکي عزيز آهي. حقيقت آهي تہ تون ۽ مان جنهن سچائي، صداقت ۽ سوڀيا سان شاهه جي شعراڻي آرسي ۾ هوبهو پنهنجو پاڻ ڏسي سگهون ٿا تنهنجي خود اسانکي پروڙ ڪانهي. اسان جو سائنس جڳري سمبنڌ آهي جو اسان کي چڪي وٺس اٿون ٿو.

انسان کي ڪيتري بہ خدائي ذات چو نہ هجي پر هو پنهنجي زمين، زماني، قوم جو مطيع آهي. سنڌس عظمت جو سچو بنياد سنڌس ملت آهي. ڀلي تہ هو ٻڙ جي وڻ وانگر اسري آڪاش سان سر لڳائي پر پاڙون سنڌس پاتال ۾ آهن. جتان کيس غذا ملي ٿي جا کيس اسرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اسانکي فخر آهي تہ اسانجي ملڪ شاهه پيدا ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت شاهه کي فخر هو تہ هو سنڌي آهي. سنڌس رسالو انجو شاهد آهي. ڪيڏي نہ سنڌ لاءِ محبت اٿس! ڪيئن نہ اسان سيدي لطيف وڏن کي آسيسائون ڀيو ڪري. ڪيئن نہ ٿڏيءَ ٿڙيءَ بر بحر ۾

وطن لئه وساري ۽ ور ور ڏيهي پيو دعائون ڪري:

سانگين ۾ سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

شاهه جي شعر ۾ سنڌ جي رڃ ۽ سڄ، درياءَ ۽ جبل جي صدا بلند آهي ۽ ڪڇيون ۽ ڪرڙ پنهنجي پستيءَ جي شڪايت آسمان کي ڪن ٿيون.

مثال طور ڪوهستان ڏسو:

ڪرڙا ڏونگر ڪيهه گهٽي جت واڻن ٿي واري
آڏا لڪ لطيف چئي، ٻر سڄڻ ٻاري
ڪرڙا ڏونگر ڪيهه گهٽي، جت ٻرپٽ ٻيران
ڏاهن ڏاڍپ وسري، ٿنا حريف ٿي حيران
ڪرڙا ڏونگر ڪيهه گهٽي جت جبل گوناگون
لهڙن جون لطيف چئي تنگ تلوارون ٿون
ڪرڙا ڏونگر ڪيهه گهٽي جت رڻ تتورائو

آڏا ڏونگر ڪر ڪراهه، ويڪ، ونگايون ور وغيره

سر ديسي

جتي جڏن حسين پوڄهه سوڍيون ۽ سومريون ڪڏهن عالمگير عشق جي گرداب ۾ اٽڪي، حيراني ۽ پريشاني وچان اهي درد ناڪ دانهون ڪن ٿيون جي ڏونگر جي دل به ڏاريو ڇڏين. اسانجي ساهتيه ۾ شاهه بنان مونکي ٻيو ڪوبه شاعر نه سجهي جنهن هن ملڪ جي ٻي زبان

ڪميءَ، ڪاسبيءَ، هاريءَ، لاريءَ، ماڇيءَ کي
اهڙي فصيح زبان عطا ڪئي هئي. ڏسو ٿرين جي
رهڻي ڪهڻي ۽ ويهڻي ڇهڻي اُنس.

ور سي وطن ڄائيون، سڱرا سڄڻ
گولاڙا ۽ گگريون، اوچا اباڻن
ويڙهيا گهمڻ وليون، جهانگي منجهہ جهنگن
مونکي ماروئڙن سڀ ڳڻائي سيج ۾.
پلر پيهڻ، اوچا ان، جنهجا پير مٿي پٽ پاڪ
وهن وراڪن ۾، ان جي اجوڪي اوطاق
پاڻ نہ پسن پاڻ کي، ويچارا بي باڪ
عمراوءِ نہ عاق، ڏکڻا جم ڏکوئين.
آڻين ڪين چاڙهين، ڏٿ ڏيڻائي سومرا
سٿا ڪيو سيد چئي، ساٿون سڪائين
منجهان لنب لطيف چئي، چاڙ ڪيو چاڙهين
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙي سين.
هن مند مارو سنڌرا، ڪاٿر ۾ خوش حال
ساٿون، سيارڇي، مکڻي، جيڏيون آڻين جال
سٿيءَ جي سيد چئي، ڪا ساڙيهہ منجهہ سيال
لڳن تان لطيف چئي لوئي لاهہ م لال
پلو ڪندو پال ميڻهن وسندا موٽ تون.

سرمارئي

سنڌ جو ڪو ماڻهو، مرون، ٻڪي، وڻ، ٻوٽو ڪونهي جنهن ۾ شاهه اڻون روح نه ڦوڪيو هجي. شاهه جي شعر مثل ملڪ زنده ڪيو آهي ۽ اسانکي نفيس اڪ عطا ڪئي اٿس. اها اعلي ترين وطن دوستي آهي. پل انگريز پنهنجي سلطنت جي هام هڻن ۽ فرنگي جنگ و جدال لاءِ هموطنين کي آماده ڪن پر اهي قومي ترانه شاهه جي شعر سان پيٽي نه سگهبا.

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه
مت منهنجو بند ۾ قيد م ڪريجاهه
پر ڏيهائي، پرينءَ ري ڏاڙم ڏريجاهه
تڏي وسائجاهه ٿرن، مٿي مٽي متاهه
جي پويون ٿي پساهه، ته نجاهه مڙهه ملير ڏي. سورمارئي

سنڌس حب الوطني هڪ قسم جو ڏيک، ملمع، اڀمبر ناهي ۽ نڪي بيهودي لپاڙ، لاف، بطلان آهي. سنڌ ۾ نڪي آهن ڪيلاس جون فلڪ شگاف بلند بون ۽ نڪي ڪشمير جون رونق افزا ٻليون ۽ شاليمار باغ جتي سرو چنار صنوبر وڻ سبز گاهه ۽ خوشرنگ گلن جي پٽ تي پريزاد پوپٽ وانگر پيا لڏن لمن ۽ نڪي همت صنعت ۽ ثروت سينٽ پال، ورسائيل، پانسبئر، ڪريملن اڏي آهي يا شڪوڻا بروڊن، ڪرپ، فورڊ جهڙا

ڪارخانا ناهيا آهن جن تي ناز ڪجي. سنڌ مفلس ملڪ آهي ۽ شاهه جي زماني ۾ مفلس ٿرهو. جيڪڏهن ڏيان ڏيئي پڙهبدا ته شاهه جي اندر ۾ وطن جي محبت سان گڏ انهي مفلس حالت تي حسرت پڻ ڏسڻ ۾ ايندو. اهوئي سبب آهي جو سنڌس وبچار اڪثر ڏٺيءَ در ڀرارتنا آهن. ڏسو سر سارنگ:-

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڃايلن جي
پاڻي پويج، پٽن ۾ ارزان ان ڪريج
وطن وسائيج، ته سنگهارن سڪ ٿئي.

حڪم ٿيو بادل کي ته سارنگ سان ڪجن-
وڄيون وسڻ آئيون ته، ته ميهن تون
جن ڏهاڳو لهي ميڙيو سي ٿا هٿ هڻن
پنجن مڏجهان پعدرهن ٿيا ورق ائين ورن
ڏڪاريا ڏيهه، مان موزي سڀ مرن
ميهون پاڻمراديون ٿڏا ٿر چرن
وهڪي جن ورهيه ٿيا موٽي سي مڙن
وري وڏي وس جون ڳالهيون ڪيون ڳوارن
سهڻ چي سين آهه تنهنجو آسرو.

موٽي مانداڻن جي پري ڪيائون پنڌ
وڄون وسڻ آئيون سارنگ چڙهيو سيڌ
تڏهن نوريءَ نوازيو ڪٺي ڏوٿا ڏيٺي ڏيڌ
پڄ ڪٺي پٽ هليا هاري مڇهان هيڄ
راضي منجهان ريڄ عالم سڀ آباد ٿيو.

اڄ پڻ اميد آگم سندي اُڀ ۾
ساوڻ پسي سرتيون سڄڻ ساريو مون
آءُ آسائتي آهيان مانهن پڄائي پون
گهر ته گهرجي تون مد مڙيئي ميهن جي.

آئي مد ملهار، آئي ميگهه ملهار
آءُ ڪڏهن ڪنديس ڪپڙا
وسڻ جا ويس ڪيا اڄ منهنجي يار
لار ڪيئندي وڄڙا پيس پييا وار
پکي آءُ پرچي لهه سيد تون سار.

شاهه سڄو ديش پيگمبر آهي پر سندس وطن دوستيءَ جو دائرو تنگ ناهي. شاهه صوفي آهي پر سندس صوفيپڻو فقط وهم ناهي. خيال جيڪڏهن عمل ۾ نه اچي ته ڪيراءُ* جهڙو عظيم گناهه آهي. هن عجيب

---

*Abortion

عالم ۾ خيال اوائل کان ڪنهن ۾ پنهان پريت وانگر پيو ٿوي. هو هر هنڌ موجود آهي. پر جيسين ڪنهن زنده دل انسان ان کي جهٽيو نه آهي، تيسين ئي اثر مردوده آهي. پر هڪڙو جيڪڏهن ڪو افضل آدمي ان کي پنهنجي روح اندر جاءِ ڏئي، پنهنجي سرخ خون سان پالي نپائي ته اچانڪ ان ۾ اهو برقي اثر پيدا ٿئي ٿو جو عرش ۽ فرش زلزلي ۾ اچيو وڃي ۽ نئين قوم، نئين تهذيب، نئون اخلاق، نئون زمانو جريان ۾ اچيو وڃي. شاهه صوفي خيال جهٽيو ۽ انتي پنهنجي روح جو رنگ چاڙهيو جنهن سبب سنڌ اندر هو نئين زماني، نئين ادبيت، نئين اخلاق ۽ نئين قوم جو صاحب ٿي پيو. سنڌ جي تواريخ ان جي شاهد آهي ۽ سنڌ جو ساهتيه فقط اُن اُمنگ جي گونج آهي. چوهن صوفي خيال جهٽيو ان لاءِ ڪيترا قوي سبب آهن جنهان مکيه اهو آهي ته اسان سنڌين جو نسل ملاوتي آهي. هن مقدس ملڪ ۾ ڪيئن مصيبت زده قومن واسو ڪيو آهي ۽ پاڻ ۾ رلي ملي هڪ قوم ايجاد ڪئي اُن جا اسين سنڌي آهيون. اهڙي قوم طبيعتا سرود يسڪ* ٿيندي ۽ ٻين قومن ۽ مذهبن ڏانهن سنڌس رخ دوستيءَ ۽ همدرديءَ جو ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو-

---

*Cosmopolitan

صوفي سڀ سڀن ۾ جڳن ڏڳن ۾ ساھ

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن
اٿين پيا چون ته پرين ڪجو پانهجو

توهان مان ڪن شايد والٽ وٽمن پڙهيو هوندو؛ ڏٺو هوندو ته ڪيئن هو گورن ڪارن، سانورن پيلن کي مخاطب ٿي چوندو ته اي ادا، اچو ته اوهان کي ڀاڪر پيڙو ڪري سيني لڳايان. وٽمن جو شعر ويهين صديءَ جي بشريت سان لبريز آهي. رومين رولان، ريمارڪ، باربوس بادوين پڙهو يا ورڊ سورٿ جي ٽنٽرن ايبي ۾ "انسان ذات جي شيرين محزون آهنگ" ڏي ڪن ڏيو ته اوهان کي پروڙ پوي ته انهيءَ جذبي ۾ ڪيڏي نه صداقت ۽ سچائي آهي. انهيءَ وشيه تي ايترو ته ساهتيه آهي جو انجي هتي مفصل اپتار غير ممڪن آهي.

منهنجي ناقص عقل ۾ سچو صوفيپڻو وحدت ڪثرت، جزي ڪل تي وعظ ڪرڻ ۾ ناهي پر آدميت يا بشر دوستيءَ ۾ آهي. هو آدي خيال ۽ هي آهي ان خيال جو زميني زندگيءَ ۾ عمل. ٽئگور پڻ گيتا نجليءَ ۾ ان جي اپتار ڪئي آهي.

هي اڇارڻ، هي ڳائڻ وڄائڻ، هي سمرڻ سورڻ ڪٿي ڇڏ.

ڊر پوري مدر جي اڪيلي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ڪڏهن کي تو آراڌين. اکيون کول ته تنهنجو ڌڻي تو اڳيان آهي يا نه.

سچ آهي ات جت هاري سخت زمين تو کيڙي ۽ مزدور راهه سازيءَ لاءِ پٿر ٽو ڪٽي. تنهيءَ تڏيءَ، جهڙيءَ ڦڙيءَ هو سندن همراهه آهي. ڏس، سندس ڪپڙا ميرا مٽيءَ سان ڀريل آهن. تون به پنهنجو پاڪ جبو لاهي ڦٽو ڪر ۽ هن جيان ڌڌڙ ۽ دز واري زمين تي لهي اچ.

نجات - اها نجات ليندي ڪٿي؟ خالق خود خلقت جو سنگين ڪم پاڻتي هموار ڪيو آهي. هو سدائين اسانسان پاڻهن ٻيلي آهي. اڙي، اهي اجايا فڪرات ڇڏي نڪري اچ. اهي واس ڌوپ، گل ڦل ڪٽي ڇڏ. تنهنجو لباس ليڙون ٿيو يا داغيو ته ارمان ڇاجو. اچ اچي هن سان مل ۽ رت چڪو ڏئي پت چڪي تي گذران ڪر.

اهو آهي سچو صوفيپڻو جنهن کي آدميت يا بشريت* ٿو چوان. اها آدميت شاهه جي شعر ۾ هر جا نمايان آهي.

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون لکن لک هزار

جيءَ سيڪنهن جيءَ سين ڊسن ڌارو ڌار

پريم انهنجا پار ڪهڙا ڇڪي ڪهڙا ڇٽان.

---

*Humanism

سندس همدردي سوديسي آهي ۽ جڏهن پنهنجي وطن کي آسيس ڪريٿو تڏهن پڻ کي وساري ٿو.

سانيڻر سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم آباد ڪرين.

نه فقط ايترو پر ڪا به جاندار شيءِ، ناهي، ڪو به فطرت جو نظارو ناهي جو کيس ڪشش نٿو ڪري. حسن پرستي ته سندس نس نس مان پٽي بکي. ڏسو ته ڪاڪ تي محبوبي مهانڊن جو ڪيئن تو ذڪر ڪري:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش
پسيو سونهن سيد چئي نيهن اچن ليش

ڪٿي نيرط خمار مان جان ناز ڪيائون نظر
تارا ڪنيون تاٻ ٿيا ديکيندي دلبر
سورج شاخون ڇڪيون ڪوماڻو قمر
جهڪو ٿيو جوهر جانب جي جمال سين.

دوستو، اها حسن پرستي ۽ بشر دوستي ۽ فطرت آميزي آهي جڏهن فرنگ جي ادبيت کي جبري تقويت ڏني آهي ۽ سندن تهذيب کي اهو رنگ، اهو جذبو اها حرارت ۽ جنبش عطا ڪئي آهي جا فقط فلسفه جي نفيس نقطن ۽ اخلاقي هدايتن م تي نٿي سگهي

شاهه کان پوءِ اٽڪل ڏيڍ صدي سنڌي ساهتيه تان ڄڻ ٻڪي، وانگر هڪ محدود چڪر ۾ پئي ڦريو آهي. شاهه جهڙي منور آفتاب پٺيان جيڪڏهن ڪئين گرهه صدي ڏؤرو ڪن ته اهو عجب ڪونهي. ٻين ملڪن ۾ پڻ اعليٰ هستين جي اثر اهڙا مجاور پيدا ڪيا آهن. هر تهذيب کي درخت وانگر ٻالڪپڻ، جواني ۽ ٻڍاپو آهي. سنڌس ترقيءَ جي قوت، دائره ۾ مدو محدود آهي. ٺهڪري انهيءَ تصوفي اثر کي به حد آهي جا هيءَ ملڪ لنگهي چڪو آهي. هينئر انهو دائره اهائي تنگ آهي ۽ ان ڏس ۾ وڌيڪ ترقي ڪرڻ ناممڪن آهي. گذريل اڌ صديءَ اندر سنڌ تي ڪئين عجيب ۽ غريب اثر آيا آهن. انهن اثرن جو نتيجو مرزا قليچ بيگ، ديارام وغيره جي پستڪن مان پڙهي سگهبو. گهڻو ڪري سنڌي ڪتاب يا ته ترجمو آهن يا ٻين تان ورتل ٽيڪائون آهن. انهيءَ وچ ۾ سنڌي زبان جي ڪوجها ۽ چڱي ٿي آهي. پر هڪ ڳالهه جا ٻڌهه، مايوس ڪندڙ آهي سا اها ته اصليت ۽ نوَ ايجادي* اسان وٽان ٻڌ ڪري اڏامي ويئي آهي. ترجما ضروري آهن خاص ڪري دنيا جي مکيه علمي ۽ ادبي ڪتابن جا. هيلتائين ويل چيل ڪم ٿيو آهي ۽ ڪئين ٻهه رواجي پستڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن

---

*Originality and invention

ٻو دنيا جو اعليٰ درجي جو اتهاس اسان وٽ اڃا عدم پيدا آهي. موجوده ليکڪ اڪثر ٻراون ٻورهين تي ٽڪيندڙ آهن ۽ گهڻن ۾ ڪافي علمي تميز ڪانهي جنهن سبب اسان جي علمي دنيا مصنوعي، فضول ۽ بي معنيٰ ٿي لڳي.

انهن افسوسناڪ حالتن ۾ ڦيرو اچڻ کپي ۽ ضرور اچڻ کپي. ملت جو ساهه ساهتيه ۾ آهي. سنڌ ۾ هينئر ساهه ٻوڙ لڳو آهي ۽ جت ڪٿ نئين اسرندڙ حياتيءَ جا آثار پيا بکن. هي نازڪ وقت آهي جنهن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ ته شڪ ڪونهي ته اسانکي پنهنجو پاڻ تي ياڙڻ کپي ۽ جيتوڻيڪ ايپاس، خاص ڪري فرنگي ادبيت جي عظيم الشان خزاني جي ايپاس جي سخت ضرورت آهي ته به اسانجو ساهتيه فقط پنهنجي زمين ۽ زمان جي دائري ۾ اسري سگهندو. تنهنڪري مان سمجهانٿو ته اسانکي شاهه جو ايپاس نئين نقطه نگاهه سان ڪرڻ جڳائي. شاهه اسانجي ادبيت جو ابو آهي ۽ جيڪڏهين اسان ۾ ڪافي علم ۽ ذاتي جوهر آهي ته اسين سنڌس گنج ۾ اوس ٿي نوان هيرا ۽ جواهر ڳولي لهنداسين جي اسانجي آئنده کي مالا مال ڪري ڇڏيندا.

ممتاز دمساز

قسمت ساڳي هت اچي ڦٿو آهيان. هن فصل ۾ شاهپور چاڪر جي هوا خشڪ ۽ سرد هئڻ سبب صحت بخش آهي پر سئينٽري ڪميٽيءَ جي چوندن وايو منڊل غليظ ۽ روڳي ڪري ڇڏيو آهي. بشري ٻس فطرت جي ڏپ پيٽي اچي. ٻن ڪلاڪن جي گفت و شنيد بعد يت بيزار، من ملول ٿي پيو اٿم. دل ٿي چوي ته هن مد مغز ماليخوليا ۾ مبتلا سينين جي سنگ مان نڪري ڪنهن نويڪلائي ۾ وڃي آرامي ٿيان.

شهر جي دن ۾ ٻه ٻهريءَ لاءِ هڪ ماڙي ملي اٿم. اڪيلو آهيان. حق ڪوڙ اٿم پر ڪنهن ڪتاب جي ڳولا ۾ جارن جي ٽوس ٽوس پيو ڪريان. سبحان الله، ڳاڙهين بندين جي ٻه هيٺ هڪ پراڻو، قائل، مس جا ڇٽا لڳل، ويڳاڻي ۽ ويسريل حالت ۾ پيل ڪتاب هٿ چڙهي ويو اٿم. الله ڪان پيو ڪي گهران ها ته ملي پوي ها. پر هي گنج ڪا معمولي نعمت ناهي. ننڍپڻ ۾ جڏهن امڙ پرت ۾ مشغول هوندي هئي ۽ اباڻي ماڙيءَ تي ڪتابن سان وندر ورلهن ڪندو هيس، تڏهن هن ڪتاب جي بي نظير افسانن مان عجيب راحت ملندي هيم ۽ معصوم دل جي تازي ڦٽندڙ مکوي بهار بهار ٿي

ٻوندي هئي. اهڙيءَ وقت خيال جي وهان تي سوار ٿي ولاتون واسيندو هوس. عشق ۽ غم ان ابوجهه اوستا ۾ ٻي معنيٰ لفظ هئا ڀر سندن عڪس اندر ۾ طوفان برپا ڪندو هو ۽ صادق ساده دلي وچان گرم لڙڪ لاڙي ٻوندا هئا. بيشڪ ان ڪتاب مان، خيال کي تقويت ۽ دل کي آٿت ملندو هو. ڪهڙو عجب جيڪڏهن هيمشه ان ڪتاب ڏسندي، گذريل زماني جا ورق اکين اڳيان ورڻي اچن، سنڌ سور جاڳن، نيڻ ٽمن، امڙ ياد پوي، دوست دلبند......

ممتاز دمساز ۾ موسيقي آهي. ماڻي، منوهر، مڌر نمولي اُچار يا وڏي واڪي پڪار ته يڪدم اُن آواز جي لرزش تنهن جي رڳن کي رباب ڪندي. جي معنيٰ تي غور ڪندين ته ممتاز جو هن قديم قصي جو روح روان هيرو آهي سو ٻين کان صدبار بهتر، اعليٰ، ممتاز ڏسڻ ۾ ايندو ۽ سندس چڱن جو يار- دمساز- سندس جيءَ ۾ جڙيل، قرب ۾ ڪڙيل"، صادق ۽ سچو دوست- دمساز ثابت ٿيندو. هن ڪتاب جي هر ناليَ کي پنهنجو لطف آهي پر جڏهن آواز ۽ معنيٰ ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ رنگين تار وانگر ولهي وڃن تا تڏهن

مصنف جي ماهيت مقبوليت کي رسي ٿي. مهاسندري، ڇا صورت ۾ ڇا سيرت ۾، ڇا راڳ ۾ ڇا ناچ ۾، ڇا حيا ۾ ڇا علم ۾ مها-سندري آهي. خود ديوتائن جو سرور اندر مٿس اکن ڇڪن آهي. ماهه طلعت بدري الجمال هئڻ سبب چوڏس جي چنڊ جون سڳون ٿي لاهي پر بوقلمون جادوگر پنهنجي بهرنگي طلسم ۾ بوقلمون کان هرگز گهٽ ڪين آهي. ڪتاب اوڏو نه اٿم ۽ لکي سوري ڏؤر جو ويڇڙائيءَ ۾ موقعو مليو اٿم نه ته نالا ڇٽي، خوبيءَ خصلت سميت نروار ڪري ڏيکاريان. هيمشه من جي قلم تي فقط کي جهڪا ۽ ڇپا ڏها رهجي ويا آهن جن جي قلم ڪاريءَ جي ڪوشش ۾ آهيان.

توهين چوندا ته نالي ۾ ڇا هي. نالو رڳو سڪطو آواز آهي. ڀلا آهيو. **هٽلر** جيڪڏهن پنهنجي اصلوڪي نالي **شڪلگروبر** ۾ هجي ها ته ڀانيو ٿا ته جرمن اهڙو مٿس فدا ٿين ها يا دنيا ۾ سندس نقارو وڄي ها. توهين سمجهو ٿا ڇا ته روسي انقلابي **جوزف وساريو نوويچ جگاشولي** کي پنهنجو مهندار ڪن ها يا دنيا جا پورهيت ۽ مظلوم **لاديمير اليچ يوليانوف** مٿان ٻلهار وڃن ها. جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته **شڪلگروبر**

۾ **جڳاشولي** جو ميلاپ جنگ بين الملل جاري ڪري سگهي ٿو يا **يوليانوف** شاهوڪارشاهيءَ جي جسم ۾ سيسرانت وجهي سگهي ٿو ته ڀلا آهين. ڪل ٽڙڪي اٿيئي. مان انهو سمجهان ته **شڪلگروبر** پنهنجي خلق خدا جي مست ٿي ملڪن ۾ مانڌاڙ وجهي ڏيندي. **هٽلر، اسٽالن، لينن** ۾ ڪشش آهي جا چقمق وانگر دلين ڇڪي ٿي. پر **شڪلگروبر، جڳاشولي** ۽ **يوليانوف** ۾ ڇرڪ آهي جو تو مون جهڙن کي ناهي چڙهي ٿو.

هن ڪتاب جي خوبي فقط نالن تائين محدود ناهي. هي ڪتاب هڪ ڪتاب ناهي پر چيني ڊبليءَ وانگر يا تاج محل جي ڀڙل ڀليان (تهخانه) وانگر افسانه اندر افسانه، ڪهاڻيءَ اندر ڪهاڻيءَ سان جهنجهيل آهي. نويڪلائي ۽ واندڪائي جي زماني جي پيداش هئڻ سبب سندس قافلو منزلون ڪندو، ساهيون پٽيندو پيو هلي. وڏي ۽ ڪشادي ڪئنوس ڪري سندس درياهه جو وهڪرو ماٿرين مان گهمندو، بيابانن مان وڙهندو ۽ ورندو لڙندو ليٽ اچو ماڳ مڙي ۽ جڏهن سندس ڇوڙ عربي سمنڊ ۾ ٿئي ٿو تڏهن پڙهندڙ خاطريءَ سان چئي نه سگهبو ته انتها ڪيئن يا شاهه بدر وٽ

جو ٽپڻ ڪيندي هئي. جيڪڏهن مصنف چاهي ها ته بنا تڪليف ڪيس راس ڪماريءَ ٽائين پهچائي ڇڏي ها. البت ڪٿي ڪٿي عمل جي تيزي ۽ آڪاٽيءَ جي تيز رفتار مان معلوم ٿئي ٿو ته دريا هيٺ جبل جهاڳڻ، لڪ لنگهڻ، بلندي ٽپڻ پر آهي. ان وقت خيال آهوءَ وانگر ڇال مارڻ، يا تير انداز جي ڇڪيل ڪمان وانگر زور ۽ تعديءَ جو اثر پيدا ڪري ٿو. دل ڌڪ ڌڪ ڪري ٿي، منهن مڙڻ ۽ اک ٽڙڪڻ کان آر ڪري ٽڪ ٽڪ ڪيو وڃن ٿا. ورقن پٺيان ورق ورن ٿا ۽ سڀ طرف ريل وانگر خيال لاهه چاڙهه، سرنگهه خال ٽپندو وڃي ٿو. ان وقت بيهڻ، ڪر موڙڻ، پاسي ورائڻ جو موقعو ناهي. فقط وهڪرو، تند ۽ تيز وهڪرو آهي جنهن تي ويچار ڪشتي ڇوهه مان رقصندي رهگذر ٿي ٿي.

هي سفر بيشڪ سفر جون سڪون ٿو آهي. سفر ڪهڙو؟ قسمين قسمين، اڏند ڪٺوليءَ تي چڙهي ڪشادهه ۽ وسيع مناظر تي سرسري نگاهه، پالڪيءَ ۾ ويهي قديم شهرن ۾ روزاني زندگيءَ جي جلوس جو ملاحظو، آنب تي چڙهي پربت اوراڳهي تماشو ويل جڏهن افق آسمان کي آتشي رنگن سان زيبا ڪري ٿي،

۽ ٻڌي ڪَن مؤذن هو مدن تي نماز لاءِ بلند آواز صدا
ڪري ٿو تڏهن ڪاراونسراءِ ۾ اچي منزل هڻ ۽ رات
وڃي مچ وٽ مڙي، تاجر ۽ تفنگچي، امير ۽ فقير،
لوٽي ۽ لغور، عالم ۽ دينندار، ڌاڙو ۽ چور سان روح
رهاڻ ڪري مغز کي سيدن عجيب و غريب صحبت
سان واسي ڇڏي، دارالمجانين جي احمقن جي اڙٻنگائن
کان آگاهه ڪجي، ڪڏهن ڪنهن ڪُڙڇ ۾ ٽپڙ وڇائي، ليٽي
پوڻ بلڪ ٿڪ سبب لهي پوڻ ۽ نرسيني ننڊ جي
آغوش ۾ ليٽجي، ٻي سر تيءَ ۾ سر تي وڃڻ جو بي نظير
موقعو جيڪڏهن ماڻو اٿو ته انجو عين عڪس هتي
ملندو. جيڪڏهن **ڊڪنس** جي ڪڙي ۾ گهمندڙ انگريزن
کي دائمي زندگي بخشي آهي ۽ **مڪابر، يورياهيپ،**
پيگٽي ۽ چاچي ٽراٽ ووڊ، اڳنگس ۽ دورا کي
بشري فطرت ۽ مذاق سان معطر ڪيو آهي يا **سڪاٽ**
جاگيرداري انگلنڊ کي عين ٻين جيئيو آهي ته ممتاز
ڊمساز جي گم نام مصنف پڻ وسان ڪين گهٽايو آهي.
البت **ڊڪنس** واري السالي رنگمه، اتفاقي آڪاس
جوش، ڪارن ڪڪرن ۾ وڄلي جو چمڪاٽ ڪر آهي
ٻو جدا جدا قسم جون جنسون هتي نه گهٽ ڪين آهن
۽ مصنف جو ذاتي لاڙو ۽ همدردي پوشيده ۽ پيچدار

نمولي پڪيل ڏٺي وانگر نمايان آهي. انهيءَ زماني جون حالتون صاف ڪلاميءَ، ننگي مثال جي خلاف هيون ۽ شريمتي ويچار ديوي پنهنجو درسن پردي پوش نازنين وانگر لڪي ليئا پائي ڏيندي هئي. شايد انهيءَ ۾ پنهنجو لطف آهي ڇاڪاڻ ته نقاب ۾ زشتي يڪڻ ۽ قشنگي دلڪش نمولي آشڪار ڪرڻ جي خوبي آهي جا اوگهڙ ۽ برهنگيءَ ۾ ناهي.

عشق بنا افسانو اڪثر الوڻو، ايوڳو ۽ ڪچسو آهي. مسائلي گيان، اخلاقي ايثار، وحدتي ويچار، يڳتي ياءَ ڪي پنهنجي خاصيت آهي پر عام ريت مجازي عشق ۾ جا گرمي ۽ حرارت آهي سا ٻي هنڌ ملڻ محال آهي. اک ۾ آبي تجلو، رخسار تي سفيد بادامي گل واري ڪرمز ڇٽ، گفتار ۾ شيرين فصاحت ۽ چلڪ جهلڪ، رفتار ۾ ناز نخرو ۽ لچڪ لوڏ، ۽ سيب کان وڌيڪ تندرست، سگهي، سرخ گوشت جي سرهاڻ جنهن مان نفيس احساس، افڪار ۽ دلربائي بهار جي گلن وانگر ڦٽي نڪرن ؛ سبحان الله، تنهن ۾ جو جلوو ۽ ڪشش آهي سا ساڌائي سڪل ۽ زرد ڳٽي ۾ ناهي. هو رت سڪائي، جسم روڳي ڪيو ڇڏي، ته هو سڪل شاخ ۾ نئون ساهه ڦوڪي، خون جو ڏورو وڌائي خوشرنگ

۽ خوش حال ڪيو ڇڏي. عشق آهي آتش. سج
وانگر سندس آگ جيءَ جلائي ٿي ۽ جيسين اها آتش
موجود آهي تيسين هي مٽيءَ جو پتلو خورشيد وانگر
جهلڪي ۽ چمڪي ٿو ۽ ڪارو ڪوئلو به هڪوار روشن
ستارو ٿيو پوي. ازان سواءِ آخرت ترش ۽ تلخ طبيعت
جو آخرين سهارو آهي. زنده دل انسان جي پوپٽ
وانگر هن دلربا گلزار مان گهڙي پل واس وٺي
وشو جي اپار آڪاش * ۾ بدبدي وانگر غائب
ٿي وڃن ٿا تن لاءِ جيئرا جاڳندا ماڻهو خاص اهميت رکن
ٿا. اهوئي سبب آهي جو ساهتيه جي سونهن، ڪوتا
جي ڪلا، ناٽڪ نگاريءَ جي مٺيان، قصي جي دلچسپي
عاشقانه اثر تي منحصر آهي.

تنهنڪري جنهن زرين تار ۾ موتي پوئجن ٿا ممتاز
دمساز ۾ علحده ڪارناما عشق جي ڌاڳي ۾ پوئل آهن.
ممتاز جي پنهنجي محبوبه بي نظير بانوءَ لاءِ تلاش هڪ
قسم جي وير ڪاويه ‡ آهي جنهن جو روح روان †
عشق آهي. الهيءَ لاثاني عشق سانگي ڪيس
ڏک ڏوجهرا ڏسڻا پون ٿا. پٽڪندي ۽ ووڙيندي
ڪيس ڪئين بي بها نعمتون ٻڙ پون ٿيون، حسين

*Space ‡Epic †Motive power

حورون ملن ٿيون پر ھي عاشق صادق پنھنجي
مقصد کان نہ ٿو ھٽي. اتفاقا ڪيس تجربن مان اڪثر
پوي ٿو پر اھي تجربا اھڙا آھن جن مان ماضيءَ جي
حالتن جي سمجھ پوي ٿي ۽ اسين ٽي سؤ ورھيہ اڳ
جي سماج جي ڪاروبار کان واقف ٿيون ٿا. ڪيترا اھڙا
نقش چٽيل آھن جن جي تصديق تواريخن ۽ سفرنامن
مان ملي ٿي. درحقيقت ھي ڪتاب سفرنامي، تواريخ،
عشقي افسانن جو مجموعو آھي. وگياني کوجنائن ۽
نو ايجادن کان اڳ، پي لغار خيال ڪيئن آسمان تي ٽي
اڏاٽو، طلسم تي مدد پائين، رابيلي وانگر آئينده جي
حيرت انگيز حرفت ۽ عقلي ڪيڏ جي پيش بيني تي
ڪيائين سو پڙھ جھڙيءَ ريت، سليس، وزندار، سنجيدي
لڪشيءَ ۾ نروار آھي.

توھان شايد **افلاطون** جي جمھوريت يا **مور** جي
ابرآباد * پڙھي ھوندي. ممڪن آھي تہ **ويلس** جي
ھوائي قلعن ۽ جديد ابرآباد جو بہ ملاحظو ڪيو ھجي.
مغرب انھيءَ ڏس ۾ ڪيترن لغڙ اڏايا آھن. مشرقي
دماغ تي مذھبي غبار ڪري وئڪت ۽ جنت اصلي
روپ ۾ لٿي پاسي. پر الدر جو اولياءَ شاھدي ڏيندو تہ

*Cloudland or Utopia

غلمان ۽ حورون، ايسرائون ۽ گندرو خشڪ طبع، پاڪ باز لاءِ هرگز ناهن. اهو لطف تو مون جهڙن لاءِ آهي. جيڪڏهن ذاهد ۽ پاڪ پرست آخرت جو مدعي آهي ته اسين هن حيرت انگيز زمين جنهن جي هر خاڪ جي ذره ۾ حسن ۽ هيڪار آهي تنهن جا محافظ آهيون. انهيءَ سبب ابرآباد دماغي دنيا ۾ ڪا نئين چيز ناهي. هن ڪتاب جي لکندڙ کي، ڪا چنڊ جي چپيت، چريائي، خفت تو لڳو ڏسجي جنهن ڪري وينو من جا مانداڙ مندي، طلسمي قلعا اڏي جت دائمي بهار ۾ سدا گلاب پيا ٽڙن، معشوقي مهاندا پيا ٻهڪن، دليون پيون ٺهن، صراحين مان انگوري شراب پيا اوتجن ۽ جيءَ جسو مخمور ڪري هڪ مستاني، محبوبي، ميءِ نوشي، مطربي دنيا اکين اوڏو اچيو وڃي. البت هن مشرقي ابرآباد ۾ عمق ۽ گهرائي ناهي. فقط سمنڊ جي مٿاڇري تي فاسفورس جا چلڪندڙ ذرا جهرمر لڳائي بيٺا آهن.

ڪتاب جي ٻولي ڪن هنڌ شاعرانه جامو پهري دل جي اڏمن کي اوتي ٿي، ڪن هنڌ ماتمي لباس پهري اندوهگيني اختيار ڪري ٿي، ڪن هنڌ خوشي ۽ هيجه مان ٽهڪي ۽ ٽلي ٿي. مطلب ته ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي ۽ الف ليلي، حاتم طائي، انجمن آرا جي زماني ۽ جنس جو هئڻ سبب دل کي وندرائڻ ۽ مغز کي طراوت ڏيڻ جي سامگري مدجهس جهجهي ديسو آهي.

سنڌو

اي سنڌو، جڏهن تون واديءَ مان وهين ٿي تڏهن انيڪ ڦل ڦول پاڻسان آڻين ٿي. تنهنجو پاڻي پوتر آهي.

اي سنڌو، تنهن جي وهڪ جو آواز ڍڳي وانگر آهي. جڻ گانءِ پنهنجي ٻچي کي تيج ڏارائي، تڻ تنهنجون شاخون ٻو ۽ ٽر سيلابين ٿيون. تون سيناپتيءَ وانگر فوجون وٺي وڏي شان شوڪت سان نڪري نروار ٿين ٿي.

اي سنڌو، تنهنجي سوڀيا جي ڪهڙي مهما ڪريان. تون عروس البحر* آهين. تنهنجي چال ۾ نووريليءَ ڪنوار جو نازو انداز آهي.

اي سنڌو، تون سنتن ۽ مهاتمائن جو آستان آهين. تنهنجو جل امرت آهي. (رگ وید)

مٿيان شعر سادا ۽ سليس آهن. شايد ڪنهن زنده دل وطن دوست جي دلشادگيءَ جو اظهار ڪن ٿا. منجهن اسانجي ابن جي پاڪ ۽ روشن روح جي صداقت ۽ لطافت پيئي ٻکي. چونا ته ويدن ۾ سنڌوءَ نسبت ڪل ٧٥ شلوڪ آهن. انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ کي "وتنا" ۽ "سوساما" ڪري به سڏيندا هوا جو پوءِ

---

*Bride of the Sea

ستين قوم "مٺا مهراڻ" ۾ تبديل ڪيو. سوساما جي معنيٰ شيش ناگ آهي. شايد سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ گهڻا منهن ۽ ڍنڍون ۽ ور وڪڙ ڏسي اهو نالو مٿس ڏنائون. سنڌوءَ جي معنيٰ آهي درياه. هندو ۽ اندو انهيءَ ساڳئي شبد جا اپڀرنش آهن. اوائل ۾ سنڌو-سرسوتي واديءَ ۾ جي لوڪ رهندا هوا تن کي سپت سنڌو يا هپت هندو چوندا هوا ڇاڪاڻ ته انهي ملڪ ۾ ست نديون وهنديون هيون. سامي قوم جي روايت موجب سنڌو ۽ هندو حضرت **نوح** جي پٽن **شيم** ۽ **هيم** جي نالن تان ورتل آهن پران ڏند ڪٿا ۾ گهڻو وزن ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

سنڌو موجيلي ۽ آواره گرد (رولو) ندي آهي. جنهن کي نوازي تنهن کي ڀائي، پر جنهن هنڌان منهن موڙي سو هنڌ پامال ڪيو ڇڏي. سنڌ س غير مستقل مزاجي (ڦرڻو گهرڻو سڀاءُ) ايامن کان آشڪار آهي. پرٿوي پنڊتن* (ڀون وادي يا علم ارض جا ڄاڻو) چونٿا ته سنڌو هماليه کان ٻ وڏيڪ پراچين آهي يعني ته جڏهن هندستان زير آب هو ۽ دکن جهنگي گونڊستان تا سڏين سو آفريڪا سان متصل هو ۽ اسانجو ملڪ سنڌ

*Geologists

ڪيرٿر جي زير آب جبل ۽ اراوليءَ جي وچ ۾ هڪ قسم جي اوڀهي نار مثل هو تنهن ۾ سنڌو موجود هئي. ايامن بعد همالیہ زير آب عمق مان نڪري آهسته آهسته هاڻوڪي گردون تاز اوچائي تي پهتو آهي ۽ هندوستان هندوستان ٺهيو آهي. هتي ان حيرت انگيز زميني انقلاب جو وچور سان احوال ڏيڻ جو ضرور ناهي. فقط تاريخي زماني جو ڪجهه ذڪر ڪبو جنهنمان ناظرين سنڌوءَ جي چلولائي جو انداز لڳائي سگهندا. مثلا آرين جي اوائلي زماني ۾ جڏهه سنڌ سرسوتي واديءَ تي برهم ورت ۽ گنگا جمنا واديءَ تي آريہ ورت نالو پيو تڏهه سنڌوءَ جو چوڙ ڪوري نار وٽ هو. عيسوي سن جي شروعات ۾ سنڌس وهڪرو ٿر مان ۽ چوڙ پاري نگر ڪان ڪي قدر پريرو هو. رڻ انوقت سمنڊ هيٺ هو. انهيءَ سمي ٿر ايرو پڪليو ملڪ هو. سنڌيءَ ۾ ٿر جي معني سر سبز ملڪ يا ارض معمور آهي. ايا تائين چوندا آهن ته وسي ته ٿر نه ته بر. پاري نگر جي موجوده آثار قديمه ۽ ٿر جي پڊن مان معلوم ٿو ٿئي ته اتي ڪي زبردست زلزلا ٿيا آهن جن نديءَ جو رخ ۽ ملڪ جي صورت تهہ وبالا ڪري ڇڏي آهي. چوڻا ته هاڪڙي جو ڦاٽ جنهنجا نشان هيٺئر ۾ رياست بهاولپور، ملتان ۽

جيسلمير ۽ ٽڙ ۾ آهن سو ڀڻ ڏرتي ڏيڻ سبب وٽوان ٿي ويو۔ موجود ھه سند آهيئي سندو۽ جي سوغات جنھن مان سندس چلولي ۽ چنچل سپاءِ جي آساني سان ٻروڙ ٻويٿي۔

افسوس قديم سند جي تواريخ عدم پئدا آهي جنھن سبب گذشته جو معتبر ۽ صحيح احوال ملڻ مشڪل آهي۔ هر حال ٣٢٧ قبل مسيح **بطليموسي** نقشو موجود آهي جنھن جي **ابن حوقل بغدادي** ۽ ٻين عرب مورخن جي نقشن ۽ احوالات سان ڀيٽ ڪرڻ مان پتو پوئيٿو ته ڪيئن سندو جي چنچل سپاءِ اسانجي جنم ڀوم ۾ وقت بوقت تغيرات* پئدا ڪيا آهن۔ **بطليموسي** نقشي ۾ پٽالا بندر ڏيکاريل آهي۔ **سڪندر مڪدوني** جي زماني ۾ اهو بندر حيدرآباد وٽ هو ۽ مٿس راجا **موڪو سبس** جو راج هو۔ عرب مؤرخن پٽالا کي نيرون، بيرون ۽ باالنون وغيره نالن سان سڏيو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته اڳي هتي هڪ وڏو قلات هو (شايد قليلي قلات ڏي اشارو آهي) جو اوير طرف وهي ڪنڀات بندر وٽ چوڙ ڪندو هو۔ عربن جي لکيت موجب اهو قلات منصوره بندر وٽان نڪرندو هو۔ منصوره جو مفصل احوال موجود آهي پر انجي ٺڙ مڪان

*Changes

۽ ڦاٽ جو ڪو پتو ڪونهي. فقط ايترو چاٽايل آهي ته
اهو بندر نيرون ۽ ديول جي وچ ۾ هو. جيڪڏهن ائين
آهي ته ڦليلي ڦاٽ ڪانسواءِ شايد ٻيو ڪو ڦاٽ هو.

سنڌو قديم زماني کان جهازراني قابل ندي رهي آهي تهڪري عجب ڪونهي ته ڪنهن سمي مشهور وڏا بندر هوا جن جو واپار ايران، عراق، مصر ۽ ٻين مغربي ڏيساورن سان هلندو هو. مال التجاره جو گهڻو حصو غير سنڌي هو ۽ سنڌ مان فقط سوٽي ڪپڙو، ململ، نير وغيره پنيندا هوا. عرب مورخن پتالا ڪانسواءِ ڪي بندر ڏيکاريا آهن جن مان منصوره، منجابري، بلوري جو هيمشہ نالو نشان ڪونهي باقي الور، نيرون، ديول جو هتي مختصر احوال ڏجي ٿو.

الور جو ذڪر **ابن خرداز به** جي المسالڪ والممالڪ، **شيخ ابوالفضل** جي آئين اڪبري، **ونسينٽ** جي تواريخ هند، **ڪرنل ٽاڊ** جي راجستان وغيره ۾ آيل آهي. ڏسجي ٿو ته الور جو بنياد ڇهين صديءَ ڌاري راجا **باليڪا** جي پٽ راجا **سهرس** وڌو. هن اتي هڪ مضبوط قلعو پڻ اڏايو. راجا **ڏاهر** جي وقت الور سنڌ جي راڄڌاني هئي ۽ انوقت سنڌ جون حدون اتر ۾ ڪشمير، اولهه قندار، هلمند، مڪران، ڏکڻ عربي سمنڊ ۽ ڪيپاس

جي ناري ۽ اوڀر ۾ مالوه تائين هيون. اهي حدون چچنامي ۾ ڄاڻايءَ ريت ڏيکاريل آهن. شهر ملتان جيڏو هو ۽ چوطرف باغات هيس. ٻه صديون هي شهر اوچ ۾ رهيو پر ٻارهين صديءَ جي اوائل ۾ مٿس گهاتي گرهه ويئو جنهن نهوڙي نيس. ڪتابن مان سندس بربادي‌ءَ جو سبب معلوم نٿو ٿئي. شايد دريا جي وهڪري بدلجڻ سبب ويران ٿي ويو ۽ بکر کي انهيءَ عيوض اهميت ملڻ لڳي. الور جا نشان هينئر به بکر کان ستن ميلن جي فاصلي تي موجود آهن. اميد ته انهيءَ ذڪر جي ضرورت ناهي ته هتي محمد بن قاسم راجا ڏاهر کي شڪست ڏني ۽ سنڌ جي حڪومت جون واڳون عربن جي هٿ ۾ آيون.

اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي ته نيرون جو اوائلي نالو پٽالا هو جو هينئر حيدرآباد جي نالي مشهور آهي. هتي جا رهاڪو وڻج واپار ۾ ٻرڪ هوا ۽ ڏيساورن سان وڏي پيماني تي واپار هئڻ سبب نيرون جو نالو ڪيترن تواريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو. "سنڌ ورڪ" هتي جو قديم پيشو آهي. ١٧٨٦ع ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي صاحبيءَ ۾ عامل خداداد مان لڏي هت آيا ۽ اسٽيشن وارو قلعو پڻ تڏهن جڙيو.

ديول بندر ٺٽي وٽ هو ۽ وڏي پڻ مندر سبب هندن لاءِ تيرٿ آستان هو. عربن هن شهر تي منجنيق مشين ۽ مهمت جي مدد سان فتح پاتي. منصوره پڻ تمام وڏو شهر هو ۽ چوڌاري وڏا باغات هيس. ڪتابن ۾ منصوره جو بيان شد مد سان ڏنل آهي پر جنهن حالت ۾ انجي تز مڪان جو پتو ڪونه ٿو پوي تنهن حالت ۾ وڌيڪ اپٽار ضروري ناهي.

اسان مٿي سنڌوءَ جو مختصر ذڪر ڪيو آهي جنهن مان ان جي مهانتا جو ڪي قدر انداز لڳائي سگهجي ٿو. ڪيترن کي وهم ويٺل آهي ته گنگا جمنا سنڌوءَ کان وڌيڪ پوتر آهن ۽ انهيءَ سبب هو اُت تيرٿ ڪين ٿا. ايتري قدر جو هڪ دفعي مهاتما گانڌيءَ مون کان منهنجو نالو پڇيو ۽ جڏهن مون کيس باادب چيو ته ”منهنجو نالو تيرٿ آهي“ ته يڪدم کلي چيائين ته سو وري ڪيئن، سنڌوءَ جي ڪناري تي تيرٿ آهي ته ڪونه. آچاريه ڪرپلاڻي تڏهن وچ ۾ وراڻيو ته هڪ لڪي تيرٿ آهي جتي گرم پاڻيءَ جا جهرڻا آهن ۽ لولا لنگڙا، ڪوڙهيا پنگلا صحت خاطر ويندا آهن. منهنجي حيرت جي حد نه رهي ۽ هن پنهنجي جسم جي سرحدي خون ۾ لڪيءَ جي چشمن جي حرارت بي اختيار جولان ۾ آئي

۽ مخاطب ٿي مهاتما کي چيم ته اي مهاتما، هن مدورماهه ۾ جيڪو ڪهن سال فيلسوف ويٺو آهي ۽ دائما هن پرٿويءَ جي چٽني ويٺو جاچي سو شاهد آهي ته سنڌوءَ جو رتبو اعليٰ آهي ۽ سنڌس خاڪ جو ذرو ذرو عرش بريں کان بالاتر آهي. خود هندن جا پوتر پستڪ انهيءَ جي ساک ڏين ٿا. گنگا جمنا ته بيشڪ ڪي تيرٿ آهن پر سنڌوءَ جي مردم خيز زمين جنهن هميشه به فلڪ زده يوناني، ايراني، توراني، عرب فوجن جو پرلاءِ ڪن پوئتو، جنهن جي ريگ جو هر ذرو جان نثارن جي خون سان رڱيل آهي سا اسان جي اتهاس ۾ وڏي ۾ وڏو ڪرم ڪيتر آهي. جنهن ڪرم ڪيتر آهي اتي اوس ٿي ڌرم ڪيتر آهي. انهيءَ حساب سنڌو مقدس ترين دريا آهي. جيڪڏهن سنڌوءَ جو اسان جي ملڪ ۽ ماڻهن تي اثر ڏسڻو اٿو ته اسان جي شاعرن جا ورق ورائي ڏسو، اسان جي مادري زبان جا محاورا جا چڪو، اسانجي مڙهين ۾ ليٽو پايو، ڀوراٽا ڪٽو، زنده پير جي جوت جڳايو، مداحن پڙهو، لال کي عهدوري ۾ لوڏيو لوڏيو ۽ هاري ناري سان خوشيءَ مان يڪ آواز ڳايو: ”پلي آئين، جيءَ آئين دريا شاهه“ ته اوهانجو روح پلو ڏيندو ۽ ممڪن آهي

ته اچانڪ اوهان کي اسان جي رڳن ۾ سنڌوءَ جي شاندار وهڪ ڌڙڪ ۾ اچي. اسين طبعيتا دريا پرست آهيون. جيڪڏهن اسان جي گذشته جو رنگين افسانو ڌڙڪ جي خواهش اٿو ته الور ۾ سنڌي غوراب تي چڙهي، نيرون ڪوٽ جو سير ڪري، ديبل وٽ نروان پد پرايت ڪيو، يا عالمگير سڪندر جي فوجن، ايراني عربي تجار جي وچ ويهي، بکر وٽ پل تي بيهي معصوم شاهه جي مناري، ستين جي ٿان، خواجه خضر، ساڌ ٻيلي ۽ ٻراج ڏانهن نظر ڦيرائي، غورسان هيٺ نهاريو ته اوهان جي اندر اک اڳيان سنڌوءَ جو مجلل جلوس وچ سير ۾ وهندو ڌڙڪ ۾ ايندو ۽ اوهين بي اختيار انهي مهانتا جا قائل ٿي پوندا.

آسماني اثر

ا

سرو منڊل

خبر اٿيئي ته هي برهمانڊ ڪيڏو آهي؟ ڪٿي آهي سندس مڌ ۽ ڪٿي آهي سندس ڇيھ؟ شايد آڪاس ۽ پاتال پڌو هوندءِ! شايد ”گگن ٿال روي چند جنڪ موتي“ ۽ فيثا گورث* جو ”آهنگ ڪائنات“† پڌو هوندءِ، ۽ جيسيڪا وانگر چانڊوڪيءَ ۾ هر هڪ ستاره، سياره، سج ۾ ٿانسين ۽ آرفيوز ڏسي سندس سرود ۽ ساز جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هوندءِ، جي تنهنجي دل غيب جي رمز ۽ راز سان جڪڙيل آهي ته ممڪن آهي سچل وانگر ”هوُ هوُ پرين جو آواز“ سڻين ۽ پنهنجي قلبي چنگ مان عجيب آهنگ ۽ شبد اناهت اٿين ڪرين. پر اهي سڀ شاعرانه جذبا آهن ۽ سندن ڪلا ڪويءَ جي ڪوتا ۽ ڪلپنا شڪتيءَ ۾ آهي.

انسان جي ٻالڪ اوستاهن و چتر سنسار، هن عجيب ڪائنات، هن حيرت انگيز نظام کي رنگين ۽ دلفريب يا هيبتناڪ ۽ وحشت خيز لباس پهرايو آهي. وقت به وقت شاعر ۽ فيلسوف، پيغمبر ۽ اولياءَ، آرٽسٽ ۽ چترڪار هن نفيس نقش بنديءَ ۾ مشغول رهيا آهن ۽ اسانجي محيط‡

---

*Pythegoras †Music of the spheres
‡Environment

جو مزو، زندگيءَ جو ذوق، ساهتيہ جي سونهن انهن اندر لنئي اثرن تي منحصر آهي. پر حقيقت حال جي اصل اوڙر آهي ۽ جي ان جو ذوق به ظاهر ٿئي ته هوند "ماڻهو لڳي مرڻ کي ۽ ڏونگر پون ڏري."

قديمي عقيدي موجب هي برهمانڊ ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي جنهنکي آڪاس، پرٿوي ۽ پاتال سڏجي ٿو. آڪاس ۾ سورڳيہ واسي، پرٿويءَ تي مرتش، پاتال ۾ نرڳواسي رهن ٿا. آڪاس ۽ پاتال جي جاگرافيءَ جي ڪنهن کي به پروڙ ڪانہ هئي ۽ خود پرٿويءَ جي باري ۾ اڻپورا ۽ غلط وهم عام طرح ڦهليل هوا. ڪن عاقلن جو رايو هو ته پرٿوي شيش ناگ جي ڦڻ تي بيٺل آهي ۽ ڪن جو ته ڍڳي جي سڱ تي ۽ ڇاڪاڻ ته جڏهن ڍڳو ٿڪبو آهي ته سڱ بدلائيندو آهي جنهنڪري ڌرتيءَ تي زلزلا ٿيندا آهن. سندن ويچار موجب ڌرتي سمنڊ، ۽ ڪنڊيدار آهي ۽ هر صبوح اوڀر کان سج گهوڙي گاڏيءَ (رٿ) ۾ پوتال تي نڪري شام جو اولهہ ۾ وڃي آرام ٿئي ٿو. ڪٿين آسمان ۽ زمين جا نقشا موجود آهن جن مان آڳاٽي علم جو پتو پوي ٿو. اڄ ڪلهہ جو ٻار به ڄاڻي ٿو ته اهي رايا صحيح نہ آهن. پر اهو پڪ ڄاڻڻ گهرجي ته اهي پلوڻ هڪ قسم جا ڏاڪا آهن جن ذريع سچ جي ماڙيءَ

لي ڀيٽجي ٿو. ممڪن آهي تہ اڄڪلهه جو علم آئينده جي نظر ۾ بي علمي هجي ۽ اها بي علمي ڪالهه جي جهالت کان وڌيڪ صحيح آهي.

نجومي فاصلا

اڄڪلهه جو علم ڇا ٿو ٻڌائي؟ ڪهڙا نوان عرش ۽ فرش لڌا اٿس يا ڪهڙن اڻڏٺن اونداهن طبقن کي روشن ڪيو اٿس؟ بهشت جا ساڳيا ست طبقا ۽ دوزخ جا نو طبقا آهن يا انهن ۾ بہ ڦيرو ڦٽجي ويو آهي؟ اڄڪلهه سائنس ٿي چوي تہ آڪاس ۽ پاتال، سرگ ۽ نرگ هڪ ئي بنياد وهم آهن. برهمانڊ نڪي ترلوڪي، نڪي هفت اقليمي آهي. هيلتائين هڪ لک ٻٽيهه هزار پورن برهمانڊ يا مڪمل ڪائنات* لڌا اٿن ۽ هر هڪ برهمانڊ ۾ اٽڪل ٽي هزار ڪروڙ تارا شمار ڪيا اٿن جن جي ماپ ۽ مقدار آهر جدا طبقن ۾ ورڇ پڻ ڪئي اٿن. مثلا مها سورج† جو اسان جي سج کان ڇهه سؤڻو آهي ۽ جنهن گرد اسانجي نظام شمسي‡ سميت ڪل هڪ سؤ سورج منڊل دورو ڪندا سو ٻئين نمبر جو سورج آهي ۽ ڌرو يا قطب§ ٽئين نمبر جو، جيتوڻيڪ تمام پري هٽل

*Complete Universes †Sirius
‡Solar system §Polestar

سبب اسانکي ارڙهين لمبر جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هاورڊ دانشگاه* واري ڊاڪٽر شيپلي دوربين سان ڪٿين مهامنڊلن جا جهڳٽا ڏٺا آهن جن جا سج اسانجي سج کان ٽيهه هزاروڻا روشن تر آهن. هي سج جو اسان کي گرمي ۽ روشني ڏئيٿو ۽ پڻ ڌرتيءَ کي جا سيڪنڊ ۾ سترهن ميل سندس چوڌاري ڦري ٿي ريلوي وانگر ڏس کان ڪسڪڻ لڳو ڏي سو ڌرتيءَ کان ايڪهن لک مونجهه وڏو آهي ۾ اسانجي اک کان نو ڪروڙ ٽيهه لک ميل دور هجڻ سبب ننڍو ڏسڻ ۾ اچيٿو. جي سج جي سير ڪرڻ جي سڌ هجيئي، جا پوري ٿيڻ ناممڪن آهي ڇاڪاڻ ته سج جي ٽيمپريچر (درجه حرارت) هڪ ڪروڙ ڊگريون سينٽيگريڊ آهي ۽ سفر پوري ڪرڻ لاءِ پنج پنڌرهون ڪين ۽ هڪ اهڙي ٽرين ۾ مسافر ٿين جا رات ڏينهن هر ڪلاڪ ۾ ٽيهه ميل مفاصلو طيءِ ڪري ته هوند ١٩٤٠ع جو اڪتل ٢٣١٥ع ۾ ٣٧٥ ورهين ڪانپوءِ اتي وڃي پهچن. اهو مفاصلو روشني جي رفتار مان معلوم ٿئيٿو جا هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ لک ڇهاسي هزار ميل جهاڳي ٿي. هاڻي سج جو هڪ ننڍو ۽ تمام ويجهو تارو آهي ننڍڙو مقدار ۽ مفاصلو جي لکن ۽ ڪروڙن ۾

*University

۾ آهي ته مهامدبلن ۾ مها سورجن جو مفاصلو ۽ مقدار ڪيئن ڳولي ڪيا جي. انگي حساب ۾ نڪي ايترا انگ آهن ۽ نڪي اسانجي شعور* ۽ عقل ۾ ايتري قوت آهي جو ٻي الداز صفرن† جون سرون هيدائي سگهون. تنهن ڪري وگيانين انهن نجومي فاصلن سهي ڪرڻ لاءِ سولو رستو ڳولي لڌو آهي. جنهنکي جوتي ورهيه‡ سڏين ٿا. جوتي ورهيه جي معنيٰ وقت ناهي پر أهو فاصلو جو هڪ ورهيه جي مدت ۾ روشني طيءِ ڪريٿي يعني ته هڪ جوتي ورهيه برابر آهي:-

ڏينهن ٣٦٥ × ڪلاڪ ٢٤ × منٽ ٦٠ × سيڪنڊ

٦٠ × ميل ١٦٨٠٠٠

انهيءَ حساب سان سجهه اسانکان اٺ جوتي منٽ ۽ ٻاويهه جوتي سيڪنڊ پري آهي. سنتاري℞ تارو اسان کان ساڍا چار جوتي سال ۽ مهاسوريه¶ اٺ جوتي سال پري آهي. تنهنجي معنيٰ سجه جي روشني اسانوٽ اٺن منٽن ۽ ٻاويهن سيڪنڊن کانپوءِ پهچي ٿي ۽ مهاسوريه جي اٺن سالن کانپوءِ يعني ته جي مهاسوريه چار سال ليست اابود ٿي ويو هجي ته به ايندڙ چار سال اسانکي

---

*Intelligence †Dots ‡Light year
℞Centauri ¶Sirius

ڏسڻ ۾ ايندو. ڇاڪاڻ ته سدس آخرين ڪوٺا اڃا رستي تي آهن ۽ هتي ڀڃڻ سان سدس اڳين شڪل جي ڏيکاري ڏيندا.

گيان وگيان

اها آهي حيرت آڪاش* يا فضا جي. ڪون چوندين ته هي پٽ آهن. پر نه، اهي اعليٰ دوربين† ۽ اشعه بين‡ جا نقشا ۽ حساب ۽ وگيان جا ڪوڙا ۽ جدولون آهن جن ذريع انهي عقل چرخ مقدار ۽ مفاصلي جو انداز لڳايو وڃي ٿو. ممڪن آهي ته ڪي ياون هجن، ممڪن آهي ته وڌيڪ طاقت وارا اوزار نيون حقيقتون ڳولي لهن پر سائنس جي ڪوجنا قديمي فلسفه وانگر فقط انومان ۽ دليل ناهي. وگياني شاهدي فلسفه جي انومان ۽ دليل کان وڌيڪ معتبر ۽ گهٽ گمراهه ڪندڙ آهي. وگيان ڄاتل دنيا جي اڌوري شرح آهي ڇاڪاڻ ته سموري دنيا جو اڃا ڄاڻ ڪونه پيو آهي. تنهنڪري شرح§ پڻ اڌوري آهي. پر فلسفه ان ڄاتل دنيا جو فقط انومان آهي جنهن جي صحت هجڻ جو اعتبار جوڳو ثبوت اسان وٽ ڪونهي. هر حال فلسفه وڌيڪ وگيانڪ ٿيندو وڃي ٿو

*Space †Supertelescope ‡Spectroscope
§Interpretation

۽ جيتوڻيڪ گياني وگياني¶ ۽ وگياني گياني† اڪثر ڪي اڏا بيان ۽ اظهار شايع ڪندا جن جو سندن علمي تجربات سان ڪو تعلق ڪونهي پر تڏهن به آئنده انسان جي علمي تلاش جو لاڙو گيان ۽ وگيان جي سنجوڳ طرف سمجهڻ گهرجي.

اَوِڪاشي مايا

اوائل کان مڻش جي بُڌيءَ تي اهو اثر ويٺل آهي ته وِشوَ اننت آهي، هن نظام ڪل کي اول ۽ انتها ڪانهي.

اننت ۽ بي انتها هڪ قسم جا وهم آهن جن جي اصلي حقيقت انساني تجربي ۾ نٿي اچي سگهي. در اصل جڏهن ڪنهن به شيءِ سان اهي وصفون لڳايون وڃن تيون تڏهن ائين سمجهڻ گهرجي ته انهيءَ شيءِ جون حدون اهڙيون آهن جو انساني خيال ۾ نٿيون اچي سگهن، ڪابه شيءِ غير محدود يا اننت ناهي پر انساني محدود خيال پڌهنجي وت ۽ وٿيءَ کان ٻاهر شين کي ائين تو جاڻي. تنهڪري اَننت ۽ بي انتها ۽ بين اهڙن لفظن جي معنيٰ فقط انساني عقل جي حد سمجهڻ گهرجي ۽ ڪنهن به حالت ۾ انکي بين شين سان پيت نه ڏجي.

¶Philosophic Scientists.
†Scientific philosophers

درحقيقت آڪاش* ڪانسواءِ ٻي ڪا به اهڙي وستو
ڪانهي جنهن سان "بي حد" لفظ لڳايو وڃي. هاڻي
آڪاش کي بذات خود هستي ڪانهي ڇاڪاڻ ته منجهس
گهرائي، گهاٽائي† ٻنهي ڪانهي. آڪاش دراصل نيستي
آهي جا مادي جي موجودگيءَ سبب هستي ڏسڻ ۾
اچيٿي. مادو ٻاهر ڪڍي ڇڏجي ته آڪاش خود بخود
ڪافور ٿي ويندو. مهامنڊلن جي موجودگي آڪاشي
مايا کي روپ ڏئيٿي. تنهنڪري جتي مهامنڊل ڪونهن
اتي آڪاش ڪونهي ۽ جا شيءِ بذات خود بي وجود،
ناچيز، نيست آهي سا ڪنهن به صورت ۾ نڪي بي
انتها، لامحدود، اننت آهي ۽ نڪي اڪالي ۽ جگادي
آهي. مهامنڊلن جي وچ وٿيون ۽ خال سندس اصل
ذات آهي ۽ اهي ساڳيا مهامنڊل سندس اول ۽ آخر
آهن. ڪيترن مهامنڊلن جي ماپ ۽ مقدار معلوم آهي.
ليڊن جي پروفيسر دسٽر‡‡ حساب ڪيو آهي ته سرو
منڊل جو نيم قطر‡ هڪ ڪروڙ پنجاهه لک جوتي سال
آهي ۽ سندس مقدار هڪ سو ٽرلين دفعا اسانجي سج
کان وڏيڪ آهي. ممڪن آهي ته اعليٰ تر دوربين دور

*Space †Density ‡‡Prof de sitter
‡Radius

تہ منڊل ڳولي لڌي. هر حال اهو ثابت آهي تہ سرو منڊل محدود آهي ڇاڪاڻ تہ سندس منڊل يا جزا اسانجي ڌرتيءَ وانگر محدود آهن ۽ سندن نظام ڀڻ ساڳي اصول تي ٻڌل آهي. **سر جيمس جينس** چوي ٿو تہ ساحل اوقيانوس† تي واريءَ جي داڻا جيترا وشوَ ۾ منڊل آهن. پر اهي اڻ ڳڻيا داڻا بي شمار ۽ بي انداز نہ آهن. سندن مقدار، ماپ، انداز حدن اندر آهي. تهڙيءَ ريت وشو کي ڀڻ حد، انتها، انت آهي.

۲
سور جي سنڪوچ

مٿي اسان سرو منڊل جي مختصر پرتال ڪئي ۽ معلوم ڪيوسين تہ عالم محدود آهي. پر هن مالبڏاٽي جي حيرت انگيز جوڙ اهڙي آهي ۽ سندس وسعت ۽ عظمت ايڏي پرماني تي آهي جو ويچارو بندو پنهنجو قد و قامت ڏسي بسي اختيار ٻاڻ کي ادنا ۽ ناچيز محسوس ڪري ٿو. وشو ۾ ڌرتي ريگستان ۾ ڪڻ سمان آهي. منش انهيءَ ڪڻ جو ڪين جهڙو ذرڙو مس آهي. انسان ذات جي ڪم علمي يا معصوميت جي زماني* ۾ منش جو موقتي اقامتگاه‡ جهان جو مرڪز

†Shores of oceans *Age of innocence
‡Temporary abode = earth

هو ۽ جيئنو ٽيڪ هن اپار اُوڪاش ۾ سندس ٻيٽاريءَ جي
ايراضي مهاساگر ۾ ماڪ جي ڦڙي جيتري هئي ته به
وس جا وهڪرا، جڳت جون لهرون، معدلن جون
موجون فقط هن دادلي، پرم پياري جي وندر ۽ ورونهن
لاءِ هيون. ڪيس خوشي هئي ته هي نوراني قلندر‡ هن
لباري، سانوري ڪنيا♁ تي موهت آهن ۽ جيسين
دنيا جو ڏن، چرخ جو محور پرٿوي هئي تيسين ڪيس
الڪو نه هو. زمين تي ڪيس مطلق فوقيت ۽ اختيار
حاصل هو تنهن ڪري پرٿوي پتر¶ پاڻ کي آسمان جو
آقا سمجهڻ لڳو ۽ پنهنجي جنس کي مخلوقات ۾ اشرف
۽ افضل جو رتبو عطا ڪيائين. خاڪ جي پيدائش هو پر
روحاني رنگ چڙهڻ سان لوهڙ شيشهن تي پيو. البت
لوهڙ نيت لوهڙ آهي سو سندس سياويڪ بزدلي ۽
ڪانئرتا بي پايان اُوڪاشي اوقيانوس* ۾ انيڪ منور
منڊل ڏسي ڏڪي ٿي. ڏهڪاءِ سندس وايون بتال
ڪري ٿو ۽ سج ۽ چنڊ جي شفاف چهري ۾ يا ڏند
ڪرٽيندڙ، اکيون ٿرڙائيندڙ، رت رنگيل خبيث يا
ڪنول مک، مرگهه نئن، لسرات ڪمار ڏيکاريس ٿو جنهنجي

---

‡Luminous wandering bodies ♁Earth
¶Man *Endless ocean of space

راڄپوتي همت ڪري لاءِ عجيب ۽ غريب ڪريائون، ڪيترن
۾ واس ڌوپ جي پوڄي سامگري لازم آهي. آسماني
انديشا، سورج جي سڪوچ، گرهڻ جي آٿڪي ڪيترن حاڪم
هيسايا ۽ دانا ديوانا ڪيا آهن. هيئت دان* جي فلڪ پيمائي،
جوتشيءَ جا گرهه گوچر، جنهري جا ڦوڪون ڦيٽا، انيڪ قسمن
جون وڏيون سڏيون ۽ ڪريا ڪرم، پراچين هندوا، اندر،
جپيتو پوڄائون ۽ ٻلن جو سلسلو آهي جنهن مان انسان
تي آڪاسي اثر جو انداز لڳائي سگهجي ٿو.

سورج ونسي ۽ چندر ونسي خاندان جي ناموس هند سنڌ ۾
آهي ۽ جپان جو هڪادو اڄ تاءِ پاڻ کي سورج پٽر سڏائيندو.
اسرائيلي، يوناني، رومي سڀ جا پوڄاري هوا ۽ سندن
شهرن جا ڦالا، ٻيرقن جا نشان اڪثر سڀ مان ورتل هوا.
اڏيپور ۾ راڻي جي محلات جي در تي ۾ سونا سڀ لڳل
آهن ۽ خود اديپور روشنيءَ جو شهر آهي. جپاني ۽
ايراني ٻيرقن تي اڄ ۾ سج جو نشان آهي ۽ امريڪائي
ٻيرق تي تارا، اسلامي ٻيرق تي هلال‡ ۽ گهڻو ڪري
سيمني ملڪن جي قديمي ٻيرقن تي ڪنهن قرص؈ جو
نشان اوس ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. چيني سلطنت عموماً
آسماني ديس سڏبو آهي، قديم يونان هيلس (سج)

---

*Astronomer ‡Crescent ؈Orb

نالي سان ۽ خود هاڻوڪي لنڊن (ال - اون - ڊون) عبراني ڀاشا مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سج جو شهر. ٿهڙي ريت انساني ٻولي ۾ آسماني اثر هيٺ رهي آهي ۽ هر ملڪ جو شبد ڀنڊار يا لغت اهڙن قسم جي اهڙن لفظن سان ڀريل آهي جن جو لاڳاپو آسمان يا آسماني قرصن† سان آهي.

ڏک ڏرشٽي

تڏهن سياڻپ سوال اٿندو ته اهو اثر چڱو آهي يا برو؟ آسمان جو سڀيئو اسان لاءِ زندگيءَ جو آهي يا موت جو؟ ڪٿين آهن جي جڳت جي اپار مهما، لئيٽنا، مهانتا ڏسي ان مان ليائڪ ۽ وڏراڳ جو سبق سکن ٿا ۽ ڪنهن زندگيءَ لاءِ بد انديشي ۽ ڏک ڏرسي پيدا ٿئي ٿي. جيوت جي رنگ ڀوم ۾ ڪٿين سانگ نڀن ٽپن ٿا، ڪٿين شهاب‡ وانگر شررات ڪن ٿا، ڪٿين ريڍن وانگر گهلجن گيهڙجن، ڪسجن ۽ مسجن ٿا ۽ ڀر سڌن نيڊگ ٽپا، ڏام ڏوم، ڏک ڏوجهرا ڪڍ ڀيگر آهن. اڪثر اسانجي ڪشالي ۾ ڪاميابي ڪانهي ۽ جڏهن اسانجي آسن اميدن جو گهڙو اڌ ڀريو ٿئي ٿو ته گهاتي گرهه، قاتل قضا، الڪي اوڌو ڪيو ڇڏي. ڪالهه جنهن گلزار جي دلشاد هير ۾

---

†Heavenly orbs ‡Meteor

ياسمن و بنفشه، گلاب موتيو، ٽانگر ۽ ڪنڊهار ڪڙيا تي ۽ جت پر واري نهر جي مر مر (سس پس) پروانه ۽ زنبور جي اڏ لڪائتي ڦر ڦر، ڪوئل ۽ چينگهي جي چينگهار سان ڪنڊ ڪير جيان هئي ۽ جت جاپاني نيلي آب و آسمان ۽ دلفريب فوجي ياما جون سڏون لاهيندڙ نفيس، رنگين ابريشمي ساڙهي ۾ ملبس‡ سانوريءَ سونهن جي ديدار بازيءَ لاءِ سوين لسرائن جي گپا گيهه هئي ۽ ات اهي نڪي گل ڦل، پکي پسون، سنئين پڌون آهن، نڪي سعدن جا نشيمن ڪي خواب و خيال ۾ انهن جي يادگيري آهي. گلشن حيات ۾ هزارين گوڙ، غنچه نڪرنتا جي پرهه ڦٽيءَ آسماني اطلس ۽ دلربازيبائي پسي لڏن لمن ٿا. سندن اثر پذير قلب ۾ مهر و ماهه، ستاري وسياره، ابر و برق آتش خيز آرزن جي اڻادي آگ اٿين ڪئي آهي جا عالم کي پڌهجي ظرافت ولطافت، خوش رنگ و رعنائي سان معطر ڪرڻ گهريتي. پر جيوت مڪريلڻ آهي ۽ سعدس چم چت اڪثر ڪئين مڪريون گيڏگائي ۾ گهٽي تي، ڪئين پيرن هيٺ لتاڙائي تي، ڪئين ڪشيل اناڙين ۽ چلولن هٿان ڪسائي تي، ڪئين

‡Clad

ڪانيءَ تي مردي ڳڌ ساڙائي ٿي ته ڪنهن وڏي نوورني ڪنوار جي ڏک ۾ ڏکائي ٿي. ورلي ڪنهن محب جي محبوب سان ملاقات ٿئي ٿي. تڏهن اي آسمان، الله ڪارڻ تون ٻڌاءِ - تون جو حياتيءَ جي الدوهگين مسخريءَ جو تماشبين آهين، تون جو منڊلن ۽ ڪهڪشان* جي پرڪاش ۽ پرلئه جو ساکي آهين، تون جو هن وسيع منظر جي آغاز و انجام کان آگاهه آهين، ته هن ماندائي جو مطلب ڇا آهي؟ آهي ڪو سڌس ٽيڏي چال ۾ الغرض اک ۾ هن ڪين وهيڙيءَ ۾ ڪجاڙي ڪانوَ لاءِ الڪو يا مروان موت ملوڪان شڪار وارو معاملو آهي؟

اشرف المخلوقات

فرانسوي فيلسوف **پاسڪال** جو ٻول آهي ته آتسي سوُڪيم ذرڙن ۽ مهاياري اسرارن جي وچ ۾ انسان جي هستي عبرت انگيز آهي. مادي جي ڇڪاس مان اٽڪ، اُپ اٽو، اليڪٽران ۽ پروٽان جو پتو پوڻو پر اڄ تائين ڪنهن خوردبين انهن بنيادي ذرن کي اک سان نه ڏٺو آهي. جنتوُ شاستري‡ رت جي ڦڙي ۾ انيڪ جيوڙا ڏسي ٿو جن ۾ ڪيئين ساهوارن لاءِ يمر دوت

*Nebulae ‡Bacteriologist

سمان آهن. وڃهين صديءَ جي ملڪ الموت جو نالو
ميڪروب آهي جو پنهنجي پرتي روپ* وانگر جل ٿل
۾ حاظر ناظر آهي. حساب ڪيو اٿن ته هڪ ايڪڙ
باغائي زمين ۾ ٻه لک چاليهه هزار ٻر ٻر ڪيڙا آهن جن
جو وزن اٽڪل ويهه مڻ آهي. بيشڪ جهان ۾ آسمان کان
بي انداز وڏا گول چڪر آهن پر ڪيئين بيحد ننڍا جيوڙا
به آهن جي سرنهن جي داڻي تي لکن ۾ شمار ڪري
سگهجن ٿا. جيڪڏهن هر شيءِ جو قدر ڳرائي ۽ ڊگهائي
تي منحصر هجي ته هاٿي ۽ اٺ انسان کي شهه ڏئي
وجيتوه پر هرڪو ڄاڻي ٿو ته شرف قد و قامت ۾ ناهي.
ماپ ۽ وزن ۾ انسان بيشڪ بلڪل ننڍو آهي ۽ سندس
جسماني قوت پڻ قليل آهي پر منجهس سوچ ۽ ويچار،
حرفت ۽ هنر، واسنا ۽ ڪلپنا، ٻوجهه ۽ سوجهه اهڙي
آهي جو سندس رتبو ڪيلاس کان بلند تر آهي، مريخ
۽ مشتري سندس فرمانبردار آهن ۽ مها منڊلن ۽ مها
ڪنڊلن† جي سر گرداني فقط انهيءَ لاءِ آهي ته هو ٻاڻ
کي سندس رهڻ لائق آستان بڻائين. ٻڪ چاڻ نـــ
سمورو عالم توتي عاشق آهي. سندس نابينائي جو نور،
ٽڙهندڙ ڪشتيءَ جو سکان، جا کوڙ ۽ جفاڪشيءَ جو

*Proto type †Nebulae

مقصد ۽ مراد تون آهين. جي تون نه هجين ته هيءَ ڌرتي ڏاڍي سنڌي سمان آهي. پرڪرتيءَ جهنگ، جهر، ڀرپت، پربت ۽ ساگر ناهيا پر تنهنجي پرڀلتا انهن کي ٻولن، پاريس ۽ ويئنا جي صورت ۾ آندو آهي. جتي وڏوالي هئي اتي آبادي آهي، جتي لڙلهرون لس ليٽي هئي اتي جهازن جي آمدرفت آهي، جتي بيابان هو اتي باغ آهي. اهو سڀ تنهنجو پرتاب آهي جنهن گونگي ۽ انڌي پرڪرتيءَ کي اک ۽ آواز عطا ڪيو آهي. اي حريف، تنهنجي حرفت ۽ همت ڇا نه ڪيو آهي؟ حيف آهي جو تون اڪثر پنهنجي شان کان بي آگاهه اصلوڪي مقصد کان گمراهه آهين! تنهن جو اهو ويو ٻار سان بيوفائي ڌرتي لاءِ پريشاني ۽ ملائڪن لاءِ اشڪ ريزي جو باعث آهي.

راز زندگي

آسمان جي اوچائي ڏک درسيءَ* لاءِ دليل ناهي ۽ نڪي حياتي جو ٿورو عرصو نفس ڪشي ۽ آئر هجا سيڪاري ٿو. ٻوٽي ٿلوائيءَ ۾ اليڪ قسمن جا گل ڏسي پاڪڪي رنگ وبو سان مست ڪري ٿو ۽ سندس حياتيءَ جو ننڍو عرصو مڃهس اهڙي لاثاني اشتياق ۽ آرزو

*Pessimism

پيدا ڪريٿو جو سندس جان جسو ان ۾ ولڪجي وڃي
تو. حياتي بي بقا آهي تڏهنڪري ان جو وقت ست
چوسڻ ۾ انهي هروندنا، ڪامنا، رسنا جو وس چکڻ ۾
انهي هر شوق ذوق، ڇهر چشڪي جولاءِ ساءِ ونڻ،
انهي هر حس حواس، هوش ادراڪ، منڪ ماس،
رڳ نس کي چست ۽ تيز رکڻ ۾ انهي نيڪ وبد، ڏاهي
ڏنگي، دکر سک جو تجربو پرائڻ ۾ انهي گرم ديگ ۾
ڏپ ۽ پڇتاءَ بنا ٿهڪڻ، کجڻ، ڪامڻ ۾ ۽ آخر الوداع
وقت خوشيءَ سان سڪل سڙيل ڦوڳ، ڳجهه ۽ ڳورپٽ
جي حوالي ڪرڻ سان بي بقا حياتيءَ مان بقادار فائدو
حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ دائما هر لحظ فقط انهيءَ
اصول تي عمل ڪرڻ سان جيوت سڦلي ۽ سهڻي
ڪري سگهجيٿي.

بيشڪ حياتي بيوفا نڀاڻي آهي ۽ سندس ول ڇل،
ناز نخرا ٺوڪي هرڪاڻي، ڪوڙڪي ۽ ڦاسائي، ڪاسائي
هٿان ڪسائين ٿا. بيشڪ سندس صورت ۾ سيرت،
ڪلام ۾ صداقت، اقرار ۾ عاقبت ڪانهي. تڏهن
اهڙي نڳ کي نڀڻ، ڇوڙ کي ڦرڻ ثواب عظيم
آهي. پر جي تون غلط عقيدي يا ذاتي ڪم عقلي
سبب انهيءَ علم جي فيض کان محروم آهين ته اڪي

هن دنيا ۾ لکي آخرت ۾ توکي سعادت ۽ سود مندي
نصيب ٿي سگهي ٿي. جي تنهنجو آخرت ۾ عقيدو
آهي، جي سمجهين ٿو ته اسرافيل جو ٺوٺارو ٿو ۾ ٽئين
سو ساھ ڦوڪيندو ته پڪ ڄاڻ پل صراط تي پير رکڻ
سان کسکي وڃي دوزخ جي اوڙاھ ۾ پوندين ڇاڪاڻ
ته تو شمشير جي تکي ۽ سنهي ڌار تي هلڻ جو اعليٰ
سبق نه سکيو آهي. پر جي تون راج وٽ اڳيون پويون
کوڏي ۽ دمڙي سميت حساب چڪتو ڪرڻو اٿيئي ته
پر دوست توکي چوندا ته اي پراڻي! جڏهين اسان توکي
پوتر پرتوي ۽ تي نانا پرڪارن جا ڀوڳ ٻلاس ميسر ڪري
ڏنا، جڏهين مال ملندا، راڳ روپ رنگ چوڏس چوڌار
تولاء واڄهائيندا ليلائيندا رهيا، جڏهين رڻ پٽ بر
بيابان، ماٿهو مرون، تنهنجي جانبازي، طاقت، هنر،
هوش لاء وڙندا، رنيندا رهيا، تڏهن تون اکيون پوري،
ساهه پوساڻي، جپ تپ ۽ تياڳ ۽ ويراڳ جي ڪشالن
۽ واسن ڏوهن ۽ پاڻن پوڄائن جي پاڪڻ ۾ مشغول رهين.
ان مان ثابت آهي ته تون الوٽي اڻ وٽندڙ سياه ۽
ترش تلخ طبيعت جو آدمي آهين، تنهنڪري تو جهڙي
اڻ وٽندڙ جو ات ڪي سورگ جهڙي وٽندڙ سندر
آستان ۾ جڳهه ملڻ تي نه رکو ڪلمڪ، سدا سرها سورگ،

Soorih Mirani

واسي اُها ٿيندا پر تو سان پڻ اِيائي ٿيندو ڇاڪاڻ ته سانئياڻيءَ لاءِ ڳالهه جي سُرهاڻ مورڳو مٽيءَ جو سور آهي. تنهنڪري تون پنهنجي سياءَ انوسار اصلوڪي نرڳي حالت ۾ چڱو آهين ۽ اهو اتيڪي اسان جو انصاف جو ڪاتي ڪرڻي مطابق بلڪل ترو ۽ پورو آهي.

بد تدبير ۽ ملول تقدير

تڏهن ڇا سڀ نرواڻي ۽ ويراڳي، پرتوي نندڪ ۽ جيون گهاتڪ ۽ اهي پيا جي پنهنجي بد بيني، ترش طبعي، تلخ مزاجي سان ملول ۽ اگرا اثر پيدا ڪري حياتيءَ جو ذوق گهٽائين ٿا سي سڀ دوزخي آهن؟ تڏهن ته زاهد ۽ عابد، پاڪ پرست* ۽ خطاگير، نفس ڪش ۽ خاڪسار بس ساڳي آڌي ۽ اوجهريءَ سبب دائمي عذاب ۾ هٿڻ گهرجن ۽ جنت مخصوصا نشٽن نشٽن ۽ پيالي پاين کي نصيب ٿيڻ گهرجي! انهيءَ حساب مهروداش جو صاحب گوتم ٻڌ هميشه به ڪنهن اونداهي غفا ۾ نرواڻ ليستيءَ جي خوبين تي اپديش ڪندو هوندو! پير ۽ اولياءَ، گرو ۽ آچاريه جن جهڙي مٿيا جڳت ۽ مايا جار مان جند ڇڏائڻ لاءِ رام راوڻ واري گهور لڙائي جوڙي سي انهيءَ مدجهيل تاڃي پيٽي کي سڱون

*puritans

ڪرڻ ۾ مشغول ۽ اوائلي گناهہ سبب دائمي گنھگار
مذهبي پڻ ابليس جي شرارتن ۽ شوخين کان ڀڄڻ لاءِ
خويش آزاري ۽ جانسوزيءَ ۾ رڌل هوندا ڇاڪاڻ ته
انهن هوا ۾ ٿونش عطرڙ ؛ پهلوانن جو دشمن هوائي
هئڻ سبب اجيب سمجهڻ گهرجي. ته هن ڪمال بدبين
شوپن هائوير* ۽ ملڪ زده، جاذب، حليم هارڊي†
۽ سنڌن علمي ادبي اخوان مهين اونداهيءَ جو ڪنهن
وئران قبرستان جي اوٽ ۾ ونهي خالق جي بدتدبير ۽
مخلوق جي ملوڻ تقدير تي ويچار ڪندا هوندا ۽ اسرائيلي
بدبخت‡ وانگر پنهنجي ۽ پنهن جي جنم تي سخت
افسوس ڪائيندا هوندا. ته رکو اينترو ٻر اهي سڳورا
صاحبدلان جن جي عالمگير همدردي ۽ جگر سوز
صميميت بي نوا جي بدحالي، پريشان جي آه و زاري،
بدبخت جي محتاجي کي پنهنجي آتشي جذبي سان
شعلور ڪري ان اڪسير جاوداني ۽ راز رستا خيز پيدا
ڪري ٿي ؛ جي پنهنجي اندر جي سوجهي ۽ فڪر
جي بلندي دواران هر خاڪ جي ذري کي خورشيد
جي درخشاني عطا ڪن ٿا ۽ هر ڪنهن جاڪوءَ ۽ جفا
ڪشي ۾ رس جس ۽ بي سري بيتال ۾ ساز و آواز آڻين

---

*Schopenhauer †Hardy ‡Job

تا- اهي حساس، حسين، افضل انسان- جن ٻنان انسان
جي جيوت جيڪر ايوڳي، اڏاسي ٿي ٻوي سي پڻ تو
سان مونسان همدرد هجڻ سبب عالم جي اڪيچار دکن
سورن جي بوجھ هيٺ سدائين دٻيل رهڻ گهرجن. جي
ڪڏهين در حقيقت اهي فرشتگان زمين سرسبيل ۽
ڪوثر جي آب حيات کان محروم آهن، جيڪڏهن هي
ٿون خوش گذرائي، جو مذهب دانتي* واري قديم
بدگمان تعصب وانگر هومر ۽ ورجل، والميڪ ۽
وياس، ابن خالدون ۽ ابن سينا، رومي ۽ حافظ
کي جنت لائق نٿو ڄاڻي ته بهتر آهي ته تون ۽ مان پڻ
جهنم جي انهيءَ طبقي ۾ داخل ٿيون جت شيڪسپيئر†
۽ گئٽي‡، موليئر☨ ۽ هيوگو¶، ڊڪنس‖ ۽
دوستو وسڪي± گنڀير ويچار ۽ گرم صحبت ۾
مشغول آهن. نٿو ڄاڻين ته خود اسان جي اندر اها فڪري
مستي، طبيعي جوش ۽ قلبي جنبش موجود آهي جا
اڪثر لماڻن نيڻن، گرم ڳوڙهن، هڇيل هڏين سان حياتيءَ
جي نامحرمي خلاف پڪاري رهي آهي. سچ پڇين ته
دوست، هن سيني اندر سوين ڪورا آهن جن ۾ جيرا

---

*Dante †Shakespeare ‡Goethe ☨Moliere
¶Hugo ‖Dickens ±Dostoviesky

جگر بڪيون پچي ڪباب ٿين ٿا انهيءَ لاءِ ته هن قديم جادوگر جو دسترخوان ٻوڙ پلاءُ سان پُر رهي. هيءُ جهان وسيع شڪار گاهه آهي جتي اسان جهڙا هرڻ ٻاڪرڙها فقط ديوتائن جي وندر ورونهن، کاڄ خوراڪ لاءِ رکيا ويا آهن.

در حقيقت جيئن ساگر جي ڇلڪندڙ، گجندڙ، ٻهڪندڙ متاڇري هيٺ عمق ۾ جيترو نظر ڪبو ته اوترو وڌيڪ اندڪار ڏسڻ ۾ ايندو. اسان جو آسمان اڪثر **اهريمني*** بادلن جي گهنگهور گهٽا سان ڇانيل آهي ۽ زمين تي روشنيءَ جي هڪ تروري آڻڻ لاءِ **اهو رامزد†** جي ڏاهپ ۽ ٿار‡ جو مترڪو ڪبو. اسان کي نياڳي ورثا جي لرڌي چنبي مان آجو ڪرڻ لاءِ ڪيئن ملائڪن ۽ ماڻهن واجهه وڌا آهن، پر آزادي، علم، امرتا جو امرت اڃا سمنڊ جي تري ۾ هئڻ سبب اسان کي نصيب نه ٿيو آهي. شايد ديوتائون پڻ انهيءَ آب حيات کان محروم آهن ۽ پراڻڪ ڪٿا وارو امرت فقط جهڻ يا مهي سمجهڻ گهرجي. ٿهڙي ريت آسماني آتش

---

*Iranian spirit of evil †Iranian spirit of good

‡Thor-Scandinavian God

اجتماع پرٿوي تي ڪاله آئي آهي ۽ ظالم **جپيٽر** اسانجي حامي **پراميٿوس**☸ تي غالب آهي. افسوس قديمي ملائڪن جو مور ۽ بشر جو بهترين خير خواه **ابليس**¶ ويچارو پڻ ٿو وجهري ۾ آهي ۽ سندس هردلعزيزي مورکو ماڻهن ۾ کيس بدنام ڪيو آهي. هيءَ تڪي اسانجون اوچنگارون ۽ تڪي ارهه زوراوري ڪامياب ٿي سگهي ٿي ۽ لکي قدم بوسي‡ ۽ مخلصي‡ مان ڪم لکري تو. اڪ گسائڻ ۽ متي ٽيڪ ڪو ٻوٽو ڪوله ٻاريو آهي ۽ تکي ديا ڪميا، گيان گوشت، پيٽ پٽيءَ ڪوهن مرض جو علاج ڳولي لڌو آهي. صدين جي مهراڻ مان اڄ ٻه گوتم جو امله واڪيه دلسوز سرندي جي چيندڙ آواز جيان ديسان ديس پکاري، پاڙائي، ٻاڪاري رهيو آهي ته "جيوت دک آهي جيئڻ معني دکي ٿيڻ" دک جي هلڪائي يا اٽالڻ ڪي سک سڻ جي ٿو نهڪري سک ڪي پنهنجي هستي ڪانهي.* نانڪ جو "دکي سرب سنسار" وارو وچن هو گرنٿ ۽ شاستر جو مول منتر آهي. باقي "ايڪو برهم دتيونا ستي" لکي برهم جي اصليت تي چٽي روشني وجهي ٿو ۽ لکي آتما

☸Prometheous ¶Satan

*Ref Schopenhauer

جو ٻو ماڻهن سان خاطر خواهه ۽ آبرودار ميلاپ ۽ ملاقات
، حقيقي مدد ڪري ٿو. تنهنڪري جيڪي گياني
„ ايڪو ڏک ڏٺو ناهي „ جو جاپ جپيندو سمرين تا
تن کي وچتر انتر جوتي نصيب ٿئي ٿي جا خود قسمت
جي ڪلور ۽ حياتيءَ جي درگتيءَ کي رنگين ۽ خوشنما
ڪيو ڇڏي.

٣

نشيڊ يا ورود تا*

ڏک نسن جي نفيسيءَ تي منحصر آهي. مثلا حيوانن
جي جسماني بناوت اهڙي آهي جو انهن لاءِ انساني
اثر پذيري† غير ممڪن آهي. سندن نسون اهڙيون تيز
۽ جاذب ناهن جو منجهن انساني امنگ ۽ اڇلون پيدا ڪري
سگهن ۽ نڪي سندن ويچار شڪتي ايڏي آهي جو
سندن اڳ ڪي خوشيءَ ۽ ڪالهه جو ارمان ۽ سياڻي جو
الڪو رکندو وجهي. حيواني هستي پس و پيش فڪري ،
ماضي ۽ مستقبل جي مونجهاري کان آجي آهي تنهنڪري
سندس ڏک سک پڻ محدود آهي. انساني اثر پذيري
ستار جي تندن جهڙي آهي جنهن ڪري هر حالت ۽
ڪيفيت انهن قسمين آهنگ ۽ آواز ڪڍي ٿي. پر
خود حالتن کي ذاتي احساس ۽ اثر پذيري ڪانهي
تنهنڪري اڻاسي دنيا جون لهرون ۽ لوڏا انساني لرزان

---

†Sensitiveness *Paradox

طبيعت تي جبرو اثر پيدا ڪن ٿا جو وڻندڙ حالت ۾
سگهي، اڻوڻندڙ حالت ۾ دک سڏيو وڃي ٿو. بذات خود
دنيا جو نظام انسان جو دشمن ناهي ڇاڪاڻ ته انکي
پنهنجي قوت ارادہ ۽ اڇا شڪتي ڪانهي ۽ انکي
مخلوقات جو مانبداڻ اسانکي ذليل ۽ رنجور ڪرڻ جي
مراد سان مقرر ڪيو ويو آهي. پر پرڪرتي بي جان، بي
هوش، بي حواس هجڻ سبب نه رڳو انسان سان پانهن
ٻيلي ٿي نٿي سگهي پر سندس بي انداز طاقت ۽ هر جا
موجودگي اڪثر انساني ڪاميابي ۾ رنڊڪ وجهي ٿي.
پرڪرتيءَ جي اپار، اڏول، اٿاسي مهما ڏسي مڻش
ڏڪي وڃي ٿو. هن مردود سان مقابلي جي مڃهس
ڪافي سگهه ۽ سمرٿي ناهي تنهن ڪري اول کان آخر
تائين ڪيس نوڪرون ڪاٽيون پون ٿيون. انهيءَ سبب
جيوت جي دک جو اصلي ذاتي ڪارڻ انساني اثر پذير
طبيعت جي خلاف بي احساس دنيا جي اندي مخالفت
ڄاڻڻ کپي. جيتري قدر انسان ۾ اثر پذيري، نرم دلي،
سوت ۽ ساڃهه وڌيڪ آهي اوتري قدر انلاءِ هيءَ دنيا
رهڻ لائق ناهي. وچار شڪتي پس و پيش جو انديشه
وڌائي وهمي خوف ۽ خوشي پيدا ڪري ٿي ۽ موجوده

حالت جي جملگي* کي پرزا پرزا ڪري انجو لطف گهٽائي ٿي. انساني جيوت گهڙيال جي لڏڻي وانگر احتياج ۽ خفگي† جي ڇيڙن جي وچ ۾ وهڪرو آهي. اسين پدارٿن پٺيان ڀٽڪون ٿا پر انهن ۾ سک نه ڏسي وڌيڪ ۽ وڌيڪ واسنائن جي چڪر ۾ اڙجون ٿا تان جو خود ڀٽڪڻ مان بر ٿيو پئون. ڪو به پدارٿ دائمي سک نٿو ڏئي ۽ خود سور ڏيئي ۾ سخت سياري ۽ سخت اونهاري جي عدم موجودگيءَ سبب سنڌس دائمي بهار بر ڪنڌڙ آهي. ڪامنا جي قوت پدارٿ جي ڪميءَ ۾ آهي ۽ پدارٿ جو مزو انهي دائمي پرورتي ۽ ڦير ڦار ۾ آهي. معشوقي شوخي عشقي گرميءَ جو جياپو آهي پر وصل جانان فصل محبت جو لاپارو آهي.

دائمي احتياج معنيٰ دائمي دک ۽ انتظاري تنهڪري گهرجون جيترو گهٽ اوترو گهٽ دکي ٿيڻ جو امڪان آهي. انسان ۽ حيوان جون اوائلي گهرجون تقريبا هڪجهڙيون آهن پر ويچار شڪتيءَ جي واڌاري انسان جون جسماني ۽ فڪري گهرجون وڌايون آهن جن جو پوراءُ ڪرڻ بلڪل مشڪل آهي. پر انساني عظمت جو پايو انهن بي انداز احتياجات تي ٻڌل آهي ۽ جي ڪڏهن انسان

*Collectivity-entirety †Boredom

مان اهي خواهشون ۽ ڪامنائون ڪڍي ڇڏين ته ويچار شڪتي جا انهن کي پيدا ڪري ٿي ۽ سکه ۽ پورهيو جي انهن کي حاصل ڪن ٿا سي پڻ گهٽجي ويندا ۽ انسان آهستي آهستي وڪاس يا ارتقي* جي ڏاڪڻ تان قدم بقدم هيٺ لهي اچي پٽ پوندو. جتي گهرجون وڌيل آهن اتي ماڻهو محنتي آهن ۽ سندن محنت جو ڦل سندن صحت، قوت، هوش ۽ آزادي آهي. پر جتي گهرجون گهٽ آهن اتي ماڻهو پڻ سست ۽ مريض، موڳا ۽ غلام آهن. سادي زندگي سادن ويچارن جو نتيجو آهي ۽ جيڪڏهن سادا ويچار ۽ سادي رهڻي انساني آدرش آهي ته البت گانءِ ۽ گڏهه سادگيءَ جا سروپ آهن ۽ کين اوتار ڪري پوڄجي ۽ پاڻ انهيءَ اتم پد پائڻ لاءِ پرارٿنا ڪجي. اعليٰ ويچار ۽ ادنيٰ زندگي، اتم آديش ۽ سادي جيوت انسان ذات لاءِ غير ممڪن آهي ڇاڪاڻ ته اهي اعليٰ ويچار جيڪڏهن فقط هوائي گيان ڌيان ناهن پر سندن مقصد عملي آهي ته انجو نتيجو ساڌارڻ خوشي ۽ راحت ۽ سهڄ جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي جا خوشي ۽ سهڄ پدارٿن يا انهن جي حاصل ڪرڻ جي آس تي منحصر آهي.

*Evolution

ممڪن آهي تہ مهاتما والگر ساڌو رهي پيو جو پراپڪار ڪجي پر انهي بہ ويچار جو مقصد هوائي نہ پر عملي آهي يعني تہ غريبن کي سکيو سهڻو ڪجي. گهرجن جي گهٽائي هستيءَ ۾ سونهن، رنگ ۽ سپيتا آڻي ٿي پر ساڳئي وقت اهي گهرجون بي حد ڏک ۽ ڏوجهري جو باعث آهن.

بلاشڪ جيوت جو مول منتر ڏک آهي. ڏک ڇا لاءِ؟ سونهن، صحت، طاقت ۽ راحت لاءِ پر اهي جٿادار ناهن. ڪوڙ جو مثلو ڪوڙ آهي. اهڙا سڪتي طاقت ۽ راحت ڪهڙي ڪم جي جنهن کي تقدير جي جهٽپ مٽيءَ ۾ ملايو ڇڏي! اهو پورهيو ڇا لاءِ جڏهن ان جو ڦل چکڻ کان اڳ وِڪڻ تيو پوي؟ هن هلندڙ پل ۾ هستيءَ جي حقيقت آهي پر جيسين انگي **فائوسٽ*** والگر پڪاري چوان تہ اي هوون هار، تون ڪهڙو نہ لذيذ آهين، ڪهڙي نہ صورت ۾ سونهن، ساهہ ۾ سڳنڌ آڻين! ترس، تہ انهن خماري اکڙين جي پيالي مان پريم رس چکان ۽ انهن سرخ ڳلن، لال لبن جي شيرين شربت مان ڍڪ پيان! ترس، اي لالن ترس، مان پياسي آهيان، ورهين کان تراسي آهيان! سڌ ڙئي جي سڌ لاهہ، آسائتي

*Faust

جي آس پوري ڪر! پر... هي پٽيل پل منهنجي ٿڪيل
دل کي دکي ڪري رمندو رهيو ۽ آءُ گذشته جي
وٿرانيءَ ۾ حيران رهيس. هستي ڪٿي آهي! جيئن
سمجهان ٿو آءُ آهيان تيئن هوند اڻ هوند، هستي
نيستي ٿيو پوي ۽ آءُ آهيان آءُ هوس ۾ بدلجو
وڃي. جيون ڌارا جو وهڪرو اهڙو تکو آهي
جو ڪابه وسٿو استر رهي نٿي سگهي. حياتيءَ جو حقيقي
ڍالو "دم گذر" آهي چاڪاڻ ته دم جو ڪٽڻ ۽ گذرڻ
يڪسان آهي. هن دائمي گهل ۾ نڪي سک آهي ۽
نڪي ان ۾ ڪا سمجهه آهي. اتفاق سان جي ڪو سٺون
سٺيل خلاصي ماڳ رسيٿو ته پهچڻ کان اڳ سندس
اگر تگر لهرن ۾ لڙهيو وڃي ۽ منجهس وڌيڪ وٽج واپار
جو وت نٿو رهي. هستيءَ ۾ حسن ڪونهي ۽ سندس
ساز جو آواز شرنائيءَ وانگر پري کان رسيلو وسهڻ ۾
اچيٿو. آسن اميدن جو مزو انهن جي عدم موجودگيءَ ۾
آهي پر آس جڏهن عملي شڪل ۾ اچي ٿي ته ڌهن نراس
ٿيو پوي. اميد اسانکي احمق وانگر لڇائي، سائرن
وانگر هر ڪائي موت جي منهن ۾ ڌڪيندي. دنيا جي
وڏائي فقط سندس ڏيک ۽ تماشي ۾ آهي. اسين ڪهڙا
نه پيتوڙي آهيون! جيترو ڪائون اوترو جيسلميري ڏتڙيل

وانگر سداءِ ٻکيا ۽ ٻوڙ ٻاوا رهونٿا. اڃا ٻريل آهي، ارادہ خالق خلقطهار آهي پر اها اڃا معشر ۾ کهڙي نہ نيچ ۽ نفرت انگيز آهي. اصل خوشي پنڪڻ ۾ آهي چاڪاڻ ته جي پنڪون نٿا ته ٻر ٿيون ٿا. ٻو پنڪڻ ۾ لاپ کونهي ۽ ٻر ٿيڻ ۾ زندگي کانهي. اها آهي عجيب ليلا جنهن جي چڪر ۾ تون ۽ مان گرفتار آهيون.*

---

* هي مضمون در اصل مهنجي اڻ ٻوري ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب ”راز زندگي يا جيون رهسيہ“ جو هڪ باب آهي.

نسلي قوميت

يهودين خلاف هٽلري جهاد نسليت جو مسئلو نئين
صورت ۾ پيش ڪيو آهي. هونئڪي سنڌيءَ ۾ معتبر
ڪتاب ڪونه سجهي جنهن ان مسئلي تي روشني وڌي
هجي. پر گذريل ڏيڍ صديءَ اندر فرنگ ۾ قومن جي
اصل نسل جو وگياڪ طريقي اڀياس ڪيو اٿن. ممڪن
ناهي ته هن ننڍي مضمون ۾ وچور سان ان جو ورتانت ڏجي
پر ڪي جزوي حقيقتون پيش ڪجن ٿيون جي اميد ته
اوهانکي وڌيڪ اڀياس لاءِ راغب ڪنديون.

هنديءَ ۾ ونش جهونو پراڻو لفظ آهي. سورج ونسي
۽ چندرونسي يعني سج پوٽا ۽ چنڊ پوٽا ته اوس ٻڌا
هوندوَ. منهنجو مطلب ايڏو اوچو ناهي تنهنڪري فقط
پرتوي پوٽن جي چٽي واڇٽ لاءِ هي لفظ استعمال ڪجي
ٿو. هتي ونش جي معنيٰ ڪنهن خاص صورت ۽ سڀرت
واري ماڻهن جو ٻڻ آهي جو ڪنهن قديم ابي امان
نڪتو هجي. ونش جو ٻوليءَ، مذهب، ملڪ سان
پريوجن ڪونهي پر سندس تعلق فقط ڪنهن قسم جي
جسماني بناوت جهڙوڪ چمڙي، اکين، وارن جي رنگ،
پيشانيءَ جي ٻيهڪ، سس ۽ ڌڙ جي ماپ، شخصي
سڀاءَ ۽ فطرتي اڏاوت سان آهي. موجوده وقت دنيا

جي ٻين ٻولين ۾ هي لفظ اڪثر استعمال ٿئي ٿو ۽ اسانوٽ ۾ ڪل، نسل، حسب ونسب، ٻج، نژاد وغيره لفظ موجود آهن جي مختلف معنيٰ سان ڪتب اچن ٿا پر مٿي ذڪر ڪيل معنيٰ جا ونش سان لڳائي وئي آهي سا ساڻن تعلق رکندڙ ناهي. اڪثر اهي لفظ خاندان، آکهه، گهراڻي سان لڳائجن ٿا ۽ سندن دائرو محدود آهي. ونش بنيادي لفظ آهي جو خانداني شجري جي ڪل پاڙن کي پڌرو ٿو ڪري. ممڪن آهي ته ان عيوض ”ٻج“ يا ٻيو ڪو وڌيڪ موزون لفظ مقرر ڪيو وڃي پر فعلا مون ونش Race جي بجاءِ ڪم آندو آهي. اميد ته پڙهندڙ انجي صحيح مطلب سمجهڻ ۾ غلطي نه ڪندا.

عام عقيدو آهي ته انسان ذات هڪ ابي اما جي اولاد آهي جيتوڻيڪ انهن اصلي والدين جا نالا نرالا آهن. هندو کين شو پاربتي چون، عيسوي آدم ايو ٻولين، مسلمان آدم هوا آکين وغيره. انهيءَ ايڪ ماٽ پتاواد جي تصديق اڪثر ڌرمي پستڪن مان ملي ٿي. جدا ٻولين ۾ ان وشيه تي وڻندڙ ڪوتائون ۽ موجود آهن. انجيل اول ايڪ ماٽ پاٽ واد جو قائل آهي پر پرلئه بعد حضرت نوح جي ٽن پٽن شيم، هيم، جافيت

کي عالم جا ابا ٿو ٺهرائي. اهي ٽي ناريءَ ٻعا اولادي ڪيڏن ٿيا تنهنڪي پروڙ پادرين کي پران عقيدي موجب پس پرلي† آهت انيڪ ماس پتا واد چئبي.

وگيانين جو ان مذهبي عقيدي سان اختلاف آهي. هو هنومان وادي (هنومان واد = ApeTheory) آهن. سندن رايو آهي ته اسين بن منش* جي اولاد آهيون. هنومان واد جو ابو دارون|| ليکيو آهي پر هيئر ان ڏس ۾ وڏيڪ کوجنائون ڪيون اٿن ۽ جدا ونشن‡ کي جدا قسم جي بانڊرن جي سنتان ٺهرايو اٿن. اڄڪلهه هيلشر جي تقسيم مقبول عام آهي ته چار ونش چئن بانڊرن مان آهن ۽ ٿلهي ليکي گنگٽ ۽ بلومن باخ پڻ ساڳي خيال جا آهن. ڊينڪر جو ويچار آهي ته معاملو اهڙو آسان ناهي ۽ هو انسان ذات کي ۳۰ ٽيهن طبقن ۾ ورهائي ٿو ۽ ارنسٽ جنڪيٽ ڇٽيهن طبقن ۾. پر ڏسڻ ۾ اچيٿو ته اهي طبقا يا هورسٽينگ جي ٽن طبقن يا بوفون جي تواريخ طب واري ڇهن طبقن جي وچور آهن. تنهنڪري اسين هتي فقط هيلشر جي چئن ونشن جي وچور ڏيون ٿا:

---

†Post flood *Anthropoid apes
||Darwin ‡Races

ميلشري تقسيم

بن مانس	ونش	سڀاءُ
١. شمپانزي	سفيد پوست فرنگي	سڳهڙ، درسي، ڄاڻا، تيز فهم، رچڪ، لباس پوش، اڪي سست اڪي چست، قانون ذريعي حڪومت ڪندڙ
٢. گبون	سرخ پوست امريڪائي	تيسر، آزاد طبع، رسم دواران راڄ ڪندڙ
٣. اورنگ اوٽن	زرد پوست آسيائي	ملون طبع، ظالم، آرائش پسند، هٻڇي، سفيد لباس پوش، خيالن ۽ راين سان حڪومت ڪندڙ
٤. گوريلا	سياه پوست آفريڪائي	سرد طبع، سست، حريف، لا غرض، چمڙيءَ کي تيل لڳائيندڙ، ريچڪ دواران حڪومت ڪندڙ.

اسان مٿي فقط چمڙيءَ جو رنگ ۽ سياھ ڏيکاريو آھي جو ونش لھڻ لاءِ ڪافي ناھي. جيڪڏھن علا ذاتي وصفن ۽ گپت سنش ليمنڪ وڪاس* يا اخلاقي وصفن جي غيبي آميزش سبب جا ڦيرڦار ۽ ترقي ٿئي آھمڪي نظر انداز ڪجي ۽ فقط جسماني بناوت تي ڌيان ڏجي ته وار، اکيون، قد، منھن، کوپڙيءَ جي ھڏن جي ماپ ۽ ٻيھڪ ۽ سنجوگي لاڙو‡ پڻ جاچڻو پوندو. مثلا ھڪ ڪن جي سوراخ کان ٻي ڪن جي سوراخ تائين ماپ ۽ ٻرن جي وچ نڪ جي پاڙ کان کياڙي وٽ ھڏي جي پڇاڙيءَ واري ٻوٽي تائين ماپ وٺي ٻنھي جي لاگ† ڪڍبي جنھن کي چئبو کاپاري ڪٿ⁑ ڏسبو ته ڪي موڪرا مٿا¶ ته ڪي ٻوگھا مٿا|| آھن. جن جا مٿا موڪرا تن جا اڪثر قد ننڍا، منھن ويڪرا، جسم جانٺا ٿين ٿا ۽ ھو سياويڪ سست طبع ۽ خود آزار ۽ اندر ڪائو آھن. پر جن جا مٿا ٻوگھا تن جو منھن بيضه قد ٻوگھو ۽ طبع چست ٿئي ٿي.

ٿھڙيريسٽ رت جا جزا پڻ ھر ونش ۾ نرالا آھن. انجي

---

*Evolution of mystic Synthesis ‡Sexual inclination †Ratio ⁑Cranial index ¶Brachy cephalis ||Dolico-cephalis

ثابتي ٿيندو بيماريءَ جي حالت ۾ مريض ۾ تندرست انسان جي رت وجهڻ مان ملي ٿي جنهن کي (Trans fusion of Blood) چئجي ٿو. ڏسبو ته ڪن جو رت ٺهڪي اچي ٿو ۽ ڪن جو نه. سرخ خون جا جزا* ۽ تخم خون† جي ماءَ پيءُ وٽان ٻار کي ملن ٿا تن مان پڻ ونش جي خبر پئجي سگهي ٿي. هر ڪنهن ونش ۾ سنجوڳي لاڙو‡ پڻ عليحدو آهي. مثلا آريہ ونش ۾ هم جنسي سنجوڳ‡‡ صدين کان چالو رهيو آهي. **افلاطون** جي جمهوريت ۾ عورتن کي جڳهه ڪانهي ۽ ان عيوض خوبصورت نوجوانن کي انهيءَ آدرشي ڪالونيءَ ۾ رکڻ واجب سمجهيو ويو آهي. اڄ بہ يورپ ۾ خاص ڪري جرمنيءَ اندر اهو اوگڻ گهڻي قدر وڌيل آهي. ايران، افغانستان انلاءِ مشهور آهن ۽ هندستان جون اتر الهندي واريون قومون ۽ اسين سنڌي جن ۾ آريہ رت گهڻي قدر آهي سي پڻ ان کان آجا ڪين آهيون.

ڏٺو ويو آهي ته هرڪو ماڻهو اڪثر ڇهن ٻيڙهين کان گڏيل رت ۽ محيط جي اثرن جي پيدائش آهي (جنهن کي انگريزي ۾ Entourage and millieu

---

*Red Corpuscles †Plasma ‡Sexual inclination ‡‡Homo-Sexuality

ڇهو وڃي ٿو) **لامارڪ** جي نظرين موجب حياتيءَ جون
حالتون ۽ محيط جا اثر خون جي جزن ۾ تبديلي آڻين
ٿا. يعني ته جيڪڏهن مائٽن جي نسلي ٻج ۾ اهي نوان
اثر داخل ٿي يڪوجود ٿي وڃن ته اولاد ۾ ٻنهي جي
مرڪب ملاوت نمايان ٿيندي. مائٽ جيڪڏهن صحت
جي نيم پٽاندڙ زندگي بسر ڪن ته ممڪن آهي ته ڏاڏاڻي
خون جون خاميون پوئين ۾ اُبتڙي نه سگهن. **مينڊيل** ۽
ٻين ڪيترن علم حيات جي ڄاڻن جو انهن **لامارڪ** سان
اختلاف آهي. مينڊيل واد انهيءَ تي زور ٿو ڏي ته
انسان جي قسمت والدين جي تخم تي منحصر آهي.
حالتون ۽ محيط سندس رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڦيرو آڻي
سگهن ٿا پر سندس هاڻي ۽ سياءَ ڪي گهڻو بدلي نٿا
سگهن. پر **ليمز** جي دليل مطابق هڪ ڳالهه خيال ۾ رکڻ
گهرجي ته دنيا ۾ اُسريل ماڻهو سؤروپ* يا اباڻي اڏ يا
نسلي جنس موجب نٿا ڏسجن پر محيط جي اثرن منجهن
وڏو ڦيرو آندو آهي جنهن ڪري سندن پرتڪش روپ
يا ظاهري صورت† سؤروپ کان نرالو آهي. تنهن
ڪري جيڪڏهن سؤروپ ۾ ڦيرڦار آڻڻ آسان ناهي ته

---

*Genotype †Phenotype

۽ سماج جو فرض آهي ته علم ۽ محيط ذريعي پرتڪش روپ‡ ۾ سڌاري آڻڻ جي ڪوشش ڪري.

اباڻي اڻ ڪئين اچيٿي سو هڪ پيچيده معاملو آهي. چون ٿا ته رت جي بج¶ ۾ هڪ قسم جا زرد تاندورا يا زردڪ|| آهن جي اباڻي خون جي ارت اولاد ۾ آڻين ٿا. انهن کي گڻ∴ چون ٿا جنهن مان نسل ودي يا گڻ وديا± شبد اڪتو آهي. اهي گڻ يا نسلي جزا استول وستو:: ناهن جن کي شڪل، قد، بت هجي پر اهي سنچلڪ ستوَ* آهن. هن مان ڏسبو ته جنن علم طبعي هميشه فقط پرم اڻوواد† ناهي تنن جيو وديا يا علم حيات پڻ بج واد ناهي پر سنچلڪ ستو يا پرماڻو گت واد جو حامي آهي.

ڊارون جو خيال هو ته گريب ويل والدين جي تخم مان ٻه جزا ملي نئين حياتيءَ جو پايو وجهن ٿا. انهن ٻن نرالي قسم جي جزن جي ملاوت جنس ۾ ڪڏهن قسم جي قير قار آڻي ٿي جنهنڪري ڪي وصفون وڌيڪ چٽيون

---

‡Phenotype ¶Cell ||Chromosomes
∴Genes ±Genetics ::Concrete structures *Dynamic entities †Molecular theory

ٿي ويون ٿيون ۽ ڪي هٿئي وڃن ٿيون. ممڪن آهي تہ هٿئي ويل وصفون ڪن حالتن ۾ اولاد ۾ ظاهر ٿين ۽ جيڪڏهن حالتون سٺايون هونديون تہ ڇٽيون وصفون وڌيڪ ڇٽيون ٿينديون ۽ ڪن پيڙهين بعد هٿئي ويل وصفون غائب ٿي وينديون. ٻوٽن جي وصفن ۾ پريورتن‡ هڪ قسم جي اڻ لاڳيتي تبديلي§ آهي. يعني تہ جنس ۾ ڦيرو پشت بپشت ذخيرو ٿيندو ۽ اثرن جو نتيجو آهي جنهڪري نيون وصفون پيدا ٿين ٿيون ۽ پراڻيون وصفون غائب ٿي وڃن ٿيون.

لامارڪ جو خيال هو تہ ٻوٽن ۾ روحاني دماغي آرتستي وصفون آهن. هينئر وگياني ان خيال جا ناهن. ڏٺو ويو آهي تہ گذريل هزار ورهين جي عرصي ۾ نہ ڪي بشري بناوت، هاٿي، روپ وغيره ۾ ڦيرو آيو آهي ۽ نہ ڪي انسان جو سياڻپ گهڻي قدر ڦريو آهي. البت ٽماٽي ۽ پتاٽي کي قلم ڪرڻ سان ٻوماٽو، گوجھ ۽ زردالو کي ملائڻ سان گوجالو† نالي سکيا آهن ۽ ڪيئين قسم جي گلن جو رنگ ويو ۽ بناوت ڦيرائي ڇڏي اٿن. اچن ۽ ڪارن ڪوئن جو سنجوگ ڪرائڻ سان چڪمرا ڪوٺا

‡Mutation §Discontinuous Variation
†Plumet

پڻ پيدا ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت ٽري ڏاڏ ۽ ٽيڪساس
ڳانءِ جي ميلاپ مان ڳاٻا ۽ ڳاٻيون ٿيون آهن جن ۾
ٻنهي جانورن جون ڳهرايل وصفون آهن جن الب ۽ ڇمون
کي پيوند ڪرڻ سان ٻنهي جو ڳڏيل ذائقو هڪ ميوي
۾ ٿئي ٿو. هن مان نروار آهي ته جيڪڏهن جنس بشر
تي تجربا ڪجن ته شايد الهام به قيرو آڻي سگهجي. پر
ڪم ڪٺن آهي ڇاڪاڻ ته اهڙن تجربن لاءِ ڪي سو
سال کپن ۽ ماڻهوءَ جي حياتي آهي فقط سايون ٿي ويهون،
ازانسواءِ ڏٺو ويو آهي ته بلڪل اعليٰ انسانن جي اولاد
اڪثر ضعيف ۽ بي اثر ٿيندي. جڏهن ته قدرت پنهنجي
سموري شڪتي ورهين جا ورهيه هڪ افضل انسان
پيدا ڪرڻ ۾ لڳائي حياتيءَ جو ذخيرو خالي ڪري
ڇڏيو. هو حال اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته گڏا يعني
جدا نسل جي ماءُ پيءُ مان ڄاول ٻار وڌيڪ لائق ٿين
ٿا ۽ منجهن حياتي جي ڪشمڪش ڪي منهن ڏيڻ جي
طاقت وڌيڪ ٿئي ٿي. تنهنڪري ساڳئي خاندان جي
زالن مردن وچ ۾ شادي اگرچ گهر جي صلح سازيءَ لاءِ
مفيد آهي پر نسل جي لحاظ کان هاڃيڪار. ڏٺو ويو آهي
ته اهڙي حالت ۾ ماڻهن جي خامين جو اثر ٻارن تي وڌيڪ
پوي ٿو ۽ خوبيون اڪثر هٽي وڃن ٿيون. ازانسواءِ

انهيءَ اولاد ۾ ايون وصفون ۽ گڻ نهين رت جي عدم
موجودگيءَ سبب ظاهر ٿي نٿا سگهن. اڄ ڪلهه علمي
مرڪزن ۾ عقيدو آهي ته شادي جيترو پنهنجي خاندان
کان ٻاهر پري ڪجي اوترو بهتر.

مون شروع ۾ يهودين خلاف هٽلري جهاد ڏي
اشارو ڪيو آهي. اهو جهڳڙو آريه ۽ سامي ونش وچ ۾
آهي. تاتاري جنهن ۾ چيني، جاپاني، مغولي، ترڪمن
اچي وڃن ٿا يا شيدي ۽ حبشي جي اصل آفريڪا جا
باشنده آهن تن جي نسل نسبت ڪنهن کي شڪ گمان
ڪونهي. باقي سامي جي آسيا صغير ۽ ٻوانچ سمنڊ
جي آسپاس جا رهواسي آهن ۽ جن جي بناوت آراڏي
آرين کان ڪي قدر علحدي نموني آهي تنهن ثابت
جدجال آهي. هن مان اهين ته سمجهڻ گهرجي ته سامي
يعني عرب ۽ يهودي ۽ آسوري ۽ ارميني آريه ونش
جا ناهن. هو ۽ آريه ونش جي شاخ آهن ٻر آراڏي آريه
جي هندي- جرمن يا هندي ايراني ٻولي ڳالهائيندڙ آهن
۽ سامي جي نرالي نموني جي ٻولي ڳالهائيندڙ آهن *
۽ سندن سياهه پڻ ڪي قدر علحدي نموني جو فرض

---

*(تازو مدراس جي زبان دانن کوجنائون ڪري ڏنو آهي
ته سامي ٻولين جو دراوڙي ٻولين سان بنيادي لاڳاپو آهي)

ڪيو وڃي ٿو تن جي وچ ۾ اڻبڻت آهي. انهيءَ جهڳڙي جو اصلي بنياد زبان دانن* وٽان پيو جيتوڻيڪ درحقيقت واش جو ٻوليءَ سان ڪو خاص تعلق ڪونهي. ممڪن آهي ته مغولي ٻولو ۽ تلفظ عربي ٻولي ڪان نرالو هجي ۽ مغولن کي ڪيتري نه تربيت ڪرڻ بعد عربي زبان جو ڏانءُ نه اچي پر اها حقيقت آهي ته ڪيترن حبشن ڪيترا ماڻهو اهڙي ٻولي ڪتب آڻين ٿا جن جو سندن اصلي ڀاشا سان لاڳاپو ڪونهي. پجن† يا اپ ڀرنش يا بگڙيل ٻولي اوائل ۾ ڌاري زبان کي ترجيح ڏيڻ جو نتيجو آهي. مثلا اسين سالن جي تربيت بعد سورڪائي انگريزي سکون ٿا پر اسانجي بابو انگلش ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ انگريزن وٽ خنده زنيءَ جو باعث آهي جيتوڻيڪ انگريزي آريه ٻولي آهي ۽ انجا آواز اسانلاءِ اهڙا مشڪل ناهن. انگريزي ته پري رهي پر مان جڏهن ايران ۾ هوس ته ڪيترا عالم هندي جن کي فارسيءَ ۾ ڪامل ماهريت هئي سي جڏهن اتي ڳالهائڻ شروع ڪندا هوا ته ماڻهو سندن گلا ۽ بي ڍولا آواز ٻڌي اچي کل ٿيندا هوا ۽ ٽهڪڪاٻوءِ کي هڪتا لاڳيتو ٻيا انتي ٺٺولي ڪندا هوا. ٺهڙ پيت آذربائجاني ترڪ جي صديون ايراني حڪومت

---

*Linguists †Pidgin

هيٺ رهيا آهن سي ٻئي فارسي ايرانين وانگر ڳالهائي ڪو نه سگهن جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪي سگهڙ معتبر ٻڌڻ خاطر سڄي ڄمار فقط ٻولي سکڻ ۾ برباد ڪن ٿا. ٻولين جا ڀيد اهڙا ته ڇتا ۽ پڌرا آهن ۽ ڌارين لاءِ طبعي نفرت ايڏي زور آهي جو نرالي ڀاشا کي نرالي ونش سان منجهائڻ بلڪل آسان آهي.

پر زبان دانن جي رائي موجب جدا ونش جي ٻولي فقط جدا قسم جي آواز ڪڍڻ تي منحصر ناهي پر انجا ڌاتو جيڪڏهن ساڳيا هجن ته ڄڻبو ڪنهن وقت اهڙي قوم جا ابا ساڳيا هوا. مثلاً پراچين هندو ۽ يونانون يوناني، رومي، اسڪنڊينيوي ۽ يونانن سان ٺهڪي اچن ٿا ۽ سندن پرڀ، پوڄائون، نيم، ايتري ٻڻ گهڻي قدر مشابهت رکندڙ آهي. تهڙي ريت سنسڪرتي شبدن جا ڌاتو مذڪور ٻولين جي ڌاتن سان ملن ٿا ۽ بنيادي شبد پنڊار سنسڪرتي پيو لڳي. مثلاً ماتر، ميٽر، مادر، مدر؛ پتر، پيٽر، پدر، فادر؛ دهتر، دختر، دختر، ڊاٽر؛ گئو، گاءِ، ڪئو. اهڙا لفظ سون جي تعداد ۾ آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهڙي ٻولي ڳالهائيندڙن جا اصلي ابا ڪنهن سمي ساڳيا هوا يا گهٽ ساڳئي ملڪ ۾ رهندا هوا،

ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هوا، ساڳيا ديوتائون پوڄيندا هوا، ساڳيا ڏڻ ملهائيندا هوا ۽ سندن نيم ۽ نيتي ساڳي هئي. پر ان جو قطعي فيصلو فقط ٻوليءَ مان نٿو ڪري سگھجي ڇاڪاڻ ته ڪهڙي به ٻوليءَ کي سياسي يا مذهبي يا ٻين سببن ڪري ترجيح ملي سگھي ٿي ۽ ممڪن آهي ته صدين جي دوران ۾ هڪ قوم پنهنجي ٻولي صفا وساري وڃي ۽ ڌاري ٻولي استعمال ڪري. البت اهڙا مثال ڇڊا آهن ۽ فقط ڪن ننڍن ٽڙيل پکڙيل فرقن سان لاڳاپو رکندڙ آهن. مولڪي اهڙي قوم ڪانه سمجھي جا پنهنجو قومي روح ۽ احساسات ڊٻائي پاڻ کي ايتريقدر پروهيٺو ڪري. ائين برابر آهي ته ڌارين جي هٿ ۾ حڪومت جي واڳ اچڻ ڪري ديسي ٻوليءَ ۾ ڪيئين پرديسي الفاظ مروج ٿي وڃن ٿا يا مذهبي اثر سبب ان مذهب جا پيرو خود بخود اهڙن لفظن کي ٻوليءَ ۾ مشتهر ڪن ٿا. مثلا جنوبي فرنگ ۾ ڪيئين عربي لفظ اڄتائين ڪم اچن ٿا يا فارسي، هندي، سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ هزارن جي تعداد ۾ آهن. نه رڳو ايترو پر فرانسوي ڀاشا وانگر ٿئي ۾ عربي ل ۽ لا مستعمل آهي. "لٿي ڪيسري تنهنجو ڳيوور پيو ڪيڪيون ڪري" ۽ "لاڪوهه پيو ماريندو آهين" اهڙا مثال انيڪ آهن.

وهين صديءَ مشرق ۾ ٻئا قوميت جو جذبو آندو
آهي جنهن ڪري ڪي قومون جي ڪذريل هزار سال
کان هڪ خارجي لغت، ڳوڙهي انداز ۾ ڪم آڻينديون
هيون سي هيئر دور ماضيءَ ڏي نهاري رهيون آهن
۽ ڄاڻي واڻي ڌاريا لفظ ترڪ ڪري، قديم زبان مان
ڌاتو وٺي نوان فرهنگ پيون ناهين. جديد ايراني ڏسو
ته ڪيئن ميرزاده عشقي وانگر ”اين خرابه ايران
مانسيت. ايران ڪجا است ايران ڪجا است“ جو منتر
اچارڻ لڳا آهن. اهو جذبو نه رڳو ڪيترن صدين کان مروج
لغت ترڪ ٿو ڪرائي پر مذهبن عربن لاءِ حقارت پڻ
پيدا ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته هو سمجهن ٿا ته سندن قديم
قومي عظمت کي خاڪ ۾ ملائڻ ۽ قومي روح کي مطيع
ڪرڻ لاءِ عرب تلاهي آهن. تهذيبت ترڪيه جديد ۾
توراني زبان، اخلاق، تهذيب تي زور ڏنو وڃي ٿو ۽
اڪثر عربي زبان ۽ عربن جي توهين ڪئي وڃي ٿي.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته قوميت ۾ ڪيترئي خوبيون
آهن خاص ڪري قوميت جو جذبو ان ملڪ جي ماڻهن کي
ترقي ڪرڻ، دنيا ۾ برک ٿيڻ ۾ گهڻي مدد ڪري ٿو
پر سڀئي قوميت ڌارين جي نفرت تي مبني ناهي ۽
نڪي انجو دائرو اهڙو تنگ آهي جو ٻين جي خوبي

کي ٻرو سمجهي انجو فائدو نه وٺي. سچي قوميت ۾ تنگ دل کي جڳهه ڪانهي. دنيا جي قومن جي صديون کان ايتري لهه وچڙ رهي آهي جو ڪابه ٻولي، ڪابه تهذيب، ڪوبه نسل نج ديسي يا شد ناهي جنهن اسين روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترن جدا ملڪن جون شيون واپرايون ٿا تن اسانجي اندر ٻن اندر لڳي اثر موجود آهن ۽ اسانجو اخلاق، رهڻي ڪرڻي چوڻي سرو ديسڪ آهي. ڏيڏر وانگر کوهه ۾ ويهي ٽان ٽان ڪرڻ، ديسي قيمت سان آسمان کڻڻ يا ديسي پستيءَ کي ٻڌ ديسي ترقيءَ تي ترجيح ڏيڻ قوم لاءِ قاتل آهي. تنهنڪري سچي قوميت اها آهي ته وطن کي تمام دنيا جي ادبيت هنر تهذيب سان مالا مال ڪجي. ڏسو انگريزي ٻولي ڪيئن نه ماکيءَ جي مک وانگر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مٺا رس ڇولي پاڻکي زرخز ڪيو اٿس. ڪيئن نه فرنگي بنان ڪڏهن لڄ يا هٻڪ جي نوان لباس، نوان کاڌا، نوان فرنيچر، نيون عمارتون نپا ڪم آڻين. هو پاڻکان اهو سوال ڪونه ٿا پڇن ته سندن پڙ ڏاڏو ڪشميري شال پائيندو ۽ انب کائيندو ۽ هندوري ۾ لڏندو هو يا نه ۽ لڪي هٽي جي رهواسين وانگر انهيءَ چڪتا ۾ آهن ته قديم اخلاق، لباس، رهڻيءَ ٽي

ڏور ڏئي، پنهنجي ملڪ کي هڪ آثار قديم جو عجائب گهر ٿو بڻائين. خياليءَ جو راز وڏو آهي. بيٺل پاڻي غلاظت پيدا ٿو ڪري پر وهندڙ گنگا سدائين صحت بخش، جان پرور، روح افزا آهي. قوميت شين يا اکرن جي استعمال ۾ ناهي پر قوميت هڪ آتمڪ، سنچالڪ ستو آهي جو ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ جي محيط سان رنگي ٿو ڇڏي. قوميت آهي هڪ امنگ، نظر ۽ ذهنيت جا وطن کي دنيا ۾ سرفراز ڪرڻ ۽ ملت کي آسودو ۽ اعليٰ ڪرڻ فرض اولي ڄاڻي ٿي. اڳين زماني جا شاهه ڌاريا ملڪ لٽي، سعدن هيرن جواهرن سان پنهنجو خزانو ڀريندا هوا پر اڄ جا سچا قوم پرست اهي آهن جي دنيا جو علم هنر تهذيب آڻي، پنهنجي ديس کي انجو فيض رسائي، پنهنجي هموطنين کي عظمت جي بلنديءَ تي پهچائڻ حب الوطني سمجهن ٿا. البت انهيءَ اعليٰ ڪم لاءِ تميز، ڄاڻ، اتساهه کپي. ٻيءَ حالت ۾ امڪان آهي ته نئين نظام قائم ڪرڻ عيوض مونجهارو ۽ بد انتظامي پيدا ٿي پوي.

جنهن قوميت کي پنهنجي اصلي سچي صورت ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي تنهن نسل ۽ خاندان جي بنيادي ڄاڻ پڻ لازمي آهي. ولش گيريب جرمن قوم جو خاص

ورتو ناهي. ڪنهن وقت يهودي به پاڻ کي اشرف البشر سمجهندا هوا. اڻويهين صديءَ جي فرنگين جي لاف ته دنيا کي سڀيتا ٻڌائڻ جو بوجو سندن ڪلهن تي آهي؛ ويهين صديءَ جي جپانين جي ساڳي اهاڃ شايد اوهانجي چپن تي مرڪ آڻي پر جيڪڏهن مون وانگر اوهانکي جپان وڃڻ جو موقعو ملي ۽ **ڊرئگن سوسائٽي** جي ميمبرن سان گفتگوءَ جو شرف مليو ته اوهانکي حيرت لڳندي ته اهڙن خام خيالن ۾ بلڪل صداقت سان مڃڻ وارا شخص اڪيچار آهن. نسلي غرور سياسي طاقت جو ساٿي آهي. تنهڪري آريه ساهتيه جي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته جڏهن جڏهن آريه ونش جي ماڻهن ڪٿي به فتح پاتي آهي يا اوج تي رسيا آهن ته منجهن ونش گيرب واسو ڪيو آهي. ويرسميه جا آريه اڻ آرين کي مليڇ، چنڊال سڏيندا هوا ۽ منجهن عام عقيدو هو ته هو باندرن جي سنتان آهن. مثلاً راماين جي زماني ۾ مدراسين کي ڀڄ ڪولا هو ۽ سندن شڪل پڻ باندر کان انسان سان وڌيڪ مشابهت رکندڙ هئي. ٽڏهن به دکن واسين جو ديوتو عين باندر جهڙو ڪينڊيل آهي. انهيءَ اوائلي گيرب مان ورڻ آشرم يا چمڙيءَ جي رنگ مطابق ماڻهن جي ورهست ٿي جا پوءِ جدا اصولن جي بنشي

وارن سان ڀرڻ لڳائي وئي ۽ جهڙو خطرناڪ ۽ ظالما نه لمونو اڇتاءِ اڇوتن، شودر ۽ انيڪ جاتن پاسي پيدن ۾ اساوت موجود آهي.

آريه اصل هندي نه هوا. سندن جنم ڀوم نسبت ڳرامت پيدا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته اصل آريه ستان اسڪنڊينيويا ۽ يومرانيا ۾ هو. هيڏڙا اتي سخت سردي آهي پر هزارين ورهيه اڳ انهي آب و هوا ملايم هئي. ڪن علم ارض جي ماهرن جو خيال آهي ته ڪنهن سمي قطب شمالي گرم ملڪ هو جت وڏا جهنگل ۽ پيلا هوا جن جي ثابتي موجوده ڪوئلن جي کاڻين مان ملي ٿي. ڌرتيءَ جي محور ڦرڻ بعد اتي ٿڌ ٿيڻ لڳي ۽ مهاجرين لڏي پلاڻي جنوب رخ رکيو. هن وشيه تي ڪيترا دلچسپ پستڪ آهن جن مان **تلڪ** جو پستڪ* پڻ پڙهڻ وٽان آهي. ٻين جو خيال آهي ته آريه ستان اصل گوبي صحارا ۾ هو جو گوندستان (دکن هندوستان، عربي سمنڊ ۽ افريڪا جي گڏيل زمين) جي زير آب ٿيڻ ۽ هماليه جي پرگهٽ ٿيڻ بعد غير آباد ٿي پيو. جنهن ڪري لاچار انهي رهاڪن کي اتان لڏي سورٽي پيئي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو ته علم ارض جي

*Arctic Home of the Aryans

ڄاڻن جي عقيدي مطابق سنڌ و هندوستان کان قديم تر زماني
جي آهي ۽ عموما نڊيون ملڪن کان پيرسن آهن. انهي
زماني سنڌو گنگا وادي زير آب هئي ۽ هينئر ۾ جيڪڏ
گولبستان يا عربي سمنڊ جو زير آب ٽڪنڊو ڄاڃي ڏسندا
ته ٽوهانکي اراولي ۽ هماليه جي وچ ۾ دوياهه جو پيٽ
ڏسڻ ۾ ايندو ۽ زير آبي سليمان ۽ اراولي جبلن وچ
سنڌ لڪ جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. ڪي ڄاڻو
وري انهن ٻنهي راين خلاف آهن ۽ سندن چوڻ آهي
ته آريه سوِيت ديس مان آيا جو بحر خضر جي ارد گرد آهي.
سندن دليل آهي ته هنن ڪڻڪ اڇي قدرتي ٿيئي ٿي
۽ سوِيت معنيٰ اڇو ۽ ڪڻڪ† آهي. آرين جو گذران
کيتي تي هو ۽ ڪڻڪ سندن خاص کاڄ هو. تنهن ڪري
انهن سفيد پوش گندم خور ماڻهن جو ملڪ سوِيت ديس
سمجهڻ گهرجي. آريه ٻولي ۽ آريه نينشي جي سيهي کي
ڄاڻ آهي جنهن ڪري انجو ذڪر نٿو ڪجي.

مٿي ڏنل بيان مان اوهان شايد سمجهندا ته دنيا جا
ماڻهو جدا ونشن ۾ ورهايل آهن ۽ ممڪن آهي ته هرڪو
قيمت کٽي کاپاري ڪمت لهڻ ۾ لڳي وڃي. اهڙي
ماليخوليا ۾ عيب ڪونهي. مون ڪيترن سنگتين جون

†White and wheat

ماڻهون ورڇيون آهن ۽ اڪثر شڪليون، قد، بت، بيهڪ
جاچي ڏسندو آهيان، پر معاملو مجهول آهي ڇاڪاڻ ته
صدين کان دنيا جي اصلي ونشن وچ لهه وچڙ هئڻ
سبب اينري ته رت جي ملاوت ٿي آهي، جو خالص
اصلي صورت ملڻ محال آهي. دنيا جون سڀ قومون
گڏيون آهن ۽ ڪي گهٽ ڪي وڌ. وٺو مثال اسان
سنڌين جو. آرين کان اڳ هتي اڻ آريه يا دراوڙ قوم
جا ماڻهو رهندا هئا جن جي ٻوليءَ جا ڌاتو بگڙيل صورت
۾ اڄتائين پروهين، ڪولهين وغيره ۾ ملن ٿا ۽ سنڌن
جسماني بناوت پڻ سنڌ جي ڪيترن ماڇين مهاڻن ۾
ڏسڻ ۾ ايندي. تهانپوءِ آريه آيا جن اصلي قومن کي
ماري مات ڪيو پر ڪي مٺيان رهجي ويا ۽ ڪن سان
سندن ناجائز تعلقات جو نتيجو هڪ قسم جي اولاد ٿي
جا نه خالص آريه ۽ نه خالص اڻ آريه هئي. تهانپوءِ شاڪ،
سٿين، يوناني، ايراني وغيره آيا جي سڀ آريه نسل جا
هوا. پوءِ آيا عرب جن جو نشان اڄتائين ڪيترن مسلم
آکهن جي شجري مان پوي ٿو. اهڙيءَ ريت، تاتاري،
ترڪ، مغول ۽ ٻيا پڻ آيا. جئن اسانجي ٻوليءَ ۾ انهن
مڙني ٻولين جا آواز ۽ لفظ آهن تئن اسانجي رڳن ۾ اهي
مڙئي خون مخلوط ٿي هڪ نئين گڏيل جنس پيدا ٿي

آهي جا آهيون اسين سنڌي. ازانسواءِ ٻيا نه ڪيترا
ترڪ يا تاتاري يا گرجستان، حبش، ڪردستان وغيره کان آيا
آهن. ڪردستان ۾ ڪلهوڙا ۽ حر (حر = آزاد، حريت =
آزادي) ذاتيون ڏسي اباڻي ديس جا حر ۽ ڪلهوڙا ياد
پيم ۽ سيستان ۾ بلوچ (بل-اوچ) ڏٺم جي ته نج آريه آهن
۽ رستم سهراب کان تورانين سان وڙهندا آيا آهن. سنڌ
آهي سرحدي ملڪ جنهن وچ آسيا، ايران، عرب جي
ڏيڏيل پر فاتح قومن جو ڪاروان پيو لنگهيو آهي. انهن
مان جيڪي سنڌ کي گهر ڪري ويٺا تن جو عدد اٽي
۾ لوڻ سمان آهي. پر اهي سرباز جي تن تهها بيابان جهاڳي
اچي سنڌ ۾ سهڙيا سي هتي جون مومڻون ڏسي، اکيون
پوري، همت ڇڏي يا تسبيح کڻي، فاقه ڪشي ۽ عبادت
۾ لڳي ڪوله ويا هوندا. سنڌن اڪ، لڪ، چپ
اڄ تائين موجود آهن ۽ ڪڏهِ ڪڏهِ ته حبش يا منگوليا
جو رهاڪو عين اباڻي صورت ۾ اچيو پرگهٽ ٿئي.
مطلب ته هن قسم جي رت جي ملاوٽ* ۽ سنڌ جي
آب و هوا زمين يا محيط† جو انهيجو اسين سنڌي آهيون.
هتي هندو مومن جو سوال ڪولهي، چاڪاڻ ته خون
لڪي آهي ڪافر ۽ لڪي آهي ديندار. خون خون آهي

---

*Entourage †Millieu

۽ سنڌي ھُون ھڪ قسم جو ڪاڪ ٽيل آھي جو ماشاالله ٻي ڪنھن ٻہ قسم جي ٽوش کان لنڍيل ٿو ثابت ٿيندو. اسان جي اندر ۾ ڪي اعتزيون تہ چٽساليون آھن جي جيڪڏھن پنھنجي پراسرار لطف سان نڪري نروار ٿين تہ دنيا کي حيرت ۾ وجھي ڇڏين. ٻر اسانءِ اھا شناس اڃان ڪالہ آئي آھي جنھن ڪري اسان ڪي پنھنجي حجازي، بغدادي، بخاري، بلخي بنياد تي فخر پيا وٺن جڻ تہ اھي خارجي جنسون اسانجي وطني جنس کان ڀليريون آھن. حقيقت حال جي تہ ھيءَ آھي تہ سنڌن بلغاري ابو ورھين کان سنڌ جي مٽيءَ ۾ ڳوھجي ھڪ قسم جو سنڌي ڪوزو ٿي پيو آھي جنھن جي اڏاوت اور ۽ ڊول نرالو آھي. خير، ھتي ھڪ ڳالھہ ياد ڪرڻ لايق آھي سا ھيءَ تہ ڌارين ابن ۾ فخر وٺندڙ قوم ۾ سوڀمان پيدا ٿي نٿو سگھي ۽ نہ ڪي اھا قوم پنھنجي روءِ سوءِ تھذيب، اخلاق، ادب اڏي سگھندي. سندس شخصيت سدائين ٻين جو پاڇو ٿي رھندي ۽ سندس آرزو، امنگ، آدرش روحاني اصليت جي عدم موجودگيءَ سبب مصنوعي ۽ بي جان ڏسڻ ۾ ايندا. جديد سنڌ جي بھبودي لاءِ لازمي آھي تہ سنڌي اول پاڪ سنڌي سمجھڻ ۾ فخر وٺن ۽ غير ٻرستي ڪري پنھنجي پيرن تي بيھڻ سکن.

واش واد ۾ عقيدو آڻڻ واجب آهي يا غير واجب سو پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن. البت هڪ ڳالهه ڌيان لهڻو. گهڻ وقت کان سنڌ اندر ڪيترين ڏتڙيل، مريض، ضعيف قسم جا ماڻهو داخل ٿيڻ لڳا آهن. اسانجا وڏا شهر اهڙن ڪوڙهين سان جهجهيا پيا آهن. اسين بيشڪ هندوستان جو حصو آهيون پر انجي معنيٰ اها ناهي ته اسين پنهنجي گهر ۾ اهي مردود وهاري پاڻکي مريض ڪريون. ازانسواءِ ڪيتريون ضعيف ۽ سست قومون وڏي تعداد ۾ اسانوٽ گهر ڪري ويٺيون آهن. سندن موجودگي اسانجي نسلي صحت لاءِ پس پيش نقصانڪار آهي. اسانجو سرحدي خون امريڪا واسين وانگر تازو ۽ گرم آهي. اسان سنڌين کي ماضي ته آهيڙي ڪونه جنهن تي فخر ڪريون. وڏي ۾ وڏي آبادي ٿي ته فلاڻو فلاڻي دهليءَ جي بادشاهه وٽ امير هو. ملت جي عظمت ايڪڙ ٻيڪڙ امير يا جاگيردار تي بڌي نٿي سگهجي. الهن ڪرڙن ۽ ڪالهيرن مان آئنده جي عظيم الشان عمارت ڪانه جڙندي. پر الهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اسانکي آئنده آهي جنهن کي اعليٰ يا ادانيٰ ڪرڻ اسانجي وس آهي. اهو آئنده اسانجي جسماني، دلي، دماغي صحت تي مدار ٿو رکي. جيڪڏهن ضعيفن ۽

مردودن سان ملي اسين اباڻي ڌون جو ٻي بها ورثو
ڇليندا ڪندا سين ته آئنده تي انجو اثر برو پوندو. منهنجو
مطلب هندو مسلمان سان ناهي ڇاڪاڻ ته اهي ويچا مصنوعي
آهن. جيڪڏهن هو پاڻ ڪنهن ڪيم تي وڃن ته نسليت
ڪان بگڙندي. پر ٻيا مردود جي ماڻڻ وارا سنڌ ۾
ڪاهي آيا آهن سي جيڪڏهن هتي وڌيا ويچهيا يا
سنڌي جنس سان سنڌن ڌون ملبو ته جهڳوئي جهڙي.
ازانسواءِ شادين ويل جوڙن جي اُهڪي اچڻ تي خاص
ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ بهتر ته وڏن ڪان، وڏن عهدن،
وڏن پئسن تي چشم پوشي ڪري بهترين ڇوڪر ۽
ڇوڪرين جي شادي ڪرائجي. سرڪار جو فرض آهي
ته جسماني لياقت جي آزمايش مقرر ڪري ۽ هر
جوڙي کي سرٽيفڪيٽ ملڻ بعد شاديءَ جي اجازت
ڏي. صدين جي لاغرضيءَ اسان ۾ ڪيترين اوڻايون
آنديون آهن. هيمشر اسان کي قدر شناس اچڻ لڳي
آهي ۽ جاڻولتا ته ملڪ جي آسودگي ۽ شان ماڻهن جي
صحت ۽ تندرستيءَ ۾ آهي. اسانکي جڳائي ته پنهنجي
ماڻهن کي ذهن نشين ڪرايون ته جو ابو ٻالڪن بهتر
اولاد پيدا نٿو ڪري تنهن جو جنم اڪيارٿو، حياتي
فضول ڇڏبي. پل اسين پير جنم ۾ ميون يا قيامت جو

انتظار ڪريون پر ھن پرتويءَ تي سچي امرتا، سچي لافانيت، سچي حيات خضري انسان کي اولاد معرفت ملي ٿي ۽ خود انسان ذات جيڪڏهن پاڻمان اشرف تر جنس ناهي ا. سگهي ٿ. حياتيءَ جي عرق ريزي ۽ زحمت فضول چئبي. صحت جا اصول سيني ماڻهن لاءِ ساڳيا آهن ۽ انهن تي پيروي ڪرڻ بدان تن-درستي ۽ من-درستي جي اميد رکڻ پيرن کان پير گهرڻ آهي. تنهنڪري اسانکي جڳائي ته فرنگ جو ونش ونجوگ ۽ قومي خصومت نظر انداز ڪري باقي صحت جي نيمن تي عمل ڪريون جئن اسانجو ملڪ ۽ ملت ترقيءَ جي شاهراهه تي قدم وڌائي سگهي.

چاچو سرندائي

آڌي رات جڏهين عالم بستره خواب ۾ آهي ۽ زمين جي دل جي ڌڪ ڌڪ اثر پذير جسم ۾ وڻندڙ لرزش پيدا ڪري ٿي، جڏهين خود روشن چراغ آسمان کي بي بها هيرن سان جڙين ٿا ۽ ٿڌي هير لم ۽ سرهيل مان عطر اوتي، پپل جي چمڪندڙ پنن کي جهمريون پائي منجهائن جل ترن جا آواز ڪڍي ٿي، تڏهن هن خاص خلوت ۾ جن ملائڪ، حورون پريون محفل مچائين ٿا جي تون ڏسين ته هوند لنب کي نيڪالي ڏئي گهر چڙهي، شهر مان لڏي، جهنگ منهن ڏئي ڪنهن ڪشادي ميدان ۾ اچي ڏيرو اڏين جنهن جون حدون عرش برين، انتهائي زمين ۽ افق آهن. پرتوي لي جيڪڏهن پرڪرتيءَ جي اچرج ۾ وجهندڙ ڪلا ۽ ڪاريگري ڏسڻي اٿيئي، جيڪڏهن چاهين ٿو ته غيب پنهن جي صورت تان نقاب لاهي بي حجاب توکي ذاتي حسن جو ديدار ڪرائي، جيڪڏهن چاهنا اٿيئي ته

انهن جو آواز ٻڌڻ ۽ خواب آلوده، زمين بستر هستيءَ
۾ اسرار فلڪ، جڏهن جهولي حس ڪرين ته اُهي ۽
اچي هن جدون آور جلسي ۾ شريڪ ٿي.

اڄ هت ديول وٽ بيهي لي ويٺو آهيان. چوطرف
سفيد روشني جي چادر پکڙيل آهي. چند آسمان ۾
غوراب وانگر اجهاڳ اڪرندو نظر اچي ٿو. سندس
هستي اندر ۾ عجيب مستي اٿن ڪري ٿي ۽ مغز ۾
خيال جون لهرون طوفاني جنبش اختيار ڪن ٿيون.
اوچتو ٻڌيان ڪنهن هم جنس جي موجودگي خيال
جي وهڪري کي ٻاڌ ڏانهن ڇڪي ويو ٿي. اندر
۾ اليڪ انومان اٿن ٿين ٿا ۽ چلولو من جاڳڻ لاءِ آتو
آهي ته هو ڪير آهي؟ هن ويل هن هنڌ ڇو آيو
آهي؟ وغيره وغيره.

اڄ وڏي وڇي کيس ڪيڪاريان ٿو. ڏسڻ ۾ پيرسن
ٿو اچي. اگرچ سندس سوڀاريءَ ۾ سفيد وار ۽ پيشانيءَ
۾ گهنج آهن ته به سندس عقابي اک ۾ جهلڪ ۽ آواز
۾ فلڪ آهي جا ابج سنڌي زبان ۽ لهجي سان مخلوط
ٿي اهڙو ته اثر پيدا ٿي ڪري جو ڇرڪ ته الفاظ قلبي
ڪوڙ مان ٿا اڪرن ۽ منجهن سائي گاهه جي تازگيءَ
پوٻت جي آزادگي ۽ بدي جي گرمي پئي ٻکي.

سندس لباس سادو بلڪ مفلسيءَ جو آهي پر پهراڻ جي ڪشاده آويزائي ۽ شلوار جي ڦوڪيل گهيرن ۽ پڳ جي ويڙهڻ مان گذشته آسودگي پئي بکي جڏهن دليون فراخ، دست واز، قلب ڪوسا، جسم جاندار، منهن ملوڪ هوا ۽ رفتار ۽ گفتار ۾ مردانگي ۽ زنده دلي هئي. سندس آڪار آبرودار، هڏ وڏا، هائي پڪي، قد لمبوس آهي. آسايش پسند، تنڪ نشين سينين ۽ جاگيردارن وانگر سٽيپ جا چڪا ڪول، چاڙهيا اٿس پر مٿي ۽ منهن تي مڇ اينٽري اٿس جو نه چار ڪٽون الي الحساب مڙهي وجهن. هي شخص ميراثي زماني جو پيو ڏسجي ۽ بجلي ۽ هوائي جهاز جي وقت شتر تهذيب جون سڪون ٿو لاهي. جا نه هجي پر هي ويهين صديءَ جي پيدائش نه آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو سندس روح هلندڙ حال مان پر ٿي پريت وانگر اوجهڙ ۾ پيو ڀٽڪي.

مان سوچيان ۽ ويچاريان پيو. شايد هن وقت منهنجي من جي اوستا هن شخص جي باري ۾ وڌيڪ معلومات دستياب ڪرڻ لاءِ مائل آهي. شايد سندس قربدار روش منهنجي دل کي پاڻ ڏانهن ڪڇي ورتو آهي. شايد اڄ رات جي چانڊوڪيءَ ۾ اڪيلائي

پڙهڻ جو اثر ڄمايو آهي. شايد ۽ شايد هي شخص پاڳل ۽
پٿر دل ٿو ڏسجي. قدرت جڏهين دل کي شيشي
وانگر ڀڃي پرزا پرزا ڪري ٿي تڏهين ان ۾ عجب
اندرئين اثر پيدا ٿئي ٿو ۽ انجي شڪسته تندن ۾
دلسوز دردمندي اچڻ ٿئي ٿي. تڏهن حياتي بدلجي
شبد اناهت ٿي پوي ٿي ۽ جيوت ۾ امر جوت جي لهر
پسجي ٿي. عجب هن شخص جي دماغ کي مڪتبي
علم جي تربيت ۽ طراوت حاصل نه ٿي آهي. ذاتي فهم
۽ طبعي علم اٿس. هو جهنگ جو ماڻهو آهي پر حياتيءَ
جي ڪشمڪش ۽ روزگار جي نامحرمي منجهس ناپيد
خردمندي ۽ لاثاني همدردي آندي آهي جا ڪتابي
ڪيڙن جي زندگي ۾ عدم پيدا آهي. انسان جي حياتيءَ
تي آسمان ۽ زمين جو ڪيڏو نه اثر آهي. ڪيترن نه
طبيعت پڙهڻ جي بي نظير حرفت ۽ حڪمت سان انسان
جي جسم ۽ جيءَ ۾ جڙجي وڃي ٿي. ڪيترن نه جيڪي
هن مهربان مادر جي گود ۾ اچڻ تان تن کي تن درستي،
من درستي، دل درستي جي بي بها نعمت عطا ٿئي
ٿي پر جيڪي انجي صحت آميز اثر کان محروم رهي
مهاجار ۾ پيکن ٿا سي جسماني خواهه روحاني ريت
دائم المريض آهن.

هن دلگير روح ۾ مان عجيب رواني ڏسان ٿو. هيءَ آرٽيسٽ آهي، عاشق صادق آهي. عشق پڇائيندي، پريتم پوڇيندي، پير، مفلس، گدا ٿيو آهي ۽ پنهنجي جگري دوست، يار غار سان غدار نه ٿيو آهي. ڪو زمانو هو جو سندس شعر جو شاهن اميرن وٽ قدر هو. لوڪ اڪيلي مان ڪيس آڻي ياد ڪري سندس ساز ۽ آواز جو رس وٺندا هوا. هو سندن ٽٽل هردي کي سيتل ۽ سيتل هردي کي سرهو ڪندو هو. سندن چپ مان مرڪ يا اک مان لڙڪ، وات مان ٽهڪ يا سيني مان سوز وهي نڪرندا هوا. هو ملڪ جو ناز، دلين جو آواز هو. پر هو هيئنر ويڳاڻي وسوڙل حالت ۾ آهي. سمي سندوءَ جي مستاني رفتار پنهنجي تنديءَ ۽ تيزيءَ ۾ ڪئين سندر ۽ شوڀيڪ وستو گهلي وئي ٿي. بهار جو گل صبوح ولو پنهنجو حسن ۽ هٻڪار ڏسي لڏي لمي ٿو ۽ شام جو پيرن هيٺ لتاڙجي ٿو. وچتر مهما آهي هن جڳت جي، جڏهن هن جهڙي هردل عزيز شخص کي بيوس ٻي جس بڻائي سئيما جي چنچل ڏکيل اپسرائن جي لوڏ ۽ بولتي فلم ۽ هارمونيم جي هيبت ناڪ گوڙ کي بي واجب برتري بخشي آهي.

هو هڪ رواجي، خسيس، ناچيز سرندائي آهي. پر

سرندو سنڌ جو خاص موسيقي ساز آهي. سنڌي روح جي سڪ ۽ چڪ، رهڻ ۽ رولڻ، رس ۽ جس منجهس مجسم آهي. سندس آلاپ اسانجي عزيز وطن جي ويرانيءَ جو ورلاپ آهي ۽ منجهس سنڌي آفتاب جي جگر سوز آتش شعلو آهي. جڏهن هتي جي رڃ ۽ سڃ ٻي حد پياسي نگاهه کٽي پنهنجي درد جو داستان الله سان اوريو تڏهن فرشتن جي نيڻن مان لڙڪ وهي پيا ۽ نوراني رمتا جوڳي جي پنهنجي دڙان ۾ آسماني فضا کي ٻر آواز ڪن ٿا تن ان جو تاب نه سهي ان کي سرندي جي صورت ۾ واپس ورايو. سنڌي روح! هائو، ٻرڻ ڏونگر ماٿريءَ جو روح ۽ ازانسواءِ ايراني توراني هندي عربي قومن جو منفرق روح جو سنڌي زمين و آسمان جي اثر هيٺ يڪ جنس ٿيو آهي.

اي دوست، ان روح اندر ڪيڏي نه تازگي، صداقت ۽ لطافت آهي ۽ ڪهڙي نه منجهس برق ۽ باهه آهي. اٿڻي ڪا سمڪ نه منجهس اها لڪل مٺيا آهي جا پرڪاشت ٿيڻ سان جگ جياريندي. ڪجهايون ڇڏ. غير پرستي دور ڪر. تعصب ڪڍ. اندر جو چنگ چور نه آڪاس واٽي ٻڌين. افسوس. تون خود فراموش آهين ۽ پنهنجي اعلي رتبي جي چاڙ ڪاله. اٿڻي پر پرڪرلي

آوس پنهنجو ڪم ڪندي ۽ سندي روح مان اها جوت جاڳائيندي جنهن تي جڳ جهان شيدا ٿيندو. پر پهرين پاڻ ۾ شناس آڻي، مقدس مقصد کان آگاهه ٿيءُ، ڪشالا ڪڍ ته تنهن زماني جي پيغمبري نصيب ٿئيئي.

چاچو سرندائي ماڻهو نه آهي. هو بت ناهي پر روح آهي. اهو روح اسان جي ديس جو روح آهي جو هميشہ وياڪل ۽ دکي آهي. پرديسي ٻولي، پرديسي رهڻي، پرديسي حڪومت، پرديسي پوچا ڪيس اسوڻ نٿي ڏي. هيلتائين اسان ڪئين قومون، ڪئين ٻوليون، ڪئين آداب اخلاق پاڻ ۾ جذب ڪيا آهن. گڏ گرهڻ ڪرڻ سان انهيءَ جوت وڌي تي جنهن سبب اسين سالم رهياسين ۽ اسان جو روح شاهه جي شعر ۾ پڙڪو ڏيئي نڪتو. پر اسان جي موجوده پستي، دلي ۽ دماغي سستي اشڪ ريزي جو باعث آهي. اسين پاڻ وساري ويٺا آهيون ۽ پراون شيشي جي ڪنگڻن کي سچا زيور سمجهي ناز ڪريون ٿا. غلام جو زنجيرن کي زيور سمجهي تنهن کي خود خدا به آزاد نٿو ڪري سگهي. اسان جي پڻ اها حالت آهي. چاچي سرندائي جي ظاهري حالت عين اسان جي ذاتي حالت جو نقشو آهي.

ممڪن آهي تہ اسان کي هارمونيم وڌيڪ ٿو وڻي پر سوندي سان ان جي ڀيٽ ڪرڻ عبث آهي. ممڪن آهي تہ ” سامهي ويٺهہ کي دل ڪو چورائي ڪوئي- ايسي چوري ڪا پتا خاڪ لگائي ڪوئي“ چوڻ ۾ مزو ٿو اچيئون پر ” انهن نازڪ آڱرين سان دلڙي چو ٿو لٽين“ سچ پچ دل لٽي ٿو جو مٺين چور جي وس کان بلڪل ٻاهر آهي. پر اسان وٽ دل ڪٿي آهي جا لٽجي. البت ٻاهريون جوڙ جنسار جهجهو آهي جو چور چورائي سگهي ٿو.

چاچو مونکي ملول ڏسي خيال ڦيرائڻ لاءِ چوي ٿو تہ جي چت چئو ڪريئي تہ ڪٺي ڪا ڪافڙي ٻڌاءِ. آءٌ سرندو وڄائيندس.

چاچا، راڳ لاءِ شوق اٿم. ڪڏهن اتفاقاً دل ريجهائڻ لاءِ سر آلاپيندو آهيان، پر تربيت نہ هئڻ سبب ساز سان آواز شايد نہ ٺهڪي. بهتر تہ تون ڪٺي ڪو ڪلام ٻڌاءِ.

چاچو سرندو ڪٺي سر ملائي ٿو. جڏهن سندس هٿ تڪا گهڪا ڏيئي الهان ڇيندڙ آواز ڪڍي ٿو تہ دل ۾ چير پون ٿا؛ بي اختيار يڪ آواز ٿي. ساڻس ڳايان ٿو:

هي خوني ليڪ خماريا - تو ڪنهن ڏاڍي ڪاتر ڏاريا
تو ته ملڪ ماڻن سان ماريا - سچل ڪلام تنهن جو

ائين آهي ڇا ته ڪنهن سان ليڪهن اڙيو اٿم. سمجهان تو ته سيني ۾ دل اٿم ۽ دل ۾ محبت ۽ عشق. ممڪن آهي ڇپيت لڳي هجيم. پر هن ويل ڪو ٻني بشر ڪونه سڄهيم جنهن تي عاشق هجان. پر جڏهن ور ور ڏيٺي مٺيون شعر ڳايان ٿو ۽ لهري ۾ ٿل ”پرين آءٌ ته اصل ڪان آهيان گولو غلام انهيجو“ ڳڏيانس ٿو تڏهن اسريل ڪعواڙي ڇوڪري وانگر اندر ۾ اچانڪ اجهل اڪير محسوس ڪريان ٿو جا دل ۾ وٺندڙ اداسي اٿن ڪري ٿي. ائين ته ڪونهي ته ٻاڦ تي عاشق ٿي پيو آهيان؟ انجو جواب مشڪل آهي. شايد آءٌ جڳهه تي عاشق آهيان ۽ جڳهه...... خير، ڇا ٿو هجي. موتير اهو عشق ڪنهن جاڳايو؟ ڪنهن اهو ڏيپل جذبو، سڌل سور جاڳايو؟ سرندي ۽ سچل جي ڪافيءَ.

جوڻ

رات جا اٺ لڳا آهن. اتر جي ٿڌي هوا پيئي لڳي ۽ ڪوهيڙي جي غبار ٻجليءَ جي بتين جي رونق جهڪي ڪري ڇڏي آهي. رستي جي لسي ۽ پڪي فرش تي اتفاقاً سنبن جي ٽاپ ٽاپ ۽ ڦيٿن جي ڦر ڦر بند ٿي اچيتي. باقي سن سمات آهي. شهر جي اڪثر ڏتڙيل ۽ ڪن ڇڙن عياشي نگرواسين واسطي هيءَ سگهه ۽ صحت ڏيندڙ سرد هوا موتمار آهي. ڇپ پارو پيو وسي. لومڙ به پڇ پائي وڃي ڏرن ۾ لڪا آهن. هٿ ٺنڍا، لڱ ٿڌا، منهن موڳا، جسم جهريل ۽ گلا گهٽيل، بوٽ سڪل هن خاص وڻندڙ موسم جي اڻ وڻندڙ عام جنس آهي.

پاڻي ...... جي محل اڳيان اڏ ڌ زن گرهام ۽ شيورليٽ بيٺيون آهن. عمارت جي اڏاوت سادي ۽ سالم، رواجي ۽ قيمتي آهي. شهر جي سٺين آسامين وانگر ڏيل ۾ ڏيکه ڪولهيس پر اندر آسودي آهي. پڇم ۽ پورب، روپ ۽ ڪروپ، زيب ۽ بدزيب، خوب ۽ بد جو ڇرط تہ اچوڳپ سڄوڳپ ڪيو ويو آهي. اندر سيا

جهيان سيمگاريل ڇت پسارڪي ڪئبن جي قطار مٿان اهڙي پيئي لڳي جهڙي ميز مدشيءَ جي مٿي تي ٻ گهي ٽوپي. اڱڻ، ڏالان، صفحا، ڪونيون اڪيچار ڪئبن ڪدا ڪري ڇڏيا آهن. گهرو سوپيا وتيءَ ۽ مفاصلي ۾ آهي ۽ هتي ڪٽن، ميزن، ڪرسين جي ڳت ڳوهه شاندار عمارت جو شان ڪسي ورتو آهي. تصويرن جون قطارون هيٺ، مٿي، وچ تي سولجر جي ڇاتيءَ ۽ ڇيلهه تي ڪارتوسن جي سر وانگر بيٺيون آهن. دلڪش ڦربت، نهرون، آبشار ۽ من موهڻيون اپسرائون ڇٻري جي شڪل جهڙن ڇرٻٽن، سري ڪاڏل ٻوڙهن ٻراٽين ۽ عمومي ڪٽ خلق سان ڪلهو ڪيون گسائين. مورتون ڇڙ ته هڪبئي تي ڇڙون پيون ڪن. ڪٻٽ جي ساڄي ڪنڊ تي برندا بن جي چمن، نه ڪونج گلن ۾، راس ليلا آهي. اها بيرسي راس ليلا نه آهي ناچ وانگر، نه ڇيڄ وانگر ۽ اهڙي جو جڙ ته ڪن مروت ڏيئي ڪن ٻالڪن کي قواعد پيو ڪرايو وڃي. سهڻو روپوس **ڪرشن** جي اتفاقاً اڇي پالڪي اهڙي ڪروپ ۽ مسخري جي شڪل ۾ ڏسي ته هوند اهڙن ڇيلن کي جيئري ڇڪيا تي چاڙهي. راس ليلا مٿان هڪ اسپانيولي* نازنين

---

*Spanish

نهي رهي آهي. ڪمت جي هن طاقت ني هن شخص جي شڪل آهي جن کي ڏٺي ته آهيئي ڪانه ۽ جي هوندي به، ته اها آسوري † ڏاڙهيءَ جي ڊيگهه ۾ داخل ٿي ويئي آهي ۽ قد به ڇامڙي جيڏو مس اٿن. سڀ کان وڌيڪ غضب ته اهو آهي جو چترڪار جي اڻ گهڙيل من گورو نانڪ ۽ گوبند سنگهه جي شخصيت کي اهڙي اُگري نموني رچيو آهي. حقيقتاً اهڙا چتر بدناموسيءَ جي ڪيس ڪرڻ لائق آهن. گورو نانڪ جهڙي اڄ ڪلهه جي جوانن وانگر سير سفر جو شوق هو سو جي پنهنجي پند جو ڪب، سڪل مٿهن ڏسي ۽ پنهنجي وگياني مورتي ۽ سڌارڪ ويچارن جو ڪون جادوگر جي ڪرامت روپي ڏند ڪٿائن ۾ پسي ته جيڪر سمجهي ته هيءَ سندس ماتر پومي نه آهي پر شايد ڪن اڻ سڌريل سوماليين يا حبشين جو ديس آهي.

عجب ته اسين ڪهڙا نه زشت پرست * آهيون. ڪيو، پيرو، ضعيف نانڪ اسانکي قوي، جوان، تندرست نانڪ کان وڌيڪ پيارو آهي. سندس ساڌارڻ سمجهه ۽ سهڻو چرتر ڪرامت جي قالب ۾ وجهي ديوتا روپي مٿس کي ڊئيست روپي اجگر ۽ هيبناڪ جادوگر

---

†Assyrian *Worshippers of ugliness

بڌايون ٿا. اسين نمرتا، سٻل سنتوک جي آتمک گڻن
کي پٺ جي ڪب ۽ ڏڏڙيل جسم جي اوگڻن ۾ پسون
ٿا. اسانجي نمرتا، سنشيلتا هٿن جوڙڻ، ڏنڊوت
ڪرڻ، پيري پوڻ ۽ نڪ گسائڻ جهڙين اڻ سياويڪ ۽
اڻ وڻندڙ عادتن ۾ آهي - عادتون جي مردانگي ۽ سومان
جي ورتا آهن. جنهن منگول خاندان چيني پرجا تي
غلاميءَ جي نيشاني چوٽي مڙهي تيئن اسانجي برهم
سنتان گرن ۽ سج ۽ چنڊ پوڄن (سورج ۽ چندرونسي)
اسان پرتوي پٽرن تي اهي اڏيتا جون عادتون مڙهيون
آهن. اسانجي رهڻي ڪرڻي، ويچار وهنوار، رسم رواج
ڪانئرتا ۽ بزدلي ۾ رڱيل آهي ۽ اسانجي خون ۾ اُدار ۽
آزاد ڪان اهڙو سياويڪ چڙڪ آهي جهڙو ڍڳي کي
ڳاڙهيءَ اڳڙيءَ کان. اسين سوراج ۽ سوتنترتا گهٽيئن
پڪاريون ۾ اباڻو ورثو اسانکي اُوس اڏيتا ڏي گهلي
وڃيٿو ۽ جڏهين اسانجو روح ابلي آسمان ڏي نيڻ کڻي
پرواز ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته پاڻکي مضبوط
زنجير ۾ جڪڙيل ڏسي ٿو جنهن جا پرزا انيڪ قسم
جي رسمن ۽ ويچارن ۽ جڏبن مان جڙيل آهن. جيسين
اهي پرزا سالم آهن تيسين زنجير ٽٽڻ محال آهي.

محل اندر ميلو لڳو پيو آهي. انڪل سؤ ڏيڍ نر

ناريون اڇي ڪنا ٿيا آهن. انهن ۾ ٻيون ڪي نر ناريون
ڇوڙ بلڪل صحيح ۽ جڳائيندڙ آهي. چاڪاڻ ته مش
يا انسان جو ڌوجو نر ۽ ناري منورتي ڪان مٿي آهي ۽
اسين اڄا انسان جي پدويءَ تي ڪونه پهتا آهيون.
هالو چالو اڳيان موجب انهن ٻن جنسن جي آد جڳاڻ
ڪان ڪٿي پليءَ وانگر دشمني آهي ۽ سندن نزديڪي
ڪجهه تي پاهه، بارود ۾ چڻنگ جو اثر پيدا ڪريٿي.
ڪٿين رشي مني انهيءَ پديت ۾ پسم تي ويا. وڏا پاڳ
سندن جو وري ۽ پوتر اڳي سنسڪار پراپت ٿين نه ته
نوٽ نڪرتي پون ها. عجب ته اها آتش هستيءَ جو
شعلو آهي ۽ سندس ڪوري مان نوان برهمانڊ، نوان لوڪ،
نوان ويچار، نوان اُتساهه ۽ نوان آدرش پيدا نڪرن ٿا.
اسين ۽ اسانجي پرٿوي ڪنهن سمي برندڙ، ڦرندڙ
آتشي گولي جا جزا هئاسين جي وڪاسي چڪر تي
نهي نپجي هن حالت ۾ آيا آهيون. جي نفي ۽ اثبات
اليڪٽران نه هجن ته بجلي ڪٿان ٿيندي، جي نر ۽
ناري چقمق نه هجن ته مان ۽ تون ڪيئن پيدا ٿيون.
اُلا نه آتن، سيتا نه سٽن، جيءَ نه جلن ته شاهه ۽ سچل
ڪٿي، ساوتري ۽ سستي ڪٿي، ڪوتا ۽ ڪلا ڪٿي،
راڳ ۽ رنگ ڪٿي، سونهن ۽ سپيتا ڪٿي! اسانجي

Soorih Mirani

ڏيس وانگر ڏٺيا جيڪر پُٺيا جو پير تي پوي. جنهن
ڪانو پنهنجي ڪان ڪان ٻڌيو پيا ڪڳيون هڻن ... ٻر
هن ميڙ ۾ ڪانو ۽ ڪانويليون ٻئي آهن. رگهو رام ۽ راوڻ
جي سپاهن وانگر جنگي صلح جي حالت ۾ جدا ڇانوڻين
۾ ڏيرو لڳايو اٿن. شڪر جو جنگ جنگي صلح جي
حالت تي پهتي آهي ۽ اُميد ته نيٺ دائمي صلح تي
ويندو ۽ جنگ جي زماني جا ڪوٽ ۽ قلعا، بند ۽
رنڊڪون، ويڇا ۽ غلط فهميون اکري ويندييون. آمين.

ساموهن هال جي وچ ۾ پٽ سان لڳو لڳ مهمت جو
آسڻ آهي جنهنجي ڏرشن لاءِ شمع تي پتنگن وانگر
آهي نر ۽ ناريون اچي سٽيا آهن. مڙس سگهو ۽ سٻر
آهي جيتوڻيڪ پيريءَ سبب سندس ڊگهي ڏاڙهي
اڇي ٿي ويئي آهي. قد ڊگهو، مڇون مٽيا وارو ۽ شڪل
شاهاڻي اٿس. جيتوڻيڪ وڏي ۽ ڳري پڳ پيشاني
ڍڪي ڇڏي اٿس ته به سندس صورت مان اُنجي
ڪشادگي ۽ اوچائي پئي بکي. اکيون رواجي ۽ گهٽو
ڪري سڄيون يا اڌ پوريل اٿس ۽ جي اتفاقاً کلن ٿيون
ته منجهن ڪا بہ جهلڪ ۽ جوت ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.
سندس آواز مڌر ۽ مٺو آهي يا تيز ۽ تکو، مردانو ۽
سنگين ۽ عميق يا زنانو ۽ هلڪو ۽ قلهڙو، صاف ۽

ڪلمڪ يا گهگهو ۽ غمگين تنهن جي پروڙ ڪاله ٿي پوي چاڪاڻ ته پتر جي پٺيان وارو گهر چپ چپ جنسڻي نٿا ۽ ٻڙڪ ٻاهر ڪاله ٿي نڪريس. ماڻ ۾ بيشڪ مٺيا آهي پر سڻ ۾ سياڻو آهي جنهن ۾ انسان جي دل جي گرمي اُجهامي وڃي ٿي. گونگ ۾ جي گيان هجي ته ڳالهيون، گهوڙا، ڪپڙا، وسشٽ، شنڪر، ولپ ڪان وڌيڪ گياني ليکجڻ ۾ اچن. مورک ۽ ودوان جو فرق فقط سندن گفتار مان پڌري سگهيتو. تنهنڪري مهنت ۾ ڪيتري ڪلا ۽ قابليت آهي ۽ سندس جاڻ ۽ عقل جو گهڙو ڀريل آهي يا خالي تنهن جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي. البت ايترو چوڻ واجب آهي ته سندس چهري مان آزمودو ۽ سياڻپ پيا بکن پر سنت ۽ مهاتما ٿيڻ لاءِ رڳي سياڻپ ڪافي ناهي.

تعلاً هڪ ڪرڙوي ڪتا پڙهي رهيو آهي. اها ڪتا گورو نانڪ جي جيون چرتر مان آهي جو شرڌالو لوڪن پنهنجي وهمن، ڀرمن ۽ مٿين موافق وڌائي ٽيلي ۽ مان ٽپ، ڪٿلي ۽ مان ڪٿير بڻايو آهي. ڪتا جو تاثير يا ڪهاڻيءَ جو اختصار هن ريت آهي:

”هڪ دفعي گرو نانڪ پنهنجي دائمي بکايل چيلي مردانه سان گشت ڪندو هڪ جهنگل وٽ اچي پهتو

(ڪيترا ئي ويچارا مردانه سدائين ٻڪ جي شڪايت ڪري
ٿو ۽ سنڌس ٻيٽ مسلمان هئڻ سبب ٻون آهاري ٽيڻ
کان بلڪل ٻڙ ڪيڏي ٻهيٽو). جهنگ جا رسيل ڦل ۽ مٺا
ميوا ڏسي مردانه جي اک ٽمڪڻ ۽ وات پاڻي ٿيڻ لڳو.
نمرتا سان گرن کي ويڙهي ڪيائين ته هي ڪرپالتان
ٻکن وڳهي ٻيٽ ڏرا ڏيئي ويو اتم، جي آگيا ڪريو ته
هن سنڌ ۾ بن جا لذيذ ميوا ڇني کان ۽ اوهانجي لاءِ ٻڻ
جهولي ڀري اچان. گرن کي سنڌس آچ ڪاڻ آڻڙي ۽
ڪيس اهڙي ڪم کان روڪ ڪيائون. مردانه کي ٻڪ،
ڪيو هو هلاڪ سو خارن وڇان گرن سان خدا حافظ ڪري
جهنگ ۾ گهڙي پيو. ڏسي ته واهه جي وڻڪار لڳي
پيئي آهي. ميويدار گردن جهڪيل درخت ڄڻ ته
پروردگار جي درگاهه ۾ نياز سان سجدو ڪري رهيا آهن.
بيشڪ پرستان آهي پر افسوس جو منجهس پريون
ڪونهن، گلستان آهي پر پروانه ۽ بلبل ڪانهي، باغ
آهي پر چتون ۽ ڪوئل ڪانهي. عجب لڳس ته ڇو
هي آباد زمين غيرآباد آهي. وسوڙل مردانه جڏهن انهي*
وس وس ۾ غلطان هو ته اڳيان هڪ هيبتناڪ اجگر يا
راڪاس ڏٺائين جنهنکي افسوس سنڌس باريڪ بيهي لاءِ
ڪابه عزت ڪانه هئي ۽ مانگر منهن وانگر فقط ٻه ٻه ٻيڻ

جو اونو هوس. اهو راڪاس آڪاس جيڏو اوچو هو ۽
سندس شڪل نه ماڻهوءَ نه مورنءَ، نه پکيءَ نه پسونءَ جهڙي
پر سڀني جي ملاوت هئي. سندس ٻانهون ٻن ڪوهن
جيڏيون، ڏند قطب منار جيڏا ڊگها، ناسون روسي رڇ جي
غار جيڏيون، پيٽ ڪيلاس پربت جيڏو ۽ عجب نه
اکيون جهرڪيءَ جيڏيون ۽ متو ماڪوڙي جيڏو
مس هو. البت هردانه سندس لاءِ هڪ لقمو به ڪين
هو سو ڏانت ڏيڻ ڪانسواءِ ڳهي ويس. انترايامي گروءَ
کي هردانه جي ڏکدائڪ حالت جي سوجهه پئجي ويئي
سو کيس ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ پڙ تي اچي پهتو. دئيت کي
گروءَ جي گيان تي به ڪهل ڪانه پيئي سو پنهنجي
آپائڻ هار جو هن خاص خوراڪ لاءِ شڪر مڃي اُنکي به
ڳهي ويو. البت گرو ڳڀجڻ جو هو پر هضم ٿيڻ جو
نه هو سو دئيت کي پيٽ ۾ بدهاضمو ٿي پيو
چالاڪ نه گروءَ پيٽ ۾ وڃڻ شرط وٺي پاڻ کي وڌايو
جنهنڪري دئيت کي وٽ پوڻ لڳا. دئيت جو
راوڻ وانگر وڏو سائنسدان ٿي ڏنو، اهڙو جو سندس
ثاني نه اڄتائين ٿيو نه ٿيندو، تنهن به وٺي پنهنجي پيٽ
کي ڪيترن ڪوهن ۾ وڌايو. آخر سندس پيٽ بنگال
بلڪ بمبئي پرڳڻي جيڏو ٿي پيو جنهن ۾ ايورسٽ ۽

ڏچنڊچنگا جهڙا ڪنهن جبل پاسي ڪنڊ پيا هجن.
سمورتي وان سنگر ۽ پاڪي ڪٽي سنڀريا جيڏو وڏو
ڪيو. ويچارو دئيت پيٽ ۾ ولوڙو ۽ سهي النيون
ڪرڻ لڳو ۽ نانڪ ۽ مردانو اوڪارڇي اچي ٻاهر پيا.
ڏنو ۽ شڪتيوان سنگر ٺ ڏنو. راڪاس پاڪان وڏي آفت
ڏسي پشيمان ٿيو ۽ گرن جي چرنن تي ڪري اصلوڪي
روپ عطا ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين. نانڪ پرڪاش
جو رچندڪ ساک ٿو ڏي ته اصل ۾ اهو دئيت
هڪ شاهوڪار سيٺ هو جنهن هزارها ورهيه اڳه راجا
جنڪ کي پل مان جونو ڪاڏو ڪارايو هو. راجا **جنڪ** جو
درحقيقت وڏو سنت هو تنهن کيس سراپ ڏنو ته انهي ۽
جوني ڪاڏي عيوض شاهوڪار کي راڪاس جي جوڻ
ملي تان جو گرو **نانڪ** اچي سندس ڇوٽڪارو ڪري. (پل
ڪيائين جو سنت کي ڪاڏو ڪارايائين. نه ڪاڏو ڏيس ها نه
هيترو دک ڏسي ها). دياوان گرو ۽ کي دئيت تي ڪهل
پيئي سو کيس امولڪ منش جنم بخشائون." ڏنو گرو
نانڪ ديو ڏنو. ڏنو راجا **جنڪ** ڏنو. ڏنو سنت
مهنت ڏنو ۽ سڀ ڪان وڏيڪ ڪٿا ڪندڙ ۽
ٻڌندڙ ڏنو.

ڪٿا پوري ٿي ۽ وهي اچل هي پار برهم هي

ابياسي ابياس ۾ جي مهما ڳائڻ بعد ڪيرتن شروع ٿيو.
سڀني جون اکيون وڃي هڪ جوان تي کتيون جنهن
پنهنجي منهن ۾ مڌر آواز تان مرڪ ۽ وهڪ سان
دليون ڪتيون ڇڏيون. واهه واهه پئجي ويئي. ايتري
۾ ان ٻالڪن پنهنجو ريڪٽ شروع ڪيو ۽ ٺاڦوڙا هڻي
وڃي پار پيا. ساڻن هڪ ڳنڍڪو ڀڳت به هو جنهنجو
منهن قفقازي گرجي جهڙو پئي لڳو ۽ خاص ڪري
سندس پلسوٽ سڪي مڇون ڏسڻ وٽان هيون. هن ٻار
نيٺ سنڌي سر ۾ اڻ سنڌي ٻڃن ڳايو ۽ ڏوڪڙي به
ڏوهيڙا ڏيئي پاڻ موڪيو. سنگت ۾ اتساهه ڪکائين باهه
وانگر وچڙي ويو ۽ هڪ شخص جوش ۾ اچي ٻيسري
رون رون شروع ڪئي جنهن ۾ هو هڪ اڌ سٽ جي
پنيان آ - آ - آ، اَ - اَ - اَ جي لهر سان ٻيڙي وڃي پار
پهتي. ڇگي واندر لڳي پئي هئي ۽ راس جا ڏهه لڳا
هئا ٺهڪري ويهارو ڪن جيءَ جيءَ ڪرڻ ڪان پوءِ،
جنهن ۾ خوش اصيبا آڪري جيءَ اسانجي هئي، سنگت
ڪڪر ٻن تي ويئي.

ڇو پيا مان ڇا ڪريان ؟

تماشا آهي. مڪائي شاهه جي اوجهڙ ۾ اسين قديم عادتن الوسار اچي ڪٺا ٿيا آهيون. پريان گڏو رسمي جون بتيون جهڪيون ۽ موکيون پيون لڳن. قلعي جي زبون ديوار تي چپرو وينو آهي جو شايد اسانجي حال کان آشنا هئڻ سبب اسانتي ٺٺوليون پيو ڪري. اسين به پاڻکي سنڌس چڱن ۽ خنده زني لائق سمجهي ساڻس چيڙ چاڙ ٺٺا ڪريون.

اسين ڪير آهيون؟ چوان ته جوئي آهيون سوئي آهيون ته بس ٿو ۾ پيو هئڻ ٿيندو. لاشڪ اهو جواب اوهان کي موزون نه لڳندو. پر جي تو لباڻ هئان ته وڏي سونڊ ۽ پيچ وارا، ڏبل ۽ ڏيک وارا، خاندان ۽ نرڳ وارا مسٽر فلاڻا فلاڻا آهيون ته حقيقت کان پري ٿيندو چاڪاڻ ته سماج اسانجا اهي لقب القاب رد ڪري اسانکي فقط مجموع طور جاڻي ٿي. يعني ته اسين اکي آهيون اسم خاص ۽ اکي اسم عام. ماڻ ۽ توڻ ناهيون. مولڪي ۽ لوکي امنگ، جذبا، خيال آهن پر... گلر يا ڏڻ جي مجموع اهن مولڇهارن کان آجي آهي. انهي

سبب حقيقت حال کي مد نظر رکي اسان پاڻ تي عجيب و غريب الاو ٻريو آهي. ڪن سرلا ڪري ته پٽايائون. تماشائي ٺڪ ٺڪيا. تماشائي ٺڪ ٺڪيا! اسان جو آئينده تماشو بعد رات جهڙو ٻاٽ اونداهو ۽ اسانجا ويچار ۽ اڌما، پور ۽ ريجڪ بي سود ٺڪ. اميد ته هاڻ مطلب سمجهي ويو هوندين. حال اينتري معرفي بس آهي.

اڄ اسانجي خاص محفل آهي. جنهن قبرستان ۾ ٽڪندڙ پريتن کي محش جيون جي ڏوري جو وڇڙيل ساٿي ملي ٿئن اسانکي پنهنجو دوست دلبند مليو آهي. هو اسانجي چترن جو يار آهي. سندس غير حاضريءَ ۾ اکيون آليون ۽ روح اڪانديو هو. پر هينئر... ٺير ٺوي ويا اٿئون. پهلا پنج سال، سڄا سارا پنج سال موهن گهر ويهي هارڊي ۽ شا واچيو، گهٽيون ڪڇيون، ڪرفتيءَ واريون ڪسيون لوسيون ۽ ممڪن آهي، بلڪ سياويڪ آهي ته اتفاقاً چڱي ملي کي ڏڙهيون ڏليون ۽ اندر جي آتش افشانيءَ سان ٻهي ٻهر لوساٽيو. اسانکي اميد هئي ته هن ٻيڙي بيڪاريءَ جي آپدا کان آجو ٿي هينئر ليبٽ وڃي پنهنجو سهنجو ٿيندو. پر بدي جي من هڪڙي صاحب جي من ۾ ـ.

موھن جي ماءُ ھيمشہ ٻڍڙي اوستا جي آھي. ھُو وڏو ر پيءُ بہ اٿس. اسانکي بہ ماءُ ۽ پيءُ آھن. ھا، ماءُ ۽ پيءُ. ماءُ مڙيئي ماءُ ۽ پيءُ مڙيئي پيءُ آھن. تنھن ڏيھن لاشارن جي ڳوٺ ۾ ٻروچاڻيءَ پھچڻجي نو نھال کي تيج تي ڏارائي. ڳاڙھي پرٽ واري ڳچ پيل ھئس. دل ٽيم تہ پرٽ ڏسان، نہ نہ امڙ جون اکير واريون اکيون ڏسان. ڪنھن وقت مان بہ اُن اُبھم وانگر اما جي گود ۾ الوليون ڪندو ھوس ۽ ھوءَ عين اُنھيءَ ٻروچاڻي وانگر ئي انداز حب سان لھاري، ڇاتيءَ لڳائي، پيشاني چمندي ھئي. پوءِ ادا، ڪھڙي حساب موھن جي ماتا يا اما ٻروچاڻي اما کان نرالي آھي. پر موھن جي ماءُ ۽ ٻروچاڻي مفلسيءَ ۾ مبتلا آھن ۽ سندن چھرو اداس ۽ غمگين آھي. اما اداس ۽ غمگين آھي.

مھنو ساندہ ڪراچيءَ جي آفيسن ۾ نوس نوس ڪري موھن سڪتو موٽيو آھي. گردون تاز عمارتن جي اکيچار ڪمرن ۾ ڪيس ڪٿي نہ ملي جو مٿو لڪائي، حلوي ۽ ۽ پيسٽريءَ سان پر، الب ۽ انگور سان مالا مال ملڪ ۾ ڪيس خشڪ گيھو نہ مليو تہ پيٽ جھلو ڪري، رنگ برنگ ابريشمي ۽ پشمي لباسن ۾ ھن لاءِ ليڙ نہ جڙي جو انگ ڍڪي. ڪياماڙيءَ کان مرڪزي جيل تائين ڪوريءَ

جي ٽڙي وانگر اڄ وچ ڪيائين پر سعدس اپا ڳي قسمت جي ناچي ٻيٽي ۾ ته جيترو به فرق ڪونه پيو. هيٺئر هو ملول آهي ۽ سعدس ڏکو آواز پراڻي انجڻ جي دونهي وانگر ٻُتون ڏئي ٿو نڪري. سعدس جوان جسم ۾ پيريءَ جا آثار پيا پسجن ۽ سعدس خيال ۾ قبرستاني آهن. اسين اجهامندڙ آگ کي ڦوڪ ڏئي شعلو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيون پر اجهو منجهانس هن قسم جا غبار ۽ دونهان پڙڪو ڏئي نڪرن ٿا.

”اسانجا انب مدت کان پور جهليو بيٺا آهن. جوڀن جو جوش رڳن ۾ بي انداز حرارت آڻي مغز جي پردي تي اندر لنبي رنگ ٿو چڙهي. هرڪا گهر جدت جي حور ٻڌي پاسي ۽ بي اختيار اسانجي دل از غيبي اشتياق وچان ڪوڙڪيءَ ۾ وڃو اڙکي. ڪعدين اعتبار ته مزدور ڪاڇاڻي، سياح پوست ۽ ساده پوش، پر اسانجي نوازش کان آجي ناهي. جڏهن هوءَ پدهنجو زانو سياهه ٽڙون ڪڍڻ جهڙي سخت مردانه ڪم مان ظاهر ڪرڻ لاءِ ناز سان ٻانهن ورائي مترڪو هٽي ٿي يا اک ٻيڏي تي ٽڏو خدا ٿو ڄاڻي اسانجي اندر وٺل وهيو وڃي. جوانيءَ جو پرتاب آهي. ڳاڙها ڳل پسي چانگو دڙهون هٽي ته ڪهڙو عجب! پر ڊئمو ڪلس جي شمشير وانگر

بيروزگاري رڍي پڪي مان گرهه ڪٽڻ لڳي ڏي ۽ اسين ايا ڳا تڙ تان اڄايل ٿوتيو وڃون.

„نوبهار سرهيل ۾ شگفتگي آندي آهي ۽ ٿر گلن سان بارور آهي. ڪوئل اونچي ٽار تي ويهي سبز پڻن جي جهرمٽ مان چٽي آواز سائي سڻپاري ٿي. بلبل جي ٽڪلو ٽڪلو پڻ اڪت اشتياق ۽ آرزو جو اظهار ڪري ٿي. هوا، سرهاڻ، فضا ۾ مستي، مدد ۾ موج ۽ حياتي ۾ حمل پيو بکي. وڻ ٽڻ، پکي پسون، آسمان زمين بود ۾ آهن. ڏس بسنت رت ڪيئن نه پيري ۾ جواني، مردود ۾ جان آندي آهي. پر هي اسانجون بانهون، اکيون چپ جن ۾ سگهه، جوت، لالاڻ هئڻ گهرجي تن تي ڪملي ٿولس چڙهيل آهي. اسانجي رڳن ۾ خوشي غم جي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ جدوني خيال جن ۾ غصو ۽ رنج سمايل آهي اسانتي غالب پون ٿاه پرڪري برهم روهي اپنتيءَ ۾ مشغول آهي پر اسين مجبوراً روڊ ر روهي تلف و تاراج ڏائهن مايل آهيون.

„لوهار سنداڻ تي پڙي جا سڀ وينو ٺوڪي ۽ واڍو سنڌ ورڪي سينياٽيءَ جي آسايش لاءِ هندوري جي گلڪاريءَ ۾ مشغول آهي. صبح کان شام تائين مشغولي ڪيس فڪرات کان آجو رکي ٿي ۽ شام جو پڇن سان ڳيو

ڪانئي آرامي ٿئي ٿو. ڏيئي پٺ زال ڏسي سندس اک
جهلڪي، دل گد گد ٿئي ٿي. پر اسين ڏيهن رات
پاسا ورائيندي، ڪاٺڪ اڏائيندي، آپگهات يا انقلاب
جا خيال ڪندي دم ڪاٽيون ٿا.

”آپ گهات يا انقلاب مائي دار لفظ آهن. توکي
شايد اُگرا لڳن. سماج سڌر ڪيا ڪاتر سدائين انهن
خلاف آواز بلند ڪيو آهي. پر ڌرم ۽ سماج جي ورود
هوندي به ڪيترن آپگهات ڪيو آهي. **اچل** جو جهاڙو
ڪراچي هوٽل ۾ اڪيئن اڳيان پيو ڦري. عام ڪمت خلق
وارا گر شايد تون به چوندين ته ڪل ٽڙي هيمس، مغز سالم
نه هيمس، ڪانئر ۽ ٻڏي هو وغيره وغيره. پر اهڙن
گهيير ۽ مهم معاملن کي اهڙي هلڪي ۽ چسي نموني
موقوف ڪرڻ دلي ۽ دماغي ڪمزوريءَ جي نشاني
آهي. خير ڇا به سمجهين پر هي مش جامو اسان پنهنجي
اِڇا انوسار اختيار ڪو نه ڪيو آهي ۽ نه ڪي حياتيءَ جي
اُچر پيري اننه جي واڳ اسانجي هٿ آهي. اسين هڪ
اهڙي سرير، من، سياءِ، اباڻي ارث سان پيدا ٿيون ٿا
جنهن تي اسانجو قبضو ڪونهي ۽ نه ڪي
وري هن وسيع دنيا ۾ جيڪي پيچيده ڪارواين ٿين
ٿيون ۽ جن جو اثر اسانجي جيون تي بلڪل گهرو پوي

ٿو ۽ تن جي ٺاهڻ، هلائڻ يا ڊاهڻ ۾ اسانجو وس هلي
ٿو. اڪثر اسين فوٽ بال وانگر هڪ هنڌان لتون جهلي ۽
ٻي هنڌان ٺونشا کائي، آڏو ابتو ٽڙڪندا ٿاٻڙندا وتون ٿا
يا مورڳو ڪمب پاسي هٽڻ سبب موٽڻ ۽ موڳي جيوت
ڪاٺي راهه رباڻي وتون ٿا. اسان مان گهڻا حياتيءَ جي
اهڙي نا محرمي، بد فضيلت بد سلوڪي مان جيڪڏهن
راضـــي ناهن تـــه انکي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار
آهن ۽ پر ڪي اهڙا تيز فهم، حساس، اثر پذير انسان به
آهن جي حياتي جي اهڙي واهيات مخول سرد خون سان سهڻ
لاءِ تيار ناهن ۽ هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن آس نراس تي پوي ۽
جيڪڏهن اسانجي افڪار ۽ جذبات تي پاڻي ڦري وڃي ۽
جيڪڏهن اسان جو جسم اهڙو جڏو ٿي پوي جو روحاني
روشني منجهانس ڊولهي ۽ ڪارنهن جي صورت ۾
نڪري يا اسانجون مالي، پنگتي حالتون اهڙيون بڻجن
جو اسرڻ جو امڪان نه ڏسجي؛ يعني ته توڙي ۾
جيڪڏهن زندگيءَ مان اسين ڪو لاڀ پاڻ لاءِ يا ٻين لاءِ
حاصل نه ڪري سگهون ته بهتر آهي ته هڪ ئي ڦوڪ
سان ڏيئو وسائي ڇڏجي ۽ ان تي لڪي اڇايو ارمان ڪائجي
۽ نڪي ڏرمي ۽ اخلاقي دليلن ذريعي بيهودا غبار پيدا
ڪجن. نجس حالت مان نڪرڻ لاءِ قدرت انسان کي

آپگهات جو اڻ ٽر هٿيار ڏنو آهي جو جڏهن ٻيا واهڻ نڪما ٿي پون ته ڪم آڻڻ عيب نه بلڪ ثواب آهي.

"هيءُ رستو آهي انقلاب جو. انقلاب جي صحيح معنيٰ سماج گهات سمجهڻ گهرجي. يعني ته جا سماج اسانکي واجبي ڦلدائڪ جيوت جو وجهه نٿي ڏئي انکي نهوڙي اڇي. سماج جنهن ۾ ڳاڻ ڳڻيا جاوا ڪن ۽ اڪيچار انسان دلي دماغي جسماني مفلسي ۾ ڳهن سان سماج گهٽڻ لاءِ ضرورناڪ ۽ قاتل هٿيڻ سبب پاڙون پٽڻ گهرجي ۽ ان عيوض نياءَ ۽ سچائي جي بيڙهه تي نئين عمارت اڏجي. البت جرئت ۽ همت کپي. پر ان اعليٰ مقصد جي حاصليت لاءِ سماج خلاف جنگ ثواب عظيم، فرض اولي آهي.

"اسين جي بيروزگار آهيون، اسين جي حياتيءَ جي لطف کان محروم آهيون، اسين جي سماج جي ٻاهرين در تي بڪايل ڪتن وانگر پلڪندڙ آهيون تن لاءِ آپگهات يا سماج گهات بدران ٻيو چارو ڪونهي. اسان لاءِ زميندار جي حقن جي حفاظت، شاهوڪار جي قرض لاءِ قانون، مالدار جي جان مال جي سلامتي، هندوڻان مندر يا منزل گاهه جو قبضو بي معنيٰ آهي. پوليس ۽ ڪورٽ جي اسانکي گهرج ڪانهي ۽ انکي ٻين جي گهاٽ واڌ ۾ دل چسپي اٿون. ميان منيروهان وزير ٿيو يا سيٺ ماڪوڙي مل تي لڳ پئي ته ٻه ماڇه (اسانجو ڇا).

ڪانگريسي قوميت جو نعرو هڻن ٿا ۽ جناح مسلم سڀيتا،
آداب و اخلاق جي هام هڻي اوکن کي الگ، آڻي،
اجهي جي اهم مسئلن کان ڪناره گير ڪري ٿو. پر هن
ملڪ جي ڪروڙين بکايل ماڻهن لاءِ قوميت ۽ تهذيب،
دين ۽ ديس ڇپاڙيل ڪاني وانگر بي وس ۽ بي سود
آهن. جنهن ملڪ ۾ شريف نموني حق حلال جي پورهئي
سان گذران غير ممڪن آهي انهي مٽي ۽ پٿر لاءِ اسان
کي عزت ٿي نٿي سگهي ۽ نڪي تهذيب ۽ اخلاق ۽
مذهب جو اميرن جي دربار جي پيداش آهي ۽ سندن
جاهه و جلال برقرار رکڻ لاءِ دنيا ۽ آخرت کي اڄڙن
ماڻهن جو اباڻو ارثو سمجهي ته تنهن لاءِ اسانجي محبت
پيدا ٿي سگهي ٿي. ڪيڏي نه انهن شڪم سير، گردن
ڪلفت ليڊرن ۽ اسان ڏتڙيلن جي وچ وٿي آهي.
مان جيڪر چوان ته اختلاف آهي. سرشتو جو هڪڙي
طرف اڄڙا مدمغز ۽ ٻي طرف آپ گهاتي پيدا ڪري
سو گهڻو جالي نه سگهندو. اڄ جا آپ گهاتي سڀاڻي جا
سماج گهاتي يا انقلابي ٿي سگهن ٿا. سندن حالتون کين
مجبور ڪنديون ۽ پوءِ جيلن اندر خون ۽ چوريءَ ۾ فقر
وٺندڙ جاهل ڏوهارين جي اڙٻنگاين عيوض ملڪ کي

تعليم يافته، تلخ طبع جوانن جي جهاڙ جهڙو مقابلو ڪرڻو پوندو.“

موهن جي انهيءَ هيٺئين گرم تي وڻي آهي ۽ ڏونهي عيوض مڃهانس الا پيا نڪرن. هو استادن گهور ڪري نهاري ٿو ۽ پڇي ٿو ته اي پوڙها جوانو ٻڌايو ته انقلابي ٿيندا يا آپ گهاتي. اسين لاجواب آهيون. هو جاڻڻ ٿو گهري ته جيڪڏهن اهي ٻئي رستا قابل قبول ناهن ته ”ڇو پلا مان ڇا ڪريان؟“ عجب اهو آهي ته هي ملڪ سڄو اپاڳيو ناهي. براج بعد پاڻي مؤ ۽ زمين اٿاهه آهي. پٽسو نجوڙين ۾ محفوظ آهي جو ڪارخانا ۽ هنر کولي سگهجن. پر تڏهن هوندي به ملڪ ۾ مفلسي، جهالت، مرض آهي. ڊاڪٽر کپن، ماستر کپن، انجنيئر کپن، مڪانيڪ کپن، ماهر ۽ مصنف کپن جي ملڪ اڏين، جهالت ۽ مرض دور ڪن، نيون آباديون، نئون اخلاق، نئين جنس بشر پيدا ڪن. **موهن** ۽ سندس رفيق قدرت ۽ تربيت اهڙي قالب ۾ گهڙيا آهن جو اهي ڪم سر انجامي سگهن ٿا. پر جيئسين گهرجائو ۽ گهرج پوري ڪندڙ هڪٻئي کان دور آهن، جيئسين موجوده سرشتو ڪنهن کي منهن ڪٽڻ کان ممانعت ڪري ٿو تيسين نه ملڪ ترقي ڪندو ۽ نڪي نوجوانن جو آئينده درخشنده ٿيندو.

هيڏي ڪم هوندي جوان پڇن ته ”ڇو پلا مان ڇا ڪريان؟“ ۽ سماج اک ٻوٽي، منهن پاسي ڪري ته از حد بدبختي ڇٽڀي جنهن لاءِ تلاهي ڪير؟

سنگيت سار

مردنگم باغيچي ۾ ڪرسيءَ تي وڻ هيٺ ويٺو آهي ۽ بين تي سُر ملائي راڳ ٿو ڳائي.

”اڙن ترن سي رنجت ڌرتي
نيل لوچن هيمن لال- نيل......
مرو سمير سي ناچي ترني- ندي بجاوي تال
ڇيا ندي بجاوي تال.“

(جسي ۽ هيرو اچي کيس نمسڪار ڪن ٿا).

مردنگم- اوم تت ست. چمڪار هوءِ (هٿ سان آشيرواد ٿو ڪري. جسي ۽ هيرو وهن ٿا).

”همين نهين ڌن مايا آس- سؤ چند همارا حال- سؤ چند...
ڇها نهين سڪتا هيءِ همڪو- ڌن مايا ڪا جال- ڌن...“

جسي- پنڊت جي، اڄ ته ڏاڍي موج ۾ اچي ويا آهيو.

مردنگم- ”ندي بجاوي تال- آ- آ- آ- تال.“

جسي- تال نه پر مرڪ.

مردنگم- ”سو چند همارا حال.“ (مرڪ ٿو هڻي).

هيرو- (ڏڪڙ کٽي پاٽيءَ جي گڙ گڙ جو آواز ٿو ڪڍي ۽ ڳائي ٿو.) ناچي ترني...

مردنگم- (بين سان آواز ڪڍي ٿو ڏيکاريس).

اوم تت ست. سڀني شاسترن جي مت هڪ ئي آهي. ئي
اصل **مهيشور** جي رچنا آهي.

هيرو- **مهيشور** هڪ وهم آهي.

مرڏنگ- اگيان، ساڌارڻ اگيان. ويد پراڻ چون ٿا ته جڏهن آڪاس ۽ پاتال نيست نابود هو ۽ جيڪو آن سو ڪرڪي، سورج چندر تارا نراڪار ۾ سمايل هوا ۽ اڻهوند جي آگيا انوسار پنج تت پڻ پرلئه جي پيچ

هيرو- ويد پراڻ خود مون گهڙيت آهن ۽ منجهن اونده ۽ روشني ٻئي موجود آهن.

مرڏنگ- تون اڃان مورک آهين. ويد معنيٰ گيان ۽ جيڪو آن سو ڪرڪي ويد ۾ اگيان اسيئو آهي. ويد آهي امرت، ساکيات امرت (سوڪ تو پري) جو آدي رشين کير سمنڊ مان شيش ناڳ روپي مانڌاڻيءَ سان ولوڙي ڪڍيو. ويد آهي ايشوري گيان جي آد ۽ انت.

هيرو- ايشور وانگر گيان پڻ انمت انادي آهي ۽ ڪنهن به پستڪ ۾ سمائجي نٿو سگهي... پوءِ پلا ٻين...

مرڏنگ- هڪ سمي **مهيشور** ڀڳوان خالص پريم جو وڏو ڇاڙهي سماڌيءَ ۾ اچي ويو. ڪنهن کي مجال جو سندس رنگ ۾ ڀنگ وجهي. ڪئين مهنا گذري ويا،

سڏ ون ڦري ويون، ڪنب ڪرڻ ڇماسي لڳ مان سڄاڳ، ٿيو، پر **شنڪر** جي سمادي نہ ٽٽي.

هيرو- حد ڪمالي تي ڏنو!

مرڏنگر- رشي ڏسي حيران هئا تہ سندس جاڳڻ لائي ڪهڙا وڏا وهائيندي، پر اوچتو سندس سيني اندر هڪ عجيب آنند ماند اٿڻ تي. دل اندر دونهان ۽ غيبي غبار پيدا ٿيس ۽ پريم جي پياس تريت ڪرڻ لاءِ **پاروتيءَ** کي سارڻ لڳو، پر **پاروتي** عدم پيدا هئي، سو سمادي ۾ **پاروتيءَ** جو ڌيان ڌري انهن چئن چٽيائين، جو بين تي پيو. ڏس هي مٿو، اکيون، ڪرنگهو، هڏا ۽ ڳنڍ، جي **پاروتيءَ** جي بت جي صورت آهن. اوم شو.

جسي- پر ٽنگون تہ اٿس ئي ڪونہ. **پاروتي** ٽنڊي تہ ڪين هئي.

مرڏنگر- ست سر، ست تارون. ست رنگ، ست راڳ. ڇهو اوم تت ست. اهي تارون **پاروتيءَ** جون نسون آهن، جن مان ڪلاونت راڳ ڌرتي جي اپديش انوسار رس ۽ ڀاو ڪڍيئو ۽ پنهنجي آتش فشان فڪر ۽ امنگ کي لرزان آهنگ ۽ آواز عطا ڪريئو.

جسي- بين بيشڪ ڀلي آهي، پر سرندي جهڙو ساز ڪونهي.

هرڏنگ- سرندو ڳنڍي ٽڪر جي پيدائش آهي ۽ البت اهڙي وحشين لاءِ اڪسير آهي، پر، ڇو اوم تت ست، نازڪ ۽ نفيس روح جا جذبا فقط بين اظهار ڪري ٿي. **والميڪيءَ** جي آشرم ۾ **لوءَ** ۽ **ڪش** بين وڄائي ۽ خود گنڌرو بين تي اکين ڇڪن آهن. ڪلاونتي **سرسوتيءَ** کي سدائين بين هٿ ۾ ڏسندين. **والميڪي** رامائڻ ۽ ويد رشي **وياس** جي مهاڀارت ۾ داروويڻا، مهاناٽڪ ويڻا جو ذڪر ڪيل آهي. اوم شوه

جسي- ايڏو لمبو وستار ڇا لاءِ؟ اها ڪڏهن علم جي اپتا ۽ گذشته جي تاريڪ غفا ۾ مردود لاش جي سڪل هڏن لاءِ نوس نوس ڇو؟

هرڏنگ- انهي علم جي اليباس سان من جا طاق کلن ٿا، حواس ۾ نئين شڪتي ۽ جوش اچي ٿو ۽ انساني تواريخ جو هزار رنگ داستان سلسله وار نروار ٿئي ٿو. اوم شوه

هيرو- افسوس، اڄ تائين جو اڪثر تنگ دلي، ڪوتاهه عقلي، ڪهنه پرستي آهي. هتي اسين راڳ سکڻ آيا آهيون، پر ان عيوض مرڪ ۽ تال جا ترڪتال ۽ اڳري ايڪهه جي فائدي ۾ وڏن ودوانن جا رايا پيش ڪيا وڃن ٿا. ڪهڙي علم جو بوجهه انسان جي دل مان

آزادي، اصليت، توليد جي جڙ ڪٿي ٿو ڇڏي. ڪيتن
۾ انوي ۽ رنگت لاءِ منهنجي ڪن کي ڪراهت ۽ دل
کي نفرت آهي، جا دليل رسني مڪمت ۾ ڦيرائي
نٿي سگهجي.

مرڏنگ- (ڪنڌ تو ڌوڻي) . مان هيڻ، ٻڌي
هيڻ، ڪالي يگ ۾ سر جن ۾ **ڪاليداس** ۽ **ٻوٻوتي** ڪوتا
رچي ۽ **تانسين** ڳائي سو، هري رام ۾ نفرت انگيز
رنگت آهي.

جسي- ڪاليداسي ڪوتا ۽ تانسيني آواز نقلي ۽
مصنوعي نه هو؟

هيرو- نڪي انهي خوبي ٻهر ۽ وزن يا سرگم ۽
تان تي منحصر هئي.

مرڏنگ- ٻر سرگم ۽ تان موسيقي اُپياس ۽ گلي
جي ورزش لاءِ اڪثر آهي.

جسي- موسيقي جي مراد، گلي جي ورزش يا عجيب
۽ غريب آواز ناهي.

هيرو- نڪي سعدس خوبي گرامر جي قانون مطابق
دماغ سان سمجهڻ گهرجي. راڳ جو اثر اول ڪن ۽
دل تي ۽ پوءِ ان دواران دماغ تي ٿيڻ گهرجي. توهين
زلده راڳ کي مرده قانون جي عينڪ سان ڏسي،

دل عيوض دماغ سان لطف وٺڻ گهرو ٿا، راڳ جو اصلي مقصد اهو ناهي.

مرڌنگم- راڳ کي آواز کان علحدو ڪري نٿو سگهجي.

هيرو- پر هر آواز موسيقي ناهي. آواز جڏهين دل جي امنگ سان بارور آهي، تڏهين انکي موسيقي چئجي ٿو.

جسي- هر ويرو ائين ناهي، پکيءَ جي لات، ٻالڪ جي اٽهتي ٻاسي، هوا ۽ پاڻي جي سرڙاٽ، شيرين ۽ وڻندڙ آهن.

هيرو- هائو، اهي پڻ زندگيءَ جو اظهار آهن ۽ دڪ پوشيده عالم آشڪار ڪن ٿا، پر ڪتابي قانون ۽ رسمي نوع جي تقليد، شخصيت، صنعت ۽ ايجاد لاءِ قاتل آهن.

مرڌنگم- اوم تت ست، ڪو به هنر قانون ۽ نظم بنا ناهي ۽ ڪنهن اصول ۽ نيتيءَ بنان صنعت تعمير ڪرڻ هيمت آهي.

هيرو- پر صانع جي خاصيت توليدي حرارت يا رچنا شڪتي ۾ آهي، جنهن ذريعي هو بي لطف ۽ افسرده زندگيءَ ۾ شرر انگيز تمنا، لاثاني جذبات ۽ بلند افڪار پيدا ڪري ٿو. خالق ڪيس چشم بينا، فڪر

ٻوڙ خيال افضل عطا ڪيو آهي، جنهنڪري هو غيب جي تاريڪ عمق کواھ سيارگان فلڪ جو سير ڪريٿو. جنهن نوبو سمنڊ مان موتي ڪڍي، تنهن هو هر جان بيجان مان نغمه جاودان ۽ راز رستا خيز پيدا ڪري ٿو.

جسي - ڏسجي ٿو تہ ڪي پراڻا پستڪ واچي آيو آهين. هيڏيءَ لانڍ مان فائدو؟

هيرو - پراڻا پستڪ. بيشڪ! هيءُ معصوم، ابهم، نفيس گل جو پوهه ڦٽيءَ ويل سورج جي سولهري ترورن لاءِ آسوندي اک ۽ سڪايل هل سان انتظار ڪري ٿو ۽ لوبي رحم هٿن سان چني خود زيبائي لاءِ ابريشمي ساڙهيءَ جي ڪنار سان ٽڪلوي وٽ لڳايو آهي، سو تون سمجهين ٿي تہ تازو ۽ جديد آهي. پر پليل آهين. هي هن پرتويءَ جي اوائلي پيدائش آهي. جڏهين تون نہ هئينءَ، مان نہ هوس، بعي بشر، چرندہ پرندہ نہ هئا، تڏهين بہ گل ضرور هئا، پر تڏهن هوندي بہ سندن تازگي، رنگ و بو ڪو پاروٿو ڪونهي.

جسي - هميشہ تہ فيلسوف ٿي پيو آهين

مرڏنگم - لئين انساھ جي چر آئي اٿس.

هيرو - جت انساه آهي، اتس صداقت آهي ۽ جت صداقت آهي، اتس سچ آهي.

جسي - ٺيڪ، جن ڪمال صداقت سان مسافرن کي گهوڙو ڏيئي ڊيوءِ تي پل تي چاڙهي سي سچ جا حامي هئا؟

مرڊنگ - صحيح! هر ڪنهن کي پنهنجي شغل لاءِ اتساهه ۽ عقيدي لاءِ صداقت آهي. ڪفر ۽ ايمان ٻنهي ۾ صداقت آهي، پر سچ جا ڄاڻڻهار......

هيرو - وري وچي هندستان ۾ پيار، صداقت صنعت جو روح آهي.

جسي - تحقيق، پر صداقت جي خصلت ۽ خاصيت ۾ وڏي ڪاٽ پئجو وڃي جڏهين اسين انهي حرفت ۽ هنر سان چنبڙيون ۽ ڏکيون ٿا. تڏهين صداقت پنهنجي خالص اصليت کان ڪجهه اور ٿيو پوي.

هيرو - درست، پر ننگي سچ سهڻ جي شڪتي انسان ۾ ناهي. ٻه ٻهرن جي سچ وانگر اسين انجو تاب ۽ تپش برداشت ڪري ٿا سگهون. خير، اٿ ته هلون. دير ٿي وئي آهي. وري ڪنهن ٻئي دفعي.

ادو عمر

دوست جي دعوت تي همت ٻڌيءَ ۽ اچڻ جو موقعو مليو اٿم. صبوح جو وقت آهي. هوا جي وڻندڙ ٿڌاڻ دل ۽ دماغ کي فرحت ڏئي ٿي. سوير کان ڪوئل نم جي وڻ مان پئي ڪوُ ڪوُ ڪري ۽ پاريهل پنهنجي پياريءَ کي هيڪ مان مانٺي مڌر آواز سان پيو ٻولائي. ڪوئل جي اندر جي اشتها جابلو جهرڻي وانگر اُڌما ڏئي ٿي نڪري پر پاريهل جي پياس انهي نهر وانگر آهي جا لاها چاڙها لنگهي ڪاميابيءَ جي سڌي ۽ لسي پٽ تي رسي آهي. منجهنس ميناج آهي پر دبيل آرزو جي ٻرق ڪانه اٿس. ڪوئل انهيءَ نوجوان وانگر آهي جنهن جو لڙهو ساگر جي لهرن ۾ پيو لڏي ۽ جيتوڻيڪ سندس اکيون اڄ ڪنهن دور دلفريب درشيه پسڻ لاءِ کيس بي حد محنت ۽ عرق ريزي ڪرائينديون پر سندس دل کي يقين ناهي ته آخر هو ڪو منزل مقصد تي پهچندو. ڪوئل سالڪ آهي، ٻره جي بڪايل آهي پر پاريهل شڪم سير آهي جو مصنوعي بک پيدا ڪرڻ لاءِ اڱڻ ۾ اچ وڃ ٿو ڪري. ڪوئل سدائين اڪيلي آهي جنهن سبب ڪنوارا مٿس شيدا آهن پر پاريهل پنهنجي پتنيءَ سان **سيتارام** وانگر ساٿ ڏئي ٻوٽيلن جي رهنمائي ڪريٿو.

سوير هو سارو هڪ پاڙو ڪيڙيو اٿم ۽ هينئر نار ويٺو هلايان. زمين کيڙڻ اهڙو ڏکيو ڪم ناهي جهڙو سمجهو هوم بشرطيڪ تتي نه هجي. نار به اڻ جڙو آهي. يا ته وهڻ ڪارڻ ٻنهه پڙ ڪڍي ٿو ٻهي يا ته وڻي ٿو اهڙي وڪ ڪٽي جو اجهو ٿو نار چيڙ سوڌو ڍيري ٿي. شڪر جو اکيون ٻڌل اٿس نه ته جيڪر چڪ هڻي ڳوڌن هيٺ چيپائي ماري. هتي فعلا اسانجي ساري زور آهي جو ڳس ڪان ڳسڪڻ نٿا ڏيونس. پر رکي رکي اهڙو ته ٿو ڏري جو پير به ٻيڻل ڳڏهه جا ڪن ڪڙا ٿيو وڃن ۽ سنڌس ٻت مان سيسرات ٻيڻل پاڻي مٿان لهر وانگر لنگهندو پيو ڏسجي. اڻ جي پيٺ پر ڳڏهه فهميدو ۽ عاقل جانور آهي. جيڪڏهن ڪٽي چئجي ته ڏاگهن پر هي جانڙو حضرت سليمان مت آهي ته واڌاءُ نه ٿيندو. پر افسوس ته هن اورچ، بردبار، قانع، لهڻي پورهيت جو قدر ڪولهي ۽ سنڌس ڪوبيون کائن ٿي کيس عذاب، مفلسي، ذلت جي ور چاڙهين ٿيون. جيڪڏهن سنگدلي، انياءَ، احسان فراموشيءَ جو شڪار هڏي ۽ چم پر ڏسڻو هجي ته ڳڏهه کي جاچي ڏسجي ۽ انسان اڻ وسرندڙ سبق پرائجي ته طاقت ۽ حرفت ٻنان هزارين وصفون وئرت آهن ۽ فقط شرافت، محنت ۽ حليمائي مان چاڙهي ٿيڻ جو امڪان ناهي.

پر ٻه اڌو عمر وڃائو آهي. سچي ڄمار ڳڻي ڪوس ۽ ڪوڙ، جو ڪم ڪيو اٿس جنهن ڪري جسو ڪارائجي ويو اٿس. سندس ڄمار ڪيڏي آهي انجو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. سندس منهن تي گهنج آهن جنهن مان ڀيري تي ٻکي پر وارن ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اڇا اٿس جنهن مان سمجهجي ٿو ته ڪرڙو آهي. شايد اهي گهنج گذريل جوانيءَ جا آثار اٿس جڏهن هرڪا ڳوٺ جي نينگري مومل مثل هئي ۽ سندس چٽ چرپر ڪري، من موهي، جگر جهوري مستاني وانگر ڪيس ڀاڙ پنيان پڪائيندي هئي. هاڻ ۽ اهي گهنج فراق جا گهاوَ اٿس جي ڳوٺ جي سوڍين سندس سيني تي ڪيا آهن. هيئنر ٻه آگ بدهه اجهامي ڪاڻ ويٺي اٿس ۽ ٻهنجا تجربا ٻڌائيندي اوچتو اکين ۾ جهلڪ ۽ آواز ۾ چوچ اچيو وڃيس جنهن مان سندس طبعي گرماش جو پتو پوئيٿو. مڙس ملوڪ آهي ۽ جيڪڏهن ڪهس الله سائين هيئنر ٻه قارون جو خزانو ڏي ته هوند هفتي اندر لٽي ڇڏي.

اڌي جي ظاهري حياتيءَ جو داستان مختصر ۽ سليس آهي پر سندس اڌياتمڪ راماڻ يعني روحاني قصو اهڙو الفيس ۽ پيچيدو آهي جهڙو **پروست** جي ناول ۾ مکيه چرتر* جو. سندس مغز جي ڪارخاني ۾

---

* Chief character

هڪ ڏيهہ اندر جي عجيب خيال اچن ٿا، جي رنگين پردا ڦرن ٿا، جي حيرت انگيز مانداڻ مچن ٿا سي بيان ڪندي هوند سوين صفحا ڪارا ٿي وڃن. ڳوٺ ۾ رهڻ سبب هو بہ پيري بدران ڇوڪرو ڪونہ ٿي پيو آهي ۽ نڪي اسين شهر ۾ رهڻ سبب ننگن ٿي هلڻ بدران پرن سان اڏامڻ لڳا آهيون. بنيادي ريت اسين ساڳيا آهيون ۽ هميشہ بہ جيڪڏهن ادي جي سنوارت ڪرائي، ڪڪر ۽ صابڻ سان وهنجاري، ڪوٽ پتلون ۽ هئٽ پارائي ڪنهن مجلس ۾ وٺي اچونس تہ آڪار ۽ بيهڪ ۾ گهڻن شهرين کان گوءِ کڻي ويندو. شايد سندس ۽ اسان وچ ۾ هي فرق آهي تہ اسين وڌيڪ چتر آهيون، چالاڪ آهيون ۽ پاڻهن ننگن کي هلائي ڳيو پيدا ڪرڻ عيوض اکرن کي مروٽي سروٽي عقل کي آڏا ابتا ونگ ڏئي، حرفتون سڻي پين مان ناجائز فائدو وٺڻ ۾ پڙ آهيون. اهوئي سبب آهي جو اسين نڪي ڪتيون نڪي آٺون، نڪي ڪيڙيون نڪي لٺون ۾ اسانجون دلگيون داتار پيري چڙيون آهن.

هڪ ٻيو فرق بہ آهي تہ ادو زمين تي رهڻ سبب، سڄي حياتي مٽيءَ گڏ گهارڻ سبب، اخلاقي خواه روحاني طور زميني آهي. هو خالص ڌرتي پٽ، ابن ارض آهي. آسمان ۾ اڏامڻ جي نڪا خواهش اٿس ۽

انکي اهڙو موقعو ائس. اسان وانگر ڇنڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪانہ لڳي ائس جنهن ڪري هو مخصوص شهري ماليخوليا کان آجو آهي. البت وٽندڙ شين لاءِ ذوق ائس ۽ ٻنسي کي ڀير ڪري ٻوٽڻ ۽ زال ٻار وساري رات ڏينهن حضرت ملوس پنيان ڦٽڪڻ ڪونہ سگهيو آهي. منجهس شاعرانہ جذبن جي ڪمي ڪانهي ۽ اسان وانگر شعر نظر انداز ڪري ٻحر وزن جي ٽڪ ٽور لاءِ جو ڪتابي علم کپي سو ونس ڪونهي. هو حياتيءَ جا مختلف مسئلا سمجهي سگهي ٿو ۽ وڪيل وانگر مکڻ مان وار ڪڍي نہ ڄاڻي ۽ انکي سٽين وانگر سچ مان سون ڪڍي ڄاڻي. سندس آدرش ۽ اديش عملي ۽ زميني آهن جنهن سبب ڌرتيءَ تي پير پختا ائس ۽ اسان وانگر عرش ۽ فرش جي وچ لٽڪيل ناهي.

خيالي هڪ قسم جي ليبارٽري آهي. شهري ٽوڙي گهوٽاٽا ازين قسم جي تجربن مان لنگهن ٿا. ڳوٺ جو دائرو محدود آهي تنهنڪري انهي رهاڪن جا تجربا بہ محدود آهن. سخت پورهيو، ڪام جي چڪ، پيٽ جي ٻک، بهي بشر جو ورثو آهي. اسين ڪڏهن انکان آجا ٿي فڪري ۽ قلبي ولدر پيدا ڪريون ٿا ۽ گهوٽاٽا جم کان موت تائين انجا مطيع آهن. سندن خيالي

انهن ٻن ازادي گهرجن جي وچ ۾ وهندڙ نڙي مثل آهن.
ٻورهئي سان پيٽ ڀرجي ۽ پيٽ ڀرڻ سان ڪام ترشنا
اڀهن ٿي. افسوس جو زر ۽ زن جي ڳوڻ ۾ ڪمي آهي
جنهن ڪري ان جي حاصليت لاءِ آڏا ابتا رستا اختيار
ڪرڻا پون ٿا. ادو پڻ زن ۽ زر پنيان چار دفعا ٺاٺي
گهر جا رولڙا ڪائي آيو آهي. جيل ۾ وڃڻ عيب ناهي.
ڳوناٺا انکي مڙسيءَ جي نشاني سمجهن ٿا. ڇو ڪين
سمجهن؟ جڏهن قانوني حدن اندر هلت پيٽ جي ۽
اندر جي بک نه لاهي ته قدرت اوس جڙتو قانون ڀڃي
پاڻ ڏانهن ڇڪيندي. جيڪڏهن ادو انهيءَ ڪري
جيل ويو ته انکي ڏوهي ڇئي نه سگهبو. انهن حالتن
هيٺ اسين شايد بدتر هلت هلون. قانون يا ڪنهن به
نظام جي عزت تيسين ڪرڻ جائز آهي جيسين ان قانون
جي حدن اندر هرفرد لاءِ ڪافي موقعو هجي ته پنهنجون
گهرجون پوريون ڪري سگهي. جيڪڏهن سوسائٽي
اهڙي آهي جو هڪڙا جاوا کن ٻيا ٻکون ڪڍن،
هڪڙن وٽ زالن کي مڙس نه ملن ته ٻين وٽ مڙسن
کي زالون نه ملن، هڪڙا ڳهي مرن ته ٻيا گديلا
گسائي ٿلها ٿيندا وڃن، هڪڙن وٽ محلات جتي ڪمرا
فقط فرنيچر سان ڀريا پيا هجن ته ٻيا رستن تي پيا رلن

ته ان پنگت جي عزت ڪرڻ، ان قانون جي پائبندي ڪرڻ، ان نظام جي پشتي ڪرڻ عظيم گناهه آهي. جا سماج انياءَ ۽ انرت تي ٻڌل آهي، جنهن سماج ۾ لکين اسرندڙ حياتي کي ڦلڻ ڦولڻ جو موقعو ناهي ۽ جنهن ۾ قانون قاعدا، ڌرم رسم فقط ڪن ٿورن پيٽ ڀريلن ۽ حريفن جي حفاظت لاءِ آهن تنهنکي ڍاهڻ ثواب آهي. ڏوهه اڪثر مظلوم جي قائم ظلم خلاف پروٽيسٽ آهي تنهنڪري مظلوم کي ننديڻ غير واجبي آهي.

اسين جي ڪڏهن خاص سرشتي هيٺ پليا آهيون سي اڪثر انهن اوڻاين ڏسي نٿا سگهون. ”جت ٻاهه ٻري هنڌ سوسڙي ڪهڙو سيڪ اچي پاڙي واليان نون“ عام چوڻي آهي. سو جيسين اسانکي ڇهنڊڙي نه پئي آهي تيسين ٻين جو ڏک محسوس ڪرڻ ناممڪن آهي. هتي خود اسانجي وچ ڪيڏي نه ڀيڙا آهي ۽ ڪئين سوين ماڻهو مفلسيءَ ۾ پيا پيسجن تنهن جو درد ڪنهن ورلي کي آهي. سو جيڪڏهن ڳوڻاڻن نسبت اسانجا بيهودا ويچار پيل آهن ته ان ۾ عجب ڪونهي. بلا آخره خام انساني سڀاءُ ٻين کي ٻڇڙو سمجهڻ ۽ پاڻ کي پوتر ڄاڻڻ ۾ فخر وٺي ٿو ۽ اسين ڪي فرشتا ناهيون.

انجمن آزاد

چه سود ازين که کتبخانه جهان از تست
نه علم هرچه عمل ميکني همان از تست

سنڌ اندر گذريل ويهارو سالن ۾ ايڪ سيائون انجمنون ۽ سماجون نڪتيون آهن. انهن سنستائن ما ۹۰ سيڪڙو مذهبي يا مذهب سان لاڳاپو رکندڙ آهن انين برابر آهي ته سنڌن مت متانتر، سڌانت ۽ اصول نرالا آهن ۽ اڪثر مذهبن ويچ ۽ وروڌ آهي پر عملي طور سنڌن ڪاررواين ۽ ڪٿائن، پرچار ۽ پوڄائن تقريرن ۽ تحريرن ۾ ايترو مس فرق ٿيندو جيترو ٽنبڙمل ۽ ماکوڙي مل جي مورتيءَ ۾ هجي. چاڪا ته اهي سنستائون ٽنبڙمل ۽ ماکوڙي مل جي آتمڪ اڌار ۽ روحاني راحت لاءِ استاپن ٿيون آهن ۽ چاڪاڻ ته اسان مان ۹۹ في صديءَ جي ڪوپرائيءَ جي ماپ ۽ وزن ٽنبڙمل جي ميچالي جو ميزان آهي تنهڪري سياوڪ اهڙين سنستائن جي بازار سدائين گرم آهي ۽ گراهڪن گهٽڻ هئڻ سبب آتمڪ ويچڻ وارا وڻجارا ۾ ميا متارا يا نامور ۽ ناليرا آهن. الهيءَ ۾ ڪو عجب ڪونهي جي انهنمان ڪيترا سنائي ۽ توڪلي هجن پر ڌرم خود توڪل ۾ خدا ۽ آتما ۽ پرلوڪ جي وسنن ۾ ٻڌو آهي.

جيئن چرسيءَ لاءِ چرس پيئڻ هنديءَ لاءِ ڏنڊ آهي. ڏنڊ کيس مفلسي، مرض، غلاظت، غلاميءَ جي اوڙاهه ۾ وجهي روشنيءَ جي جهلڪ اُٿي خوشي پيدا ڪري ٿو. سنڌس منجهيل مت ۽ هڇيل هٿين ۾ فخر ۽ سومان اٿي کيس سيکاري ٿو ته جيتوڻيڪ ٻين ديسن جا رهاڪو هر ڪنهن حالت ۾ ٻرڪ آهن پر مذهبي مدهوشيءَ روحاني مستي ۾ ورلو ڪو سنڌس مٽ ٿيندو. جيڪڏهن سنڌس اُگريءَ، ڪجسيءَ، ڪرڙيءَ ۽ ڪنوڙ جيوت ۾ انهيءَ مدهوشي ۽ مستيءَ جو جولان نه هجي ته آپگهات سنڌس لاءِ مڪت دوارو ٿي پوي. اما من ورتي جيتوڻيڪ سنڌس لاءِ مفيد آهي پر ٽڏهين به اسٿول شرير جون گهرجون سورگيه جي سٺين سيرن يا آتمڪ آنند جي ابيلاشن سان پوريون ڪونه ٿي سگهنديون. سنڌس شرير ۾ آتمڪ شرير ڪانسواءِ ٻيا به شرير آهن جن جي هستي اڪثر اهڙي ته زبردست ۽ نا ري بلڪ تيموري آهي جو کين ريٽڻ محال ٿيو پوي. سچا آتم گياني انهن شريرن کي لگهوسار ۽ (لبير بسمل) ڪرڻ جا اُپديش ۽ گيان ڀيشڪ ڏين پر چاڪاڻ ته اهي شرير اهڙائي آهن جهڙو آتمڪ شرير تهڪري الهڪي لاحق ٿهوڙي نيڻ اٽالڳهو آهي. هندي چرسيءَ کي نه رڳو ڪيرتن ڪتا،

ڪاٺي اُپٺي جو چرس ڪپي پر دال روٽي ۽ تيل تماڪ، زال ۽ ٻار، وندر ۽ ڪار وغيره پڻ ڪپن. تنهنڪري پوءِ جا سياڻون ۽ ملي* انجمنون جي عوام جي عمومي گهرجن پوري ڪرڻ لاءِ هٿڻ گهرجن سي جيڪڏهين ٩٠ في صديءَ جي تعداد ۾ ڳڻ تي فقط ڏرمي ڏوپ ۽ ڏونهان ويهي پيدا ڪن- اهي ڏونهان رواجي طرح ڪٿي مفيد نه هجن- ته اهڙي حالت ۾ سندن اثر پيگنتي صحت تي برو پوندو ۽ ڪنهن وقت خود مذهبي مريض لاءِ گهاتڪ ثابت ٿيندو.

هرڪنهن شخص جي فڪري دنيا نرالي آهي ۽ دنيا جي بهبوديءَ لاءِ لازم آهي ته هرڪنهن کي کهڙي نه مدورتي رکڻ جو پورڻ انڪار هٿڻ گهرجي. جي ڪو شخص سمجهي ته پيٽ جي قبضي، مغز جو تپ ۽ آندن ۾ وڍ آلم آنند جو دروازو کولي ٿو ۽ اهو آنند اهڙو آهي جنهن لاءِ شرير کي ڏوجهرا ۽ ڏنب ڏيڻ واجب آهي ته ڪيس حق آهي ته پنهنجي لاءِ پڻ اهڙو آنند پراپت ڪري. اهو نه ممڪن آهي ته اهڙو آنمڪ آنند درحقيقت اعليٰ درجي جي سعادت هجي چاڪاڻ ته جدا قسم جي خوشين جي ماپ ڪرڻ بلڪل محال

* National

آهي. ڀر جي اهڙو آتمڪ آنند چکندڙ ويهي عوام کي پيٽ جي قبضي، مغز جي تپ ۽ آنڊن جي ورم جي خوبين تي وياکياڻ ڪري (درحقيقت اسانوت گهٽيئي اهڙا وياکياڻ ۽ وعظ ٿين پيا جن جو اثر عمومي صحت ۽ فڪر تي قبضي، تپ ۽ ورم جو آهي) ته پنگت ۾ اهي شخص جنکي صحت پياري آهي ۽ جيوت کي نه پرماتما لاءِ ۽ نه پرلوڪ لاءِ پر خود هستيءَ کي سهڻو، وڻندڙ ۽ اتم سمجهن ٿا تنکي اهڙي پرچار ۽ ڪٿائن جي مخالفت ڪرڻ کپي. مريض جي دنيا تندرست کان نرالي آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته شاريرڪ شڪتين جي هيٺئين ٿيڻ سان بي انت اپار جو اوڙاهه کلي پوندو ۽ هستيءَ جون حدون جهڪيون پئجي وڃن ٿيون. عاطي نرواڻ جي اٿاهه ساگر ۾ غوطا کائڻ وڌيڪ مزيدار آهي يا جيوت جي محدود پيٽ جي گلن ڦلن جي سڳنڌ وٺڻ، پکين ۽ پوپٽن جي لاس ۽ جهلڪ جهٽڻ ۽ هر جنسين جي سرهاڻ جو واس وٺڻ وڌيڪ لطيف آهي تنهنجو فيصلو فقط هرڪو پنهنجي سياڻ انوسار ڪري سگهندو. اهڙين حالتن ۾ شخصي لاڙو ٻين مٿان مڙهڻ غير واجبي، اجوڳ ۽ بيهودو آهي. مثلا چيني‌ءَ کي ترڪل ڏيڏر، سڌڙي هاريءَ کي سڪل مڪڙن جون ڪچرايون، ويشنوءَ کي

گوگڙو ۽ لوڙهڪ وڄن ٿا. ڪين هر ڪو حق آهي ته اهي عجيب لذتون وٺن پر جي چيمي ۽ ويشمو اهڙي ڪاڏي جي چشڪن جو اُتي پرچار ڪن بلڪ مونکي زور آڻين ته اها خاص غذا سڀني جي پيٽ لاءِ مفيد آهي ته البته لاچار پنهنجي حفاظت لاءِ مونکي ساڻن ڪهرو پوڻو پوندو. ٿهڙيءَ ريت جي ڪو شخص منهنجي اڳيان اٺ انسان ۽ اٺ حيوان يا سڀئي حيوان بڻن جي پوڄا ڪرڻ تي گيان ۽ فلسفه جي اظهار ڪري ته سچاويڪ مونئر حضرت پيغمبر وارو جوش جاڳندو. جن ڪي راجا ڏاهر جي زماني جي ڌوتي ۽ انگرکي سان يا بلوچڪي قنديل شلوار ۽ پڳ سان يا مغولي ٻڳهي گلابند ڪوٽ ۽ موءِ جي سڌهين ٽنگن سان پيار آهي سي ڀل اهي وستر اوڍين پر جي اند ۾ اچي ملڪ ۽ ملت ۽ سادگيءَ جي سهاري هيٺ ڪوٽ پتلون تي هلان ڪن ۽ جهوني لباس، خوراڪ، رهڻي ڪرڻي، ادب اخلاق رسم رواج جي تائيد ڪن ۽ هر ڪنهن نئين قيرقار، رنگ برنگ جي اجوڳ مخالفت ڪن ته ڪين سخت ڪن موڙت ضرور ملڻ ڪپي. جي ڪنهن شخص کي زالن ۽ مردن جي وچ ۾ آزادانه رفتار ۽ گفتار نه ٿي آئڙي ته بهتر آهي ته جنتي ۾ بدنصيبا ڪيس لطيف جنس ڏسڻ ۾ اچي ته منهن تي ڪٽي رومال

وڃهي يا اکين تي پئي پئي يا جي سندس روح تي اتفاقا حسن ۽ نزاڪت ابليسي اثر پيدا ڪري ته معروف زاهدن ۽ عالمن ۽ سنتن جيان آيت يا پوڙي پڙهي يا رام نام جا ١٠٨ مالا اچاري ۽ جيترا گهڻا اچاري اوترو جلد موڪش ملندس جنهن لاءِ پڻ نئين روشنيءَ وارن کيرون لهڻيون. هاڻي انهن سندس ڪارروائي تي ڪنهن به بني بشر کي اعتراض ڪرڻ جو سبب ڪونهي. پر جي اسانجا پاڪ پرست پنهنجي ناپاڪ تعصب ۽ تنگ منطق سان انسان جي طبيعي ۽ فطرتي آزادي نگهوسار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ته سندن نه رڳو مخالفت پر زبردست مخالفت ضرور ٿيڻ کپي. هيستائين سنڌ ۾ توتارو رڳو هڪ طرفو وڳو آهي ۽ جيتوڻيڪ زشت ۽ ڪهن پرستيءَ کي ڏيڍر واري ٽان ٽان ڪرڻ جو پنهنجي چار ديواريءَ اندر هرڪو حق آهي پر هينئر زمانو آيو آهي جو اهي شخص جنجي طبيعت، اخلاق ۽ علم ذهنيت آسمان کي ڪوه مان ڪڍڻ جي خلاف آهي پنهنجو آواز ڪڍو ڪن ۽ منهن موڙي هلڻ بدران ڳالهه سڌو ڪري هلن.

اڄوڪي سنڌ ۾ نئين روشني، آزاد خيالي، علمي قابليت ۽ لياقت جي اڻاٺ ڪانهي. حيف آهي جو انسان

ڪو اهڙو دائمي ڏُل وڏوڻيچ کوڙ اُسريو آهي. سنڌ جي
پريس، پليٽفارم ۽ پبلڪ جيوت کهڻ پرست، تنگ
دل، نيم زنده، نيم عالمن جي هٿ ۾ آهي. آزاد خيالين
جو عوام کان آدي عار کين مجبورا اهڙي محيط ۾ رکي
ٿو جنهي نه خيال، نه عمل آزاد آهي. سنڌن سياويڪ
ڇرڪ ۽ معمولي ڪارروائن ۾ ٻهري وڃڻ کان گوشه گيري
نه رڳو عام کي ڪرڙ گيانين جي وس ڪيو آهي پر عموما اهو
اثر پيدا ڪيو آهي ته نئين روشنيءَ وارا ڪنهن به
صحيح فلسفه، اصول ۽ علم کان خالي آهن ۽ منجهن ڪو
نيڙ ڪولهي. حقيقت اها آهي ته هو پاڻکي اعليٰ مخلوق
ڄاڻن ٿا ۽ پمهنجا نازڪ هٿ عوام جي ڪچر ۾ ميرا
ڪرڻ کان ڇرڪن ٿا. سنڌن فرار البت تمبيه جوڳو آهي
ڇاڪاڻ ته ملڪ جدهن کين پالي وڏو ڪيو تهڪي حق
آهي ته ڪانئن شيوا جي گهر ڪري ۽ ٻيو ته جيڪڏهن
دِر حقيقت کين پمهنجي عقيده ۽ عمل جي صحيح هئڻ
۾ اعتقاد آهي ته انکي روشن ڪرڻ سنڌن اوائلي فرض
آهي. محيط يا وايو منڊل هميشه ڪن ٿورن روشن فڪر
وارن جي محنت جو نتيجو آهي. عام رايو حقيقتا ٿورن
ڄاڻن جو رايو آهي جو اوڪ مٿان مڙهيو ويو آهي. اهو
رايو ڦري سگهي ٿو جي اُنکي ڦيرائڻ جي ڪوشش

ڪٽي وڃي. آزاد خيال شخص لاءِ تنگ دل وارن جي
دائري ۾ رهڻ جيلي زندگي جي برابر آهي. سچي
آزادي ۽ آزاد وايومنڊل ۾ اسري سگهي ٿي. تنهنڪري
اسانجي شخصي توڙي مملڪتي آزادي جيڪڏهن آسمان
هيٺ اسرڻ گلن ۽ نه شيشه گهر ۾ نپايل ٻوٽن جهڙي
ٿيڻي آهي ته هر هڪ تعليم يافته شخص کي وقت بوقت
پنهنجي خيالن جي پڌرائي ڪرڻ کپي. جيسين اسانجي
ديس جي عورتون فقط مذهبي پستڪن ۽ پرچار سان
جڪڙيل هونديون تيسين اسين ڪابه ترقي نه ڪري
سگهنداسون ڇاڪاڻ ته اهڙن واهڻن سان اڄ تائين نه ڪنهن
ملت نه ملڪ سچي ترقي حاصل ڪئي آهي. اسانجي
بدبختي، تنگدستي، غلامي ۽ تنزل اسانجي پست فڪر
۽ ڪوتاهه دلي جو نتيجو آهي. چوڏهين صدي جا
آدرش ۽ اوتار اسانجي جوان جسمن اندر پرينن وانگر
واسو ڪري وينا آهن ۽ اسانکي اسرڻ نٿا ڏين. جي
اسين چاهيون ٿا ته اسين ترقي ڪريون ۽ اسانجو ملڪ
عظمت ۽ آسودگيءَ جي شاهراه تي قدم رکي ته پهرين
اسانکي قديمي ذلت ۽ غبار کان آجو ٿيڻ گهرجي ۽
نئين زماني ۾ نئين روشني ۽ نئين جسم ۾ نئون روح
آڻڻ کپي. تنهنڪري واجب آهي ته سنڌ جي نئين

روشني ۽ تازه فڪر وارن هندو مسلمانن جي هڪ جماعت ٿي جنهن جي معرفت هو تقرير ۽ تحرير ذريعي ملڪ ۾ نئين حياتي ڦوڪي سگهن. آزاد خيالين لاءِ اهو ضروري ناهي ته هو ڪنهن خاص خيالن جي پوئواري ڪن يا ڪن اڻواجبي قاعدن جي پابندي هيٺ رهن. سندن برادري پڌرط لاءِ اهو ڪافي آهي ته هو صحيحيت سان آزاد خياليءَ جي پنيرائي ڪن ۽ جهالت ۽ تنگ دليءَ جي خلاف علم ۽ عقل جي مشعل بلند ڪن ۽ پنهنجي وطن کي اونداهه جي اوڙاهه مان ڪڍي روشني ۽ ٻهڪندڙ حياتي جي ڏات ڏين.

ڪمال

آهيان آءُ فرزند مادر وطن جو-
احسان اٿم قلب ۾ ان سر زمين جو
جنهن گود ۾ موکي لولي ڏئي نپايو-
جنهن پنهنجي خون جگر سان هيءُ جسم جيار يو
توراني شمشير سان مهنجي سنڀال ڪئي-
توپ ۽ تفنگ سان مهنجي پرتپال ڪئي
آهيان آءُ فرزند مادر وطن جو.
ڇا معلوم ناهي توکي شان مهنجي وطن جو-
جاه و جلال، عزت، اقبال مهنجي وطن جو
عالم ۾ هو حڪم روان **چنگيز و سليم** جو-
فضا ۾ هو لطف هرجا تورانيء شمشير جو
گردن هو جهڪيل ملت فرنگ و آسيا-
لرزان هو دهشت کان سارو ارض وسما
آهيان آءُ فرزند مادر وطن جو.

نامق ڪمال بي

موکي انکي ترڪي زبان جي ابتري جاڻ آهي ۽ انکي نظم لويسيءَ ۾ ماهريت اٿم جو **نامق** جو **شعلور** شعر ترجمو ڪريان. يڪ مشت نمونو خروار مثل چند سٽون پيش ڪيون اٿم جنهن مان اوهين ڏٺين

ترڪيه جي قومي احساسات جو نوع معلوم ڪري سگهو ٿا.

هي شعر منهنجي ايراني تقويم بغلي ۾ درج ٿيل آهي. انوقت آءٌ ايران جي اتر اولهه پرڳڻي ۾ هوس. سخت سيارو هو. آذر بائيجان جي وسيع زمين لڳاري ڪنوار وانگر عصمت جي سفيد صوف ۾ ڍڪيل هئي ۽ سرخ آسمان برف جي بادلن سان متانس جهلي پيو هو. نظارو دلفريب هو. پر طوفاني هوائن ۽ سردي ۽ باران برف لوڪن کي ساٿو ڪري ڇڏيو هو. ڇهه هفتا ساندهه سج جو ڪرڻو اکين نه ڏٺوسين ۽ ٻن هفتن کان رستن خراب ٿيڻ سبب ٽپال ڪانه ملي. آخر تنگ اچي مون پنهنجي جرمن دوست **مڪس ڪيتان** سان اُرُوميه اسهڻ جو پهه پچايو. هڪ ڏينهن تبريز- تفليس ريل ۾ سوار ٿي، ڀرنديءَ لنگهي، طبيعت جا نرمل نظارا پسي اچي اُرُوميه جي ملائم تر آب و هوا ۾ سهڙياسين. انوقت اتي جنگي حالتون هيون ۽ گهٽيون، گهر، قهوه خانا لسرات سولجرن ۽ فوجي عملدارن سان سٿيا پيا هوا. سولجر ارميني آسوري، گرجي، ترڪ، خالص ايراني وغيره هوا. مختلف ٻولين ۾ صحبت ٿي ڪيائون ۽ اعليحضرت پهلوي ۽ ايران باستان ۽ پنهنجي پنهنجي معشوق جا

گيت تي ڳايائون. هو سپاهيڪ خوش مزاج ۽ کلمک تي لڳا پر عملدارن جي منهن پر خوف ۽ دلين پر هراس نمايان هو. ڪين معلوم هو تہ ڪرد شجاع آهن ۽ سرحدي جبلن پر ساڻن مقابلو ڪرڻ آسان ناهي. هتي اوچي جبل جي محفوظ اوٽ پر سرڪاري توپون ۽ طياره سندن ٿير باران اڳيان نڪما هوا. هرروز قتيلن جو تعداد وڌندڙ هو ۽ فوجن پر وحشت دامنگير هئي. جنگ جو مرڪز ارارات جبل هو جتي روس، ترڪيہ، ايران بغلگير ٿين ٿا. قديم روايت موجب جل ميءَ سمي حضرت نوح جي ڪشتيءَ لنگر هنيو هو.

انهيءَ سرحدي معاملي جڏهن ڇهن مهنن کان جنگ جو اگرو ۽ خطرناڪ روپ اختيار ڪيو هو جڏهن جي باهہ ترڪيہ ۽ ايران جي صلح پسند لوڪن پر واويلا مچائي ڏني هئي تڏهن جا ڪارڻ ڪهڙا هوا؟ منهنجي تقويم پر آقا سمڪو جي سوٽ سان برلن هوٽيل پر ملاقات جا ڪي نوٽ لکيل آهن جن جو تاتپرج هيٺيت آهي. آقا سمڪو ڪردن جو اڳوان هو ۽ سندس عيوضي ان وقت انگلنڊ ۽ ٻين ملڪن پر هوا. ايران پر سندس طرفدار سرڪاري چوڪسي هيٺ هوا جن مان مٿيون شخص هڪ مکيہ ماڻهو هو. هن شخص جي حڪايت

موجب ڪردستان ڪردن جو ملڪ آهي جنهن ۾ ايراني
يا ترڪي حڪومت کي دخل جو حق ناهي. ڪردستان
جا علائقا ترڪيه ۽ عراق ۽ ايران هيٺ آهن ۽ آغا سيمڪو
جي مراد آهي ته انهن کي گڏي خود مختيار ڪردستان
ٺاهي. ڪرد سني آهن ۽ صدين کان ايرانين سان وڙهندا
رهيا آهن. سندن ٻولي، لباس، مذهب، رهڻي ترڪن
۽ ايرانين کان نرالي آهي. ترڪ ۽ ايراني هميشه اسلام ۽
وطني تهذيب کان منڪر ٿي چڪا آهن ۽ فرنگي
آداب ۽ اخلاق جا حمايتي ٿيا آهن. هو چاهين ٿا ته
سندن ڳڙا گهڻا اسانجي سردارن مٿان حڪومت ڪن ۽
اسانجا خاندان تباه ٿي وڃن. جيسين هن جسم ۾ جان
آهي تيسين اسين ائين ڪرڻ ڪونه ڏيندا ون وغيره

طهران ۾ منهنجي امان الله شاه جي ڀاءُ عنايت
الله خان ۽ سندس عزيزن سان ملاقات ٿي هئي ۽ افغانستان
جي سياسي حالتن جي ڪجهه معلومات هٿ ڪئي هيم.
مونکي عين افغانستان جهڙو معاملو نظر آيو. فرق فقط
هي هو ته افغانستان ۾ مخالفين کي ٻاهرين جي جبري
مدد هئي جا ڪردن کي ملي نٿي سگهي. جنگ جو
مول ڪارڻ

١. مرڪزي حڪومت جي عالمگير اختياريءَ
جي مخالفت.

٢. قديم آداب اخلاق، مذهب جي جديد رهڻي ڪرڻي سان عداوت.

صاف ظاهر هو ته قديم جاگيرداري * طريقي جا حمايتي جي لوڪن جي جهالت، مفلسي، تعصب، تي ٽڪيا ٿي، جن جو اندرا قوم جي ذليل ۽ پست زندگيءَ تي منحصر هو سي مذهب، خاندان، قديم تهذيب وغيره جي صدقي پنهنجي مظلوم رعايا کي قربان ڪندا پر ترقي، انتظام مساوات † جي شاهراه تي ڪين ڪڏاچت ڪين آڻيندا. مون گهڻا ملڪ ڏٺا آهن ۽ انهن جي وچير پيت ڪرڻ جو عمدو موقعو مليو اٿم ۽ تجربي مان چئي سگهانٿو ته جتي اهي تباهه ڪندڙ شڪتيون آهن اتي ملڪ جو الله واهي آهي.

ڪمال کي لوزان جي صلح بعد پنهنجي ملڪ اندر اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻو پيو جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. هتي ڪافي جڳهه ناهي جو مان انجو وچور سان بيان ڪريان. هن جي خواهش هئي ته ملڪ ۾ نئين واءُ ڦوڪي ۽ نئين طرز عمل پيدا ڪريان. جيسين ملا شاهي زور هئي ۽ مذهبي خيالات جو ماڻهن جي من اندر واسو هو ۽ رئيس پنهنجي محدود دائري ۾ حاڪم هوا

---

* (Feudal)   † (equalitp)

ليسين سندس خيال عمل ۾ لئي اچي سگهيا. ان ڪري هن ڪو پورن ڪيو ته انهن کي ٿورڙي ليان. حڪايت لنبي آهي جنهن جي هن مختصر مضمون ۾ گنجايش ناهي.

سندس حياتيءَ جو مفصل احوال لعيدي وڏي کي معلوم آهي ۽ ترڪيه ۾ جيڪي سندس ماتحت ستارا ٿيا آهن تن جي سيني کي چاڙ آهي. منهنجي سمجهه ۾ ڪمال جي عظيم الشان خدمت جنهن لاءِ سندس نالو نه فقط ترڪيه جي اتهاس پر غلام ايشيا واسين جي دلين ۾ ياد رهندو سا انهن ٻن اصولن تي ٻڌل هئي. جن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي. پهرين ته هن محسوس ڪيو ته سندس ملڪ ڪنهن جبري ٻنڌتي، سياسي، اقتصادي انقلاب کانسواءِ ترقي نه ڪري سگهندو ۽ ٻيو ته اهو انقلاب زبردست جابر مرڪزي حڪومت کانسواءِ آڻي نه سگهبو. هن سمجهيو ته جيسين ماڻهن جا من قديم مذهب جي پابندين ۾ جڪڙيل آهن، جيسين ملڪ جو مالي انتظام فقط زراعت تي منحصر آهي، جيسين ڌرم ويڇ، علم وايج سوارٿ لاءِ لوڪن کي گمراهه ڪري ملڪ پائمال ڪندا، جيسين خانداني، ديني تفرقات آهن ۽ عورتون ۽ پورهيت ۽ هاري علم ۽ آزادي ۽ آسودگيءَ کان محروم آهن ليسين ترڪيه يورپ ۾

مريض بيماريءَ جي حالت ۾ رهندي. تنهنڪري هن ويچار ڪيو تہ ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي جنهن ماڻهو گذشتہ جي غليظ مغروريءَ ۽ رهڻيءَ ڪان اڪري نئين جيوت جي جوت پسن. انهيءَ هن عربي لپي ڦيرائي ترڪيہ کي عرب تهذيب کان ڇڏي مغربي سڀيتا سان متصل ڪيو ۽ مذهبي پيشوائن سان سخت انتظامي ورتاءُ اختيار ڪيو، عورتن کي برقعن ۽ ڪوٺن مان ڪڍي کليل هوا ۾ آندو، سڀني کي يڪسان فرنگي لباس پهرائي مسلمان عيسائي جا ويڇا وڃايا، شاهوڪارن سردارن جو زور ڀڳو، ڪارخانا کوليا، ريلون وڇيون بلڪ فرنگي ناچ گهر ۽ راڳ گهر کوليا ۽ ازين قسم طريقن سان قديم ترڪيہ جو جنازو قبر داخل ڪيو ۽ نئين جوان ترڪيہ پيدا ڪئي جنهن کي اڳي گذشتہ جي مظلوم ۽ مفلس حياتيءَ جي ڄاڻ آهي ۽ نڪي انهي ڄاڻ جي خواهش اٿس.

هي ڳالهہ جا هن اوائل ۾ محسوس ڪئي سا هئي تہ اهڙو انقلاب جو ملڪ جي صورت ڦيري ڇڏي ۽ ماڻهن جي روزاني زندگي بلڪ مغروريءَ ۾ انقلابي آڻي سو لوڪشاهيءَ جي رستي آڻي نہ سگهبو. ڪيس معلوم هو تہ لوڪشاهي هڪ اهڙو ضعيف ۽ بيهودو طريقو آهي

جڏهن ته حرفت باز، خود غرض ۽ ڪميڻا فطرت وارن
کي گهڻي ۾ گهڻي طاقت ۽ اقتدار جو موقعو مليندو. ڪيس
خبر هئي ته ڪڏهن به مذهب، ملڪ، سڀيتا جو بنياد
وجهندڙ هڪ ڏوکي ۽ شريف انسان آهن پر تڏهن ڪانيو ۽
ٿهيل نڪيل مال تي ڇاوا ڪرڻ وارا، پنهنجا نيچ ڪارج
سڌ ڪرڻ وارا ۽ انکي تباهه ڪرڻ وارا شخص پست
درجي جا انسان آهن جي لوڪشاهي ۾ هيٺ اٿي
پنهنجو قبضو ڄمائين ٿا. عام لوڪ جاهل آهن ۽ نڪي
ڪين اينترو علم آهي ۽ نڪي ڪافي فرصت اٿن جو سياست
سمجهن تهڪري چتر ماڻهون انهجي ناداري ۽ جهل
جو فائدو وٺي مٿن پنهنجو ڏاڪو ڄمائين ٿا.

لوڪشاهي هڪ اهو طريقو آهي جڏهن ۾ لکها احمق
پنجن سالن ۾ هڪ دفعو گمراهه ٿي پنهنجو گلو ڳڙنگن
جي هٿ ۾ ڏين ٿا. اشراف جي هٿ ۾ طاقت هٿ
اچڻ جو امڪان ڪونهي ڇاڪاڻ ته انلاءِ پئسو ۽ حرفت
کپي. ازانسواءِ اسيمبلي جنهن ۾ ٽي سؤ اپسوار ٿي ۽
مختلف شغلن ۽ مقصدن وارا شخص مهمو ڪن ويهي يڪي
هٿن تهن مان ڪڏهن به ڪارگر تجويز جو اڪلاءِ ٿيڻ
اسيرو آهي. هرڪا ڪبر پنهنجي ٽان ٽان ڪندي ۽
جيترا مٿا اوترا رايا. انهن حالتن هيٺ بيشڪ صديون

ڪٿي مائهن کي تربيت ڏجي ته به سيني کي يا گهڻن کي هر خيال ڪرڻ محال آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته طاقت جو اڏو يا مرڪز ٺهي جنهن ۾ روشن فڪر ۽ همدرد انسان ملڪ جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ رٿون رٿين ۽ قوت جي زور سان انهي يڪدم عمل ۾ آڻين.

ڪمال اها ڳالهه محسوس ڪئي ۽ پاڻ کي ان طاقت جو مرڪز بنايائين ۽ هيئنر جڳ جهان کي معلوم آهي ته هن ان طاقت وسيلي ڪيڏو نه انقلاب آندو، ڪيڏي نه قوم جي خدمت ڪئي جا لوڪشاهيءَ هيٺ صدين جي عرصي ۾ به نه ڪري سگهي ها. تنهنڪري اسان کي سندس بي نظير حياتي مان سبق سکڻ گهرجي، سبق جو اسان لاءِ بيحد ضروري آهي ته اسين جيڪڏهن سچائي ۽ صداقت سان چاهيون ٿا ته ترقي ڪريون، آزاد ۽ آسودا ٿيون ته اسان کي پهرين وڏي ۾ وڏي انقلاب لاءِ تيار ٿيڻ کپي، انقلاب جو اسان جي ثقافتي، مالي، مذهبي، سياسي جيوت ڦيري ڇڏي ۽ اسان جي اتهاس ۾ نئون روشن ورق ورائي. ان لاءِ مرڪزي اختياري ۽ طاقت پيدا ڪرڻ کپي ۽ جينوٽيڪ لوڪن کي تربيت ڪرڻ ضروري آهي، خيال جو ڦهلاءُ ۽ آدرشن جي اشاعت ضروري آهي پر ياد رکڻ کپي ته اسين پنهنجي اعليٰ مقصد ۾ مرڪزي طاقت کانسواءِ ڪامياب هرگز نه ٿينداسين ۽ اها طاقت انتظام کانسواءِ اچي نه سگهندي. اهو آهي اهم سبق **ڪمال** جي حيرت انگيز حياتيءَ جو.

جواهر لال

تازو جواهر لال کي ليکڪ اخبارن ۾ شايع ڪيا آهن. **جواهر** ليکڪ لکي ۽ سو به وري انهيءَ لسوع ۾ لکي سا نئين ڳالهه ناهي. هيلتائين ايترو ته لکيو اٿس ۽ ايتري ته کليل نموني لوڪن اڳيان تڪ تور، چمب چاڙهڻ ڪئي اٿس جو جيڪي سندس لکيتن کان واقف آهن سي سولائي سان اڳڪٿي سمجهي سگهن ٿا ته ڪنهن به مسئلي تي سندس خيال جو وهڪرو ڪهڙو رخ وٺندو. سندس ليکڪ هڪ قسم جو وڏي واکي سوچڻ، ويچارڻ بلڪ اوڳارڻ آهن. سندس آتم ڪٿا جا حقيقت ۾ گذريل ويهن ورهين جي راشٽريه آندولن ڪٿا آهي، تنهن مان سندس سياسي من جي اڏاوت جي گهڻي قدر خبر پئجي سگهي ٿي. انهيءَ دلي ۽ دماغي جوڙجڪ ۾ ڪي خوبيون ۽ خاميون آهن جن ملڪ جو ڌيان لهڻو چاڪاڻ ته جواهر ڪيترن جي نظر ۾ **مهاتما** بعد قوم جي ڪشتيءَ جو سڪان سمجهيو وڃي ٿو.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته سندس عبارت ۾ ڪي خاص وصفون آهن جي انکي دلچسپ بنائين ٿيون. سندس عبارت سليس، صاف، متڪلمي * آهي ۽

---

*Personal

Soorih Mirani

جڏهن گنڀير ويچار ۽ گرم جذبا تز الفاظ ۽ جملن سان ڪنهن
ڪيو تي نڪرن ٿا ته پڙهندڙن تي انجو جبرو اثر ٿي ٿو.
جيڪڏهن **جواهر** فقط ليکڪ، سمپادڪ يا سياسي فيلسوف
هجي ها ته سندس ليکڪ پڻهنجي ذاتي خوبي لاءِ پڙهيا
وڃن ها ۽ مصنفن ۾ سندس رتبو ممتاز شمار جي ها
سندس مضمون ۾ نه رڳو فرنگي شاعرن ۽ مفڪرن *
جو آواز ساڳي ٻولي ۽ ساڳين لفظن ۾ نمايان آهي پر
تقريبا ساڳيو روح ۽ جذبو پڻ موجود آهي جنهن ڪري
انگريزي ڄاڻو کي انهن فرنگي ادبيت جي زرخيز
گلستان جي قسمين گلن جي مهڪار اچڻ سبب وڌيڪ
لطف اچي ٿو. سندس خيال جو وهڪرو گنڀير، ماٺو ۽
اونهو آهي ۽ فڪري بلنديءَ سان گڏ عميق احساسات*
اُنس جي ڪمال صداقت ۽ سچائي تي مبني آهن.
سندس مضمون مطالعه ڪندي پڙهندڙ ڪڏهن نه خيال
جي طياره * تي سوار ٿي هماچل جي بلند چوٽيءَ تي
پرواز ڪري ٿو ۽ اتي جي نرمل ٿڌي هوا کيس راحت
۽ طراوت بخشي ٿي پر ڪڏهن نه بدهه انت اوڙاهه ۾
وڃيو پوي جت سندس دل انيڪ انسانن ۽ انديشن
جو حوض هڪندي، نراسائي ۽ شڪست جي اند وهگين

---

*Thinkers *Feeling *Air-plane

Soorih Mirani

دامن ۾ اڳي، مدهوش، مايوس، موٽي ٿي پوي ٿي.

نه رڳو ايترو پر ڪڏهن ته دل اداس ۽ غمگين ٿيو پوي ۽ اوچتو من تي ترندو اچي ته جواهر ڏکي انسان آهي. ٻيا به ڏکي آهن پر هن جو ڏک نرالو آهي. البت اهڙي ليکڪ سان تماشا، جي ميرانجهي وايو منڊل ۾ گڏ گهارڻ ڪي قدر مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته سست دل ۽ سست دماغ ڪنهن به مشڪل مسئلي کي سمجهڻ لاءِ جو محنت ۽ دقت ڪهڙي سو هموار ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هو خيال کان ولئن وڃن ٿا ۽ محنت ۽ اوجهائي جو ماڻهو مدهوش گهٽ آهي. ته جواهر مختي ۽ خوضي آهي ۽ ڪيس سمجهڻ لاءِ پڻ ڪجهه ويچار، ڪجهه امنگ، ڪجهه ڄاڻ جي ضرورت آهي. جڏهن وٽ اها پونجي آهي سو جواهر جي جابلو دنيا جو سير آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿو.

ته جواهر فقط مصنف ناهي ۽ اسين ڪيس فقط لکڻيءَ جي لحاظ کان ٿا پڙهون ليکن جي دنيا ۾ اٿاڻ ڪاڻهي ۽ خود هندستان ۾ ڪيترين اهڙا شخص آهن جن جا ويچار جواهر جهڙا آهن. اسين انهن ليکڪن کي انهيءَ نظر سان ٿا ڏسون ۽ اسانکي سندن لاءِ اهو قرب ۽ عزت ناهي جواهر لاءِ آهي. ان جو سبب اهو آهي جو جواهر ملڪ

جو نيڻا آهي ۽ سنڌس هم وطن منجهانس رهنمائي جي اميد رکن ٿا. اسانجي ملڪ ۾ اهڙا وڏا اڳوان ٻڻ جهڙا آهن جن مان ڪي ليکڪ آهن ۽ ڪي ناهن جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ اڳوانيءَ جو مادو آهي پر ليکڪ ناهي ته اها ڪا هرو ڀرو بدنصيبي نه چئبي. دنيا جا ڪيترا مهاپرش انهيءَ فن کان محروم هوا ۽ هيئر به ڪيترائي اهڙا مثال لڀندا. رضا ۽ **ڪمال** کي علميت جو صاحب چوڻ مشڪل آهي جيتوڻيڪ سندن طبعي علم نسبت سوال اٿي نٿو سگهي. علميت جا ڪتابن مطالعه ڪرڻ مان حاصل ٿئي ٿي اها نوع ۽ رنگ طبعي علم کان گهڻي قدر نرالو آهي. مثلا **هٽلر، مسوليني ۽ استالن** لکي پڙهي ڄاڻن پر سندن تحرير ۾ اها ساهتڪ سگهه ۽ ادبي هنرڪار ناهي جا جواهر پنهنجي عبارت ۾ پيدا ڪري ٿو. انهيءَ جي معنيٰ اها ناهي ته جواهر انهن مذڪور شخصن کان ٻرڪ آهي. سهڻي ۽ سوچ واري مضمون لاءِ وقت ۽ اڀياس کپي جو مٿين ڪرم ويرن ۽ ڪار پردازن لاءِ ميسر ناهي.

اسانجي ملڪ ۾ ننڍڙو ڦڙڪو اڳوان ايترا ته آهن جو جيڪڏهن ڪن جي اندر اڳوانيءَ جي پيشي لاءِ نفرت پيدا ٿئي ته عجب ڪولهي. هر پرانت ۾ ڪنهن سڌڙيا اڳوانيءَ لاءِ آتا آهن جي هر تحرڪ ۾ ڪتب جي ڏاڻي

پنهنجيون ماڪوڙين وانگر اچو ڳڻ ٿيون. سستي ليڊري جي
ماليخوليا ايتري وڌي ويئي آهي جو ملڪ ۾ بدانتظاميءَ
۽ بي شعوري روڪڻ لاءِ ڪنهن خاص علاج جي
ضرورت ٿي ڏسجي. پر اهو علاج اثرائتو ٿي نه سگهندو
جيسين شان، رتبو، طاقت فقط انهن کي نصيب ٿي
سگهي ٿو جي ڪنهن مهاپرش کي ”انڌلي ڪي ٽيڪ“
ڪري ڪم آڻين ٿا. انڌ شرڌا ۽ وشواس عقل ۽ تميز
لاءِ قاتل آهن ۽ مڙس کي موڳو ۽ مڇو بڻائين ٿا. البت
ڪنهن به وڏي ڪم لاءِ سهڪار جي ضرورت آهي ۽
جيڪڏهن هرڪو پنهنجي هوڏ يا ضد تي بيهندو ته
ڳالهه ڳالهائي نه سگهندو. تنهن ڪري عاقل کي حالتن
۾ هم خيال نه هوندي به سهڪار ڪري ٿو جو نه ڪي
انڌ وشواس ۽ نه ڪي ڪم عقليءَ جو نتيجو آهي. گهڻو
ڪري ڏنو ويو آهي ته عاقلانه شراڪت يا سمجهو
سهڪار ۾ جو هوش ۽ همت ڪپي سو ڪن ٿورن ۾ آهي.
پر افسوس هن ملڪ ۾ هر اڳوان پوئلڳن جو خواهان آهي
۽ همڪار، رفيق، سهڪارين کان ونءُ ٿو وڃي. آشڪار
آهي ته جواهر اهڙي ڏڻ جي رڳ ناهي. هو سهڪار
ڪري ڄاڻي پر پوئلڳي، مريدي مور نه ڄاڻي.
جيڪڏهن سندس سڀاءَ جي اها پرکڻي صحيح آهي ته

جواهر جو آئينده روشن نه ڏسيو ڇاڪاڻ ته اسان وٽ
اڳوان ۽ پوئلڳ ڪانسواءِ ٽين قسم جي جنس لاءِ جاءِ ناهي.
انهيءَ لاءِ ڪي ٻه سبب آهن. سندس قول
موجب ڪو اڪيلو ئي پوري پوئلڳي ڪري نٿو سگهي ۽
ٻئي وري ڪن حالتن سبب اڳواڻي ڪرڻ لاءِ تيار
آهي. ممڪن آهي ته مهاتما سان جگري عقيدت سبب
سندس آڏو اچڻ نٿو گهري يا سياسي نقطه نظر کان
مخالفت ملڪ لاءِ تو هاڃيڪار سمجهي يا ماٺ ۾ پنهنجي
سياسي آئينده جي سلامتي تو سمجهي. شايد ٻهريان به
سبب ساڻس لاڳو آهن ۽ سندس روش ۾ شخصي فائدي
يا نقصان جي ڳڻت ۽ اون ڪانهي. ۾ جيڪڏهن مهاتما
ميدان ۾ نه هجي- هر ڪو هميشه جيئرو ڪونه رهندو.
۽ مسٽرس پٽيل، آچاريه بوس وغيره همراه ٿي ڪيس ڀڳو تا
ٻهرائين- جو البت مشڪل پيو لڳي ۽ شايد غير ممڪن
ٿي پوي. ته جواهر اڳواڻي ڪندو؟ سندس ليک جي
سندس خيالن، جذبن عقيدن، علم جو اظهار آهن ان
جي پڙهڻ مان اليڪ انومان اٿن تا جن تي ويچار ڪرڻ
واجب آهي.

هڪ ته هو وڏي واڪي ويچارڻ اوڳاڙڻ سکيو آهي
جو ڪيترن هڏن هٺيليت جي خود ڪلامي وانگر پيو ٻاسي.

ايتري جـود ڪلامي ۽ ايڏو آواز شايد مصنف ۾ مفيد هجي پـر هڪ سياسي ليڊر ۾ انهي ايڏي پشماني تي موجودگي انتظاريءَ جو باعث آهي. گهڻو خوض ۽ خفت عمل جي شمشير کي مٺو ڪيو ڇڏي. جيڪي خيالي آڪاس ۽ پاتال جي پرتال ڪن ٿا، فڪري گرداب ۾ ٻڏن ترن ٿا ان جا پير پٽ تي رسڻ مشڪل آهن. پر ليڊر کي نہ رڳو زمين تي محڪم ۽ سالم ۽ اڏول تي بيهڻ جي ضرورت پر غليظ مفلس، مورکہ قوم جي خيالن ۽ ضرورتن کان آگاه ٿيڻ لاءِ حاذق حڪيم وانگر انهي نبض تي هٿ رکي مريض جي حالت پرکندر دوا درمل ڪرڻي آهي. ان لاءِ حڪيم ۾ نہ فقط حڪمت ۽ سرجوشي کپي پر ساڳي وقت مڇهس تورت ڪڏهن نتيجي ۽ فيصلي تي پهچڻ ۽ انکي عمل ۾ آڻڻ جي لياقت کپي. ليڊر جو ڪڏهن فيصلي تي نٿو پهچي يا پهچي فيصلي کي عمل ۾ آڻڻ کان گوتاهي ٿو ڪري سو انهيءَ جوتشي وانگر آهي جو ليشت ۽ سريشت گرهن جي پر سپر وروڌ جو چٽو بيان ڪري ٿو پر آکر ڏيو ۽ ڏنيمہ شڪتين جي مخالفت جو مريض تي ڪهڙو اثر ٿيندو ۽ انکي بچائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ ان کان عاري آهي. اهڙي شخص کي ملڪ جو مربي ڪرڻ گويا

ڪشميرءَ کي ڪيپٽان ۽ سڪان بدران طوماليءَ سمجهڻ جي
ڀورن ۾ چڙوائڻ چاهيو آهي.

ٽازو ڪي مثال پيش آهن جي جواهر جي هٺيليءَ
روح جي ثابتي ڏين ٿا. يوپيءَ ۾ گهڻو وقت کان ڪن
جي شرارت سبب فرقيوار فساد ٿيندا اچن. اتي جي
ڪانگريس سرڪار جي پاليسي تي جواهر کي تقريبا مطلق
فوقيت ۽ اختيار آهي. پر فساد بند ڪرڻ لاءِ جابر نيتي
اختيار ڪرڻ ۾ جواهر کي ڪي مهينا رڳو فيصلي ڪرڻ ۾
لڳي ويا. انهيءَ وچ ۾ وٺاءُ وڌندو ويو، شيطاني شڪتيون
زور پڪڙي ويون، سون کي جان مال جو نقصان پهچي
چڪو پر هندي ڳڻ ڳوت ڪنهن نتيجي تي پهچي نه
سگهي. ونو مثال سباش جي چونڊ جو. سندس بيان
جيتوڻيڪ ڏهه ٻه سان شايع ٿيا آهن ته به هو ڪنهن قطعي
فيصلي تي پهچي نه سگهيو آهي. فقط ايترو معلوم آهي
ته کيس انهيءَ ڏر ۾ عيب ثواب نظر اچن ٿا پر......
پر... پر نيمله ڪهڙو رخ ونجي سو نامعلوم آهي. ٿهڙي
ريت هو هيئنر رياست پرجا ڪانگريس جو صدر آهي ۽
کيس مهاتما جي اختيار ڪمل نيتي پسند ناهي. صاف
آهي ته هو ان پاليسيءَ جي اکتا چيني ڪري ٿو،
مهاتما جي روش تي اعتراض وٺي ٿو پر بدبخت رياست

پرجا جي رهبري کان ناٻري واري ويٺو آهي. سياست جي ميدان ۾ جتي وروڌي شڪتيون خونخوار جنگ ۾ مشغول آهن اتي همت ٻڌي ماڻهو ڪري وهڻ گناه عظيم آهي ۽ هيئر جواهر پنهنجي ذاتي جوهر، عقيدي عقل خلاف ڪنهن به قدم کڻڻ کان ناٻري واري آهي. هو ڪانئر ناهي. سندس حياتي انجي شاهد آهي پر سندس ضمير جو اوالين شڪتين جي مڃهائيندڙ پيچيدگين کي سنگين ڪرڻ ۾ رڌل آهي سو ڪيس همت پير چورڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ازانسواءِ لوڪشاهيءَ ۾ سندس بي حد اعتقاد زماني جي رفتار خلاف آهي ۽ ڪيس اڳوان ٿيڻ عيوض احمقن ۽ خود غرضن جي قدم ۾ قاسائيندو جتان وات لهڻ مشڪل ٿي پوندس. مونکي ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جواهر ان شخص وانگر آهي جو دور کان گوڙ گهمسان ٻڌي ٿو ۽ وڌندڙ ويڙهه، وچڙندڙ باه جي تپش مڃهس گرمائش ۽ جنبش آڻي ٿي ۽ هو انجي اثر هيٺ ميدان ۾ ٽپي پوڻ لاءِ آماده ٿئي ٿو پر وري يڪدم ڪيس خيال حالتن کي سمجهڻ، ڌرين کي جاچڻ، لياءَ ۽ انياءَ جي تڪ تور ڪرڻ لاءِ روڪي ٻهاري ٿو ۽ جواهر جوڌي جوان وانگر جهٽو کڻي ڪاهي پوڻ عيوض ڪنهن چنڊ جي ڇپيت لڳل فيلسوف وانگر پنهنجن پورن؟

ٻڌڪين ۾ غلطان ۽ ويچار ساگر ۾ غوطا هڻندو ڏسجي ٿو.
انهيءَ وچ ۾ ٻاهه جا اُلا آسمان کي لڳن ٿا ۽ حياتيءَ ۾
هڪ اهڙو لپ موقعو، هڪ شاندار وجهه سندس آڱرين
جي وٿين مان وهي وڃي ٿو. انهن برابر آهي ته مسئلا
مشڪل آهن ۽ جهونن ساٿين سان وفاداري اڪثر
اندروني عقيدي جي ڇڪ جي آڏو اچي سندس لاءِ
مشڪلاتون پيدا ڪري ٿي. ٻيو ليڊري ڪنڊن جو بسترو
آهي ۽ جنهن حالت ۾ ليڊر ٻي طرفدار ٿي نٿو سگهي
تنهن حالت ۾ پاسي ورائڻ ۾ جو عذاب جو امڪان آهي
تنهن کان ڇرڪڻ نه کپي. **جواهر** ۾ اميد لاهڻ واجب
ناهي هيلتائين هو سنو سولجر ۽ سهڪاري ٿي رهيو آهي.
منجهس مٽيا آهي. انهيءَ مٽيا جي آڌار تي هو سڀ
وطن بڻيو آهي ۽ دنيا جي علمي، اخلاقي، سياسي
مرڪزن ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو اٿس. گذريل ويهن
سالن ۾ **مهاتما** جي پورڻماسي چنڊ ڪئين ڪيئون ٽيڙو
جهڪيون ڪري ڇڏيون آهن پر **جواهري** جوت ان
هولڊي ۾ ديسان ديس ڦهلجي وئي آهي. انهيءَ جو
ڪارڻ اڪي **پنڊت موتيلال** جهڙي ثروت مند جي
گهر ۾ جنم ۽ اڪي انگلنڊ ۾ حاصل ڪيل اعليٰ علم ۽
نڪي ورهين جا ورهيه وطن خاطر جيلن ۾ سڙڻ ٿي
سگهي ٿو.

هندوستان ۾ ڪيئن شاهوڪار، ملڪ راڄائون ۽ نواب
آهن جي **جواهر** جي پدويءَ لاءِ جهڳڙ، سگهن. قربان
ڪرڻ لاءِ تيار ٿين. اهڙي ريت اعلىٰ تعليم يافته
ماڻهن جي به ڪمي ڪانهي ۽ انڪي ملڪ لاءِ سور
سختيون سهندڙن جي اڻاڻ آهي. پر **جواهر** ۾ جا ذاتي
مطيا آهي، جو جوهر آهي، يا ٿوري ۾ مذهبس جو چرتو
آهي سو ملڻ محال آهي. انهيءَ سبب هو دنيا ۾ برک
ٿيو آهي ۽ وڌيڪ ٿيندو. هو لئين روشني، لئين
سمپنا، لئين ذهنيت ۽ لئين اخلاق ۽ اڳام جو علمبردار
آهي. جيئن قدامتي ذند، مذهبي ۽ قومي غبار، واڄوڳ
۽ واڇا، جنگ و جدال جهڪا ٿيندا تئن **جواهر** جو ستارو
وڌيڪ ۽ وڌيڪ چمڪندو. پر هي شڪ گمان، هي
الومان ۽ انديشا بط تي بنياد اهن. شل اهي سچا ثابت
نه ٿين ڇاڪاڻ ته اسانجي قومي دنيا ۾ اڄ **مهاتما** ڪانسواءِ
جواهر جهڙي ڪا هستي ڪانهي ۽ ...... ؟ ...... ؟
مهاتما هيمڙ پيرسن آهي، نبل آهي، ناخوش آهي.

ڪنور

چارئي چوري چنگ کي جڏهن وڄي وڄايو،
شهر سڄو، اي معگتا، تڏهن جي ٿڌڻ نيايو!

۲ نومبر ۱۹۳۹ع سنت لاءِ ماتامي ڏينهن هو. اڳين رات رُڪ اسٽيشن تي هڪ اهڙو واقعو ٿي گذريو هو جنهن جي ڀيٽ فقط ڀونڪمپ سان ڪري سگهجي ٿي. ڪکائين باهه وانگر خبر ڦهلجي ويئي ۽ ملڪ حيرانجي ويو. ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين دلين کي ڌڌڪو آيو ۽ بي اختيار اکين مان لڙڪ لڙي پيا. گهرن ۾ واويلا ۽ گهٽين ۾ هٽ تاڙ ٿي. هاري هر، مزور تغاري، واڻيا ترازي ڇڏي، مٿي ڀرين اگهاڙا ماتامي جلوس ۾ اچي شريڪ ٿيا. ڪن پاڻ رڪايا، ڪن نوجل واري، ڪن مٿا ڪوٽايا. اهڙي عالمگير عبرت خيز ڏک جي لهر هن ملڪ نه ڪڏهن ڏٺي نه سٺي.

هن کان اڳ ملڪ ۾ ڪيترين دفعا سياپو ٿيو آهي. ڪيترين امير فقير، محب وطن جانباز راهه رباني وڃي ويا آهن. هڙتالون به اسهيوگي اندولن بعد عام جام ٿيون آهن پر جو جگري جولان، غم جو طوفان هن واقعه سبب

ازخود نمايان ٿيو، سو بي نظير بي مثال آهي. اهڙي مظاهره کي خاص اهميت ڇٽي ڇاڪاڻ ته انجو تعلق انساني دل سان آهي. انهي ڪاميابيءَ لاءِ نڪي آهي اخباري پرچار ۽ پوسٽر جي ضرورت، نڪي ڇموٽي ڦٽڙ سان بلند آواز رنيءَ جڙتو جوش ڦوڪڻ جي حاجت.

ذرا سوچيو! هيڏي همدردي، هيڏي واويلا ڪنهن لاءِ؟ هي شخص جنهن لاءِ هندو مومن زار زار رنا، جنهن لاءِ ڀاولپور رياست جي سنڌ پور ڳوٺ جي پير ۽ غريب مسلمان هاري هڪ ٻئي سان لنئون ڪٽي وڙهيا، جنهن جي چڪيا تي جام، لنڊ، بوزدار جاگيردارن لونگيون موڪليون، جنهن جي عزا پرسيءَ تي رهڙڪيءَ جي نا معلوم ڳوٺ ۾ هزارين شخص شمشان ڀوميءَ ۾ آيا، جنهن جو فوٽو سنڌ جي سوين گهرن ۾ رام، ڪرشن ۽ نانڪ جي مورتين جي وچ ۾ براجمان آهي، سو ڪير هو؟ ڪير هو اهو شخص جنهن جي آواز جهڻڻ لاءِ هيئنر به ڪمي ڪوڏر رڪي ۽ ٻروچ ڪهاڙيءَ جي ڳن تي ٽيڪ ڏيئي، ٻاٽ وساري، بازار وچ ”ڪٿي ريجهايان توکي ڪٿي پرچايان“ جو رڪارڊ وڏي قرب سان ٻڌي ٿو؟

هو هڪ غريب پورهيت هو. مسڪين ڪٽنب ۾ ڄائو ۽ مسڪيني زندگي گذاريائين. سنڌ جنم ڏوهل

جي ڏيس ۾ ٿيو جت زمين پلي، ملڪ موچارو آهي.
سوين ميلن ۾ ڪڻڪون بيون لُڏن لمن، پنارئون پيون
گهمن ڦرن ۽ چٽون ڇيها پيا چونگارن چڳن. لاڙ جي
پٽ ۾ هن پٽ جا ماڻهو سگهارا، هيڪل وارا آهن.
گيرو پوتڙو، مڙسارا مڄلو اوڍين. هٿڙ ۾ چار ڏوڪڙ
هوندن ته شيل شادمانا ويل شلوار ٻي ڪيندا. سونهاري
ڇيڏائڻ ۾ عار ڪو نه ٿين ۾ کوڙائڻ کان ڪيٻائين. پڳون
ٻه ٻروچن کان جان ٿان هلڪيون اٿن. حقو هٿ ۾، ڪوڏر
ڪلهي تي، الله توهار ڪري ڪم تي اسهندا. هندو
مومن جي وچ ۾ گهڻو فرق ڪونهي ڇاڪاڻ ته هتي جا
هندو ٻه پورهيت محنتي مڙس آهن. ڪوڏر تغاري
کڻڻ ۾ هڇڪ ڪا نه ٿين. سنڌ ۾ پڳڙي جا حيدرآبادي،
لاڙي، شڪارپوري کان نرالي جنس جي آهي سا ڪن
خاص موقعن تي پائين. ٻيهڪ ۾ پارسي ٽوپيءَ جهڙي
پٽي لڳي. وچون اوٺي توهو ۽ نراڙي مڇو شايد
کهاڙيءَ جي ڏک جهلڻ لاءِ نهيل آهي. هيڏانهن وٽ
ڪڇ زمين آهي ۾ وڏا زميندار بوزدار، لنڊ، ڄام
آهن. ڄام **فتح محمد** کي اباوڙه تعلقه مان اڳاڙيل
ٻيل تي اتوگ ملي. مڙس مانجهي ۾ خيال عجيب
اٿس. عمارتون نهرائي اڏوريون ڇڏي ڏي. خير جي

ڪن ڏانهن لاڙو اٿس پر تغلقي رڱ ڇڪي اٿس. چوڻتا ٻارهين ڪوهين ٻولي پندرهين ڪوهين پوشاڪ ڦرندي آهي. ريل ۽ درسي ڪتابن اها ڪجهه ڪي قدر ڪسي ڪري ڇڏي آهي پر تنهن هوندي به اُتي جي ٻوليءَ مان ان جي تصديق ملي ٿي. هيءَ ٻولي پنجابي ۽ سرائڪيءَ جي سڱ پيٽا آهي. اسين جتي آهيان يا آهي ڇٺون اني هي مختصر "هان" ۽ "هي" ڪم آڻين ۽ لفظ جي وچارو "ن" ڪاٽي، پهرين پد تي زور ڏئي باقي پڇ وهايو ڇڏين. مثلا "گهمدو هان" ۽ "ڪردو هان" ۽ "پڇسو ڇوڳي جو سندو ويچ مان انين تگدو هان." اُتي جي لغت پڻ لهي ڪان ڪي قدر نرالي آهي. "سمدائين اِتي پوڏي ٿي ٽيڙ (ماڪ)، اَڻ چڙهيا ٿي چڙهه وڃي" (ٽپ ٿي پوي). "ڳنڍر (ٻڪوڙا) پڇي (مرمـلا) ڏيو ٻن" "ٽرامي (پاڻــي) گهن وڃ، مولي ڳن آ، ڳنلا لو ڪا، ڳنلا پئن ڪوڏي، ڇست ڏي ماڪون" (ڇست = ٻاڙ)

اهڙي ملڪ جي هڪ نا چيز نا معلوم ڳوٺ ۾ سندس جنم ٿيو، جت جڳت جا وهڪرا ۽ تمدن جون لهرون پهچي لئيون سگهن. شايد هڪڙي ڪڏهن پري ڪان سمنڊ

جي گهگهي گجگوڙ وانگر جرمن جي جنگ جو پڙلاءُ
پوندو هجي نه ته هت ٿر جي ريگستان ۽ ٻيهي ٿان هاريءَ
جي هڪل بغير بلڪل اڻت خموشي آهي. سياويڪ
هتي جي جيوت سادي، پورهيت، ۽ ميٺي آهي. ماڻهون
کي نڪي موقعو آهي ۽ نڪي منجهن اهڙي قسم جو
خيال اڀري ٿو ته شهاب وانگر شرڙاٽ ڪن يا آتش
خيز انقلاب پيدا ڪن. پر جيئن پر پٽ ۾ اتفاقاً سهڻا گل
ڦٽي پيا آهن تيئن ڳوٺن جي مفلسي، جهالت، وحشي گري
مان ڪڏهن ڪڏهن نفيس گل نڪري اچي. **ڪنور** هڪ
اهڙو ڪنول هو. سندس حياتيءَ جو داستان سندس
محيط مطابق مختصر ۽ معمولي آهي. ١٨٨٥ع ۾ بقال جي
گهر جروار ۾ ڄائو. ٻه دفعا پورهيو پار ڄڻيائين، وڪر
وڪيائين ۽ آخر پنجونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ رڪ اسٽيشن
تي گوليءَ جو شڪار ٿيو. چوندا ته سندس پيءُ **تارارام**
کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. پير فقير پڇيائين، آڪنا
وڌائين، باسون باسيائين. نيٺ ڀڳت **ستراهداس** جي
آشيرواد سان ضعيف نبل پٽ ڄائس جنهن تي نالو ڌريائين
ڪنور. هو سندس اکين جو تارو گلي جو هار هو پر
درويشن جي سوغات پاڻوت امانت سمجهي گرن ڪسي
ارپي ڇڏيائين. ڪن سالن بعد ٿي سؤ روپيا پيدا ڏيئي

ٻانهن واپس ورتائين. صدق سمجهو يا سمسو، پر ڳرن ۾ اٿل وشواس هڪ وڏندڙ وهم آهي جو فقط ڳوناٺن ۽ اڻ پڙهيلن تائين محدود ناهي. هر حال تارا رام جي پرم ڪنور جي هردي ۾ سترامداس لاءِ اهو ڀاءُ اٿڻ ڪيو جو دل پگهاري ۽ دماغ رچائي ڇڏي.

رهڙڪيءَ جي ڏيوريءَ ۾ هڪ تصوير آهي جنهن ۾ سترامداس، ڪنور، روزهي جو عڪس کينچيل آهي. رهڙڪي سترامداس جي جنم ڀوم ۽ ڪنور جو ڳرستان آهي. اها تصوير سترامداس جي ڀوهه جوانيءَ جي آهي. لاغر، سروقد، گندم گون، حسين، تيز فهم پيو لڳي. سندس عقابي اک ۾ بجليءَ جو چلڪاٽ آهي. ڇيرولي پڳ جي آڏي بيهڪ، هلڪي لسڙيل مڇ، نفيس رؤش مان ظريف، رسڪ، آرٽيسٽي طبيعت جا اهڃاڻ پيا ٻکن. چوڪر پناٽڪا پيا لڳن. چولو ڌوتي ۽ واٽڪي ٽوپي اٿن. ارميني، قفقازي، ايراني ٻار توڙي وڏا اها ٽيڙ ٽوپي شؤق سان پائيندا آهن. ڪنور کي ۽ اها ٽوپي پيل آهي. ڪيس ڏاڍي ٽي سونهين. سندس اکين ۾ حجاب ۽ حلم پيو ٻکي جو وڏي هوندي بدلجي نماڻو خمار ٿي پيو. ڏاڍي ڪا اندر ۾ اُکير اٿس جا وهين کان وڇڙيل دل گهوٽي لاءِ پئي واجهائي. اهـو

اک جو ٻول ۽ ٻهڪ ڪنيهندڙ ۽ چڪيندڙ آهي. سنڌس پيار پوپٽ وانگر هٿ هٿ ليٿو پائي واس وٺڻ وارو ناهي پر درياهه ۾ غوطا هڻي سڄ تيڻ جو پياسي آهي. شايد نعي پڻ ۾ جڏهِ ماڻهن ۽ محيط جا اثر سياءَ ۾ جذب ٿين ٿا تڏهِ هن محبتيءَ جو عقابي اک سان عشق اڙيو. اهڙو ته ان تي اکن چڪن تي پيو جو پنهنجي هستي وڃائي پاڻ کي هن سان لين ڪري ڇڏيائين. **سترامداس** ڪالڻس وڏو هو پر سنڌس دل جو سردار هو. هن عاشق صادق جي محبت اهڙي اڏول هئي جو جڏهِ پوريءَ سنڌس معشوق جي محبوبي مهانڊي سان وٺل وڌايا ۽ ساڻ پڻي چپر ڏاڙهي، اگهاڙي ٽنگ ۽ روڏ پٽو آندو تڏهِ به زنده پير جي جوت وانگر **ڪنور** جو قرب دائما ٻهڪندو رهيو.

هن پنهنجي پريتم لاءِ ڇا نه ڪيو؟ **سترامداس** جي ديهانت بعد سنڌس سماڌ کي ڪاشي بڻايائين، سڄي عمر اُني قول ڇاڙهيائين، ته رمسال اڏ يائين، لولن پنگلن جي رهايش، کاڄ خوراڪ جو اتي بندوبست ڪيائين ۽ آخر ۾ شمشان ڀومي ٺهرايائين جت ڀورين سنڌس ارٿي جو سنسڪار ٿيو. سدائين **سترامداس** جا گڻ گائيندو هو ۽ پگتين ۾ ماڻهن جي گهرن تي ڪن لاڻار

ڪري سندس مهما جو گيت اپار يندو هو. ڪئين
شاهوڪار امير ڪيس پيغيت لاءِ سڻائيندا هوا. هزار آڇيندا
هوس. پر **سترامداس** جي پاڻي **روڙهارام** جي
اجازت ۽ ڏيوريءَ جي درشن بنا مُور پير نه کڻندو هو.
راڳ جي ڏاس، غريب پروريءَ، نهٺائي سندس تيج
پيچ جي چندرما وانگر وڌايو ۽ لوڪ ڪيس سندس
فوتي پيشوا ڪان برڪ سمجهڻ لڳا پر هن درويش جو
ڪند دوست جي در تي سدائين جهڪيل رهيو.
تحقيق **ڪنور** جي حياتي پنهنجي محبوب سان يا عمر
وفائي ۽ جان نثاري جو هڪ بي نظير مثال آهي.

ڪنور غريب پورهيت جو پٽ هو پر داتار ڪيس
گنج ڏنا. پيغيتن مان لک ڪمايائين پر هڪ ٽامي جي
پائي پاڻ تي نه خرچيائين. وڪر وڪڻي روزگار ڪندو
هو. رت چڪو ڏئي پيٽ چڪو وٺندو هو. پر ما رت
جو پئسو سوا رت بلي لڳائڻ مهاپاپ سمجهندو هو.
پيغيت جي ڪمائي پاڻ تي خرچي ها ته ميار ڪانه هيس
پر اهو ناڻو امانت سمجهي غريبن کي وراهي ڏيندو هو.
کوهيون کڻائڻ، نياڻين جا ڪارج ڪرڻ، اندن مندن
جي آجيوڪا لاءِ پربند ڪرڻ، گئو شالائن کي سها يتا
ڏيڻ فرض سمجهندو هو. ڪيترا هندو مسلمان ڪٽنب

سندس ڏاڍن تي پليا هوا. مسلمانن سان ايتري محبت هيس جو وڏ وڏيرا گهڻو اختلاف نبيرڻ لاءِ وٽس ايندا هوا. هندو مسلم اتحاد جو مجسم هئڻ سبب گورنر ١٩٣٧ع ۾ کيس لونگي عطا ڪئي. غريب مسلمانن جا قرض لاهيندو، ڪورٽن مان کيس ڪڍائيندو هو. چوندو هو ويچارا زميندارن جي ٻنين ۽ شاهوڪارن جي وياجن ۾ پيڙجي رهيا آهن، وڏيرن ۽ سيٺين سان مٺ محبت جو رستو هوس ۽ شاهوڪاري زميداري سوشلزم جو حامي نه هو. کيس معلوم هو ته دولت مند جي دماغ ۾ حضرت فلوس ۽ آنڊن ۾ ابليس جو اڏو آهي. البت سندس علاج قديم ڍنگ جا، اڻ اثرائتا هوا. پڳڻين ۾ ٻڪيا مڱندي شاهوڪارن کي چوندو هو ته ”شاهوڪار آهن ڪڏ جني آسپاس جو ميٺهن وارو پاڻي اڇيو ڪنو ٿئي. دوستو ڏاڍن آهي نيسارو سو جي نه وهندو ته ڪڏ اڇي پٽ پوندو.“

ڪٺي ۾ پيگت لاءِ ويندو هو ته اٽڪل سوا سو لولا پنگلا همراه ڪندو هو. سندن ڀاڙا خرچ گهرائڻ وارا ڀريندا هوا. ازانسواءِ آس پاس جا ٽي چار سو پينو ۾ اچي ڪنا ٽيندا هوا. بعضي ته اهي پيدو سوڻ جا چڪ وجهي، گاڏين ڏٽي کيس تنگ ڪندا هوا. پر هي يار

سدائين همت ٻڌي ليلائي چوندو هون ته ”مان غريب ٻالڪ ميٿي ۾رڇ وڪٽان سو اوهانکي سؤ ڪٿان ڏيندس. جيڪي اٿم سو اوهانجو. جيڪي حال حبيبان سو پيش پريان.“ ائين آزي نيزاري ڪري خوش ڪندو هون. ائين ڪرڻ سان ڪوبه سوالي وٽانس هٿين خالي يا رنج تي ويندو نه هو. ڪي ڪٽر هندو کيس مسلمانن کي ورسائڻ کان روڪيندا هوا ته هي چوندو هون ”سائين سڀن ۾ هڪ آهي. وٽس ٻيائي ڪانهي. غريب آهن، ڪنگال آهن، سندن حق پهرين رکبو.“ ڪڏهن ڪڏهن سڌارڪ اچي مٿس بگڙندا هوا ۽ مهڻا ڏيندا هئس ته اهڙن لفنگن کي تو حرام تي هيرين ته هي نماڻي ڪچلدار اک ڪڍي چوندو هون ”مان ڇا ڪريان لاچار آهيان. ڪند تي اچي تو وهي الله ۽ حڪم تو ڏي. سو ادا، هي ڪميٽي ڪير جا امر کي آڏو اچي.“ هن قسم جي ٻيا پيد شفقت ۽ غريب پروري تي نکته چيني ۽ طعنه زني ڏسي ٻڳت وجهڻ کان ڪٻائيندو هو ۽ شاهوڪارن کي عرض ڪندو هو ته هو کيس گهرائڻ جو خرج ڪڏهن عام ڀلي ۾ لڳائين. پر سڌڙيا درسن جا پياسي سي اهو ڪٿان ٿا قبولين.

ڪنور نه ڪڏهن گيڙو پاتو، نه ڪڏهن چوڙو
چاڙهيو پر سڄي عمر نرليپ، نرموهي ٿي رهيو. دکي
انسان جي شيوا سندس ڌرم هو ۽ اپاهڄن، مريضن، ضعيفن
جي خدمت کي عبادت ڪري ڄاڻندو هو. رهڙڪي
۾ انڌن مڌن جي دوا درمل پاڻ ڪندو هو. سندن
ڳورو پيشاب ميڙيندو هو. جيڪڏهن هو ڪاوڙبا هوا ته
ليلائيندو، ريجهائيندو هون. هينئر ۾ انهن مان ڪيترا
اڃا موجود آهن. سندن پراڻين رلين، اگهڙين سان تقيل
سوڙين، ميرن ڪپڙن، سڪل ماندن مان پراڻين سمبه
جي ڌرمي مٽ جو واپو مدبل پيو ٻڪي. انهن چوڏهين
صديءَ جي پڙهيل کي **ڪنور** لاءِ از حد قرب آهي. هو
سندن آرا انگل ميچيندو ۽ پنهنجن ٻچن وانگر سنڀال
ڪندو هو. چوندو هو ”ادل، من مٺان موچڙو هڄي.
اسين انهن صدقي ٿا ٿيون.“ سندس همدردي ماڻهن
تائين محدود نه هئي. اتفاقا ڪولي ڪاغذ تي اڃي
ويندي هيس ته لکڻ کان قلم کڻي روڪيندو هو
جيسين مرضيءَ مطابق هوءَ اتان لنگهي وڃي. ماڻهن جي
اوڻاين ۽ عيبن کي ٻه ڪرڙي نگاهه سان ڪين ڏسندو
هو. ڏاتار انساني دل اندر ليئو پائڻ، ٻين جون تڪليفون
محسوس ڪرڻ جي ڏات ڏني هيس ۽ شايد ڪيس معلوم

هو ته ڏوهه اڪثر سماجڪ حالتن جو نتيجو آهي. هڪ دفعه ٻه چور ٻنيءَ مان ٻيهه چورائڻ آيا. واڻئي ڏسي ورتن. ڪوڏر ڦٽي ڪري ڀڄي ويا. ماڻهو پٺيان پين ۽ پڪڙي پوليس ٿاڻي تي وٺي وين. ڪنور کي سڌ پهچي وئي سو چورن جي ٻانهن ڇڏائي، کين ڪوڏر، ٻيهه، دوڪان تان ڀاڄيون ميوو ڏئي اماڻيائين.
هڪ دفعه سندس ڳوٺ تي ڌاڙيل ڪاهي آيا. ماڻهو ڊپ وچان گهرن ۾ وڃي لڪا پر هي گهران نڪري، ڌاڙيلن سان اسلام وعليڪم ڪري، کين ڪافيون ۽ ٽوڪا ٻڌائي خوش ڪرڻ لڳو. آخر پنهنجي گهر وٺي، پوڙ ماني کارائي، رهائي رکي، ڀاڪر پائي کين راهي ڪيو. اهڙيءَ ريت ڪٿي به جهيڙو جهٽو ٿيندو هو يا پنهنجن ۾ اڻبڻت ٿيندي هئي ته بوچڻ ڳچي ۾ وجهي، هٿ ٻڌي ليلائيندو هون ته ادا، ڏوهي مان آهيان. نهي وچون نبيت ڌرين کي رجائي، ڀاڻي ڪري ناهه آڻيندو هو.
اهڙا مثال اڻيڪ آهن جن مان سندس همدرد، غريب پرور، لهڻي سڀاءَ جي پروڙ پوي ٿي. هو هڪ ملائم، دردمند، حساس، هوشمند انسان هو. اسڪولي تعليم کان ملي هئس. گرمکيءَ ۾ گرنٿ ۽ مشڪلات سان هندي واچڻ بدان کو علم ڪونه هيس. پراچين

ڪٿائون، آيي جا ٽوٽڪا، پنجابي ۽ جيسلميري گفتا ڄاڻندو هو. ڏوهي شلوڪن جون معنائون ته اڪثر آڏ اڪري وانگر اڻ ڏٺن نموني ڪري سگهجن ٿيون ۽ غزلن ۽ ڪافين جي معنيٰ پڻ من گهڙت ٻڌائيندو هو. عشقي افسانا موڙڻي اتمان گيان ۽ ڀڳتيءَ جا اپديش آڻڻ ۾ ماهر هو. ڀلا ٻئي ملڪ ۾ جت پروچ ٿي بنياد شڪ تي يا حاسد جي طعنه تي موملون مات ڪيو ڇڏين، اُتي عشقي اُپٽار باروت ۾ سوسڙي لڳائڻ سمان آهي. سنڌس ويچار ۽ رهڻي جهوني پراڻي نموني جي هئي. جديد خيالات ۽ جذبات کان غير واقف هو يا جيڪڏهن ڪٿان ٻڌا سڻيا هوائين ته اهي اهڙي اڻ پوري، ناقص نموني سنڌس اڳيان پيش ڪيا ويا هوا جو ڪيس انهن ۾ عقيدو آڻڻ لاءِ ڪو قوي سبب ڪونه هو. سڌارڪن جي رهڻي ڪرڻي ٻه اهڙي ڪانه هئي جنهن مان هو جوت جهٽي سگهي. هنن جي ڀيٽ ۾ سنڌس خيالي آدرشي هئي جنهن ڪري ڪيس شرمسار ٿيڻ جو سبب ڪونه هو. ڪن حالتن ۾ سڌارڪ تنگ دل، تعصبي، ڪم عقل، هٺيلا هوا. هنن هنن هر ڳڙ لهي پاڻ کي پساري سمجهي ويٺا هوا. نڪي هو وٽن ڪافي علم ۽ علم کان وڌيڪ سوجهه ۽ بوجهه ۽

نڪي هو وٽن دلين ڪينهن جو چهرو جو ٻين تي اثر ڄمائي سگهن. اڪثر سندن اکيون ڇپيل ۽ وزندار نه هيون. ائين برابر آهي ته ڪنور گوشت کائيندو ۽ اتفاقا سگريٽ ۽ سهج سڀاءَ پٽ پيندو هو.

ڪنور کي آريه سماجي، ڪانگريسي، سنڌارڪ عينڪ سان ڏسڻ غير واجب آهي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته سندس رهڻي ڪرڻي نردوش هئي. ويچار واڻي ڪرم سان ڪڏهن ڪي نه ڏکويائين. پر هو نرم ۽ وشنڌ سڀاءَ جو هو جنهن مان باغي بڻائڻ غير ممڪن آهي. انتهائي پسند نه هيس ۽ تعصب کان ڏور ويندو هو. سندس حياتيءَ ۾ وڏي جنگ لڳي ۽ ان بعد ملڪ ۾ قطع تعلقات تحريڪ پيدا ٿي، فرقه پرستي زور ورتو، پورهيت ڪسان صدين جي ننڊ بعد ڪر موڙڻ لڳا، ماڻهن جي دلين ۽ خيالن ۾ مانڌاڻ پيو پر هن آشوب ۽ هنگامه کان ڪنارو ڪري، صدين جي آزمايل سادي ۽ عملي زندگي گذارڻ پسند ڪئي. سندس بي تعصبي تحمل سرد خوني يا لاغرضي جو نتيجو نه هو پر تربيت ۽ تجربه به کيس اهڙي عقيدي ڏانهن مائل ڪيو هو.

ڪنور جي من جي اڏاوت اڻويهين صديءَ جي قالب ۾ نهي هئي. پراچين رسم جي پوڄاري ۽ ستاپت ليکي ۽

نيمن ۾ ٻوڙن وسواس هوس. اسانجي ابن ۽ اسان وچ ۾ وڏو فرق هي آهي ته هو ڀڪي لشڪي ۽ اڏول شرڌا جا پتلا هوا پر اسين نگرابي ۾ آهيون جي ڪنهن به خاص عقيدي ۾ ايمان نٿا آڻيون ۽ نڪي سماجڪ نيتي ۽ نيم ۽ رسم جا پابند آهيون. اسانجا خيال آسمان کان زمين تائين پرتال ڪري، زحل ۽ مريخ جي ماپ وٺي، اقتصادي ۽ اجتماعي حالتن جو ملاحظ ڪري، ڪنهن خاص نتيجي تي پهچڻ، يڪ ٽڪ ڪري وچڻ بدران سدائين سر گردان رهن ٿا. اسانجي ابن جي زندگيءَ جو غوراب هڪواري بندر تي لنگر هڻي نئين سر سڙهه سانباهي نئين دنيا جي کوجنا ڪرڻ کان نابري واري ويٺو. اسانجو جهاز، جو غوراب کان گهڻو بهتر آهي، سو رڳو ڪارو پيو ڪيڙي ۽ ڪنهن به بندر تي پهچڻ کان بدهه ٿڙ ڪيدي بيٺو آهي.

ڪنور آرٽيست هو. هالو چالو فوٽا ته گهڻيئي ڏٺس جي شرڌالن جي اڻ گهڙئي مغز گلن، گنڊرون، ٽلڪن سان ٽڪي، ڪاٺ جي ٺهيل بي جان بت وانگر گهڙي، ڏياريءَ جي ٽولڙن يا رانديڪن وانگر ٺاهي بيهاريا آهن. پر خوش نصيبا ڪو معتبر فوٽو هٿ چڙهي وڃيو ته سندس شڪل جي بيهڪ ۽ لباس جاچيو. مٿي تي زعفراني رنگ جي داڻ داڻ واري چيرولي پڳڙي، ڪن ۾ ڪنڊل، بت تي سفيد بي داغ ڪڙتو، جوڙيءَ جي ڌوتي ۽ پيرن ۾ گهنگهرو. اک ۾

خمار، آواز ۽ نماڻي ٻرڇتي ڪوئل واري ڇڪ ۽ ٽڪ، ناسون ٽڙيل ۽ چپ ٻولڻا. سڄي عمر ٽلڪ لڳائي، ڏڪڻ ڏ مڇر وڃائي، ”ڦيرڙيون پايان آءٌ ڇمر ڇمڪايان“ سان ماڻهن جا من موهي مست ڪري وڌائين. ٻرهه ڦٽيءَ ويل جڏهن رات ۽ ڏينهن جاڳڻ، ۽ نند ميٽڻ جهلي ٻهن ٽا تڏهن ”رام سمر پريات سمري من- رام سمر- ها رام سمر- اي رام سمر“ سان شروع ڪندو هو- ماڻهن جا حشام هوندا هوا. جئين پتنگ ڪنهن دلفريب چراغ تي مستان ٿي طواف ڪندا آهن يا گرهه سورج جي ارد گرد پڻ ڪرما ڏيندا آهن تئن خلق خدا جي سندس ڪنيمندڙ، موهيندڙ، گهائيندڙ آواز تي ماکيءَ جي مکين وانگر اچي مڙندي هئي. چاڙيون، ٻچون، ۽ ڦاڪيون، گهنڊيدار ۽ لسيون ڏاڙهيون جن تي ڦهوي، سرخ، سبز خطاب چڙهيل ۽ ڪهڙو بيان ڪجي مڇن جو- مُوشي، گربٽي، بگلس فيشر ٻئنڪي، هولڪري، قيصري، پلسوب سڪي، هٽلري هڪ ٻي کي شهه ڏيڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ڳينديون هيون. ڪي ته اسان جهڙا ماڻي منهن ڏاڙهي مڇان چٽ پروان شاهه ٻڇايون ٻوز ٻروچن ۽ وچائتن وچير اچي وهندا هوا. زالن جي ته ڪمي ڪا نه هوندي هئي. سندن پڙي ۽ چادر جي ٻي انداز جهول مان نڊن ٻالڪن جو چند جهڙو منهن، سڄاجهڙو مک سيتل سونهن سان پيو ٻهڪندو هو. اڪثريت هاري ناري، ڪمي ڪاسبي ڪراڙ ٻقال جي هوندي هئي پر سيٺ

وڏيرو ڪامورو به ڪٿ ڪٿ ڪٺڪن وچ ڇانيي سرنهن
وانگر ڏسڻ ۾ ايندو هو. سن سعادت تي ويندي هئي.
آلاپ جي اثر هيٺ فولادي قلب ميڻ وانگر رجي
پاڻي ٿي پوندا هوا ۽ اکين ۾ آب، دل ۾ درد، سيني
۾ سوز موجزن ٿيندو هو. اهڙو هو عجيب اثر **ڪنور**
جي راڳ جو.

ڪنور گويو يا ڪٿڪ نه هو. حيات پٽافيءَ جي
ٽڪاڻي ۾ نندي هوندي ڳائڻ وديا سکيو ۽ راڳ جي
روح کي تازو رکڻ خاطر قديمي موسيقي جي مدجهائيندڙ
۽ پيچ کان پري رهيو. سادو، لسو، ابچ سنڌي طرز
جو راڳ ڳائيندو هو. لاهيون چاڙهيون يا مٺي موڙهه
تان تمام رسيلي نموني ڪٽب آڻي، اڄائي ور ۽ پيچ
کان ڪنارو ڪري ويندو هو. در حقيقت سندس آلاپ
جو اثر ڳائڻ وديا جي دقيق ڄاڻ تي منحصر نه هو پر
سندس ڳلي جي سريلي ميٺاج ۽ اندر جي نماڻي روحاني
پرتاپ سبب هو. هيٺ به سندس رڪارڊ ٻڌو. فوني
کان پري پرو ايڪانت ۾ دکمنو ويهي سندس واڻيءَ جو
واس وٺو ته سندس آواز جو راز جهٽي وٺندا. ڪافيون،
اپديش، ڪٿائون، ٽوڪا سندس سارنگيءَ ۽ ڏوڪڙيءَ
وٽان ملي سگهن ٿا. اوائل ۾ سندس سروناٿو **پائي راهن**

ماڻهن جي شڪل، لباس، ٻوليءَ جي اهل ڪري وهڻن
مان ڏنگ ۽ وهوءَ مان ونگ ڪئي ويندو هو. پر
سنڌس ديهانت بعد شايد گيهه مان آکر ڪيڻ وارو ماهر
مسخرو ڪونه مليس يا مسخري جو ڪجهه ڦڪو ڪلام
ڀڳت ڀاءُ جي خلاف سمجهي بعد ڪري ڇڏيائين. باقي
ٻيا سنڌس سڀ وڻائو ڀائي **سيتل**، **ڀائي پرڪيو** وغيره
سلامت آهن. وڻائن جهڙي معلومات هٿ ڪري
سگهجي ٿي. ڀائي **روڙها رام** ته ڇتڙن جو يار اٿس.
اهي عين **ڪنور** وانگر اول کان آخر تائين ڀڳت وجهي
ڏيکاريندو. البت **ڪنور** جو رس **ڪنور** سان هو.
جڏهن "ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو" يا
"جيڏو تنهنجو ناٿ تيڏي توکان ٻاجهه مڱان" يا "دنيا
سپ دريائو ڪوڪو تارو تنهن پر" يا **شاهه** جون ڪافيون
چوندو هو ته نماڻي **لطيف** جي هبڪار جيءَ جسي پر گهڙي
ويندي هئي. نه معني جو ضرور نه تشريح جو. سنڌ
جو زنده پير (شاهه) پنهنجو پاڻ اچي اندر پر واسو ڪندو
هو. ڪافيون ۽ ڪلام ته گهڻيئي اٿس. پر **سورداس**
جي لولي حيرت انگيز آهي. انهيءَ جو **ڪنور** ڪمال
ڪيو آهي سو ڪيس **شوبرٽ** جو ثاني بڻائي ٿو. هيءَ
جا دنيا جي لولين پر شمار جڳ ڪپي سا اوهانجي

لطف لاءِ هيٺ ڏجي ٿي. ڳائڻ جي ڍنگ لاءِ هز ماسٽرس وائس جو رڪارڊ خريد ڪريو.

لولي

لولي ڏيوان سريچند ساون نون - لولي آن لو

١- چندن داوي پنگوڙا گهڙيئا
وٽيئا تلي داري
ها ها ها ها ها
ها ها ها ها ها ها
رنگ رنگيلا ڪيلڻ لاڳي
ماءِ جاوي ٻلهاري
مٺن واري تيري
ماءِ جاوي ٻلهاري
ٻلهاري- ٻلهاري- ٻلهاري
ڪردا اُرڙ رڙرڙ رڙرڙ
لولي لال نون
نڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان

٢- مکڻ نال ڪويسان روٽي
تيل ڦليل گنديسان چوٽي-
اي اي اي اي
اي اي اى اي
سر تيڏي تي ڏيوان ٽوپي
سر لالڻ دي ڏيوان ٽوپي

ٻت ڏا ڇھور جھليسان
جھليسان جھليسان جھليسان
ڪرڏا اؤٹان اؤٹان اؤٹان
اؤٹان اؤٹان اؤٹان
لولي لال نون ڏيوان
نڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان

٣- ھور مڪت سر ٻره ٻراجي
ڪنڊلن ڪي ڇب نياري
سورداس ٻرڀ تمري ملن ڪو
چرنن تون ٻلھاري
ٻلھاري ٻلھاري ٻلھاري
ڪرڏا اُرڙ رڙ رڙ رڙ
لولي لال نون ڏيوان
نڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان
ڪرڏا اُؤٹان اؤٹان اؤٹان
اؤٹان اؤٹان اؤٹان
لولي لال نون ڏيوان
نڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان

نوٽ:- ھيءَ لولي ڪرشن ڀڳت **سورداس** جي چيل آھي. ٻھرين سٽ ۾ نالو ڦيري **سريچند** جو ڪيو اٿن جو **گرو نانڪ** جو پٽ ۽ اُداسي سکن جو گرو ھو. پر پاڻ **سورداس** جي ڏسڻ ۾ اچي.

اکرن جي معنيٰ:- ٻنگوڙا = پينگھو؛ وٽيئا = واٽڙ

يا ٻُڙهڙا۔ تلي داري = زري جو ڪم۔ رنگ رنگيلا =
رنگ رچڻ وارو۔ ڪوپسان روئي = ماني ڪارائيندس۔
ڳنڍ پسان چوٽي = چوٽي ٺاهيندس يا ڪڍندس۔ پٽ دا
چڼور جهليسان = پٽ جو چڼور لوڏيندس۔ برہ براجي =
سهڻو لڳي ٿو۔ چپ = سونهن۔

اهڙي هر دلعزيز، فقيرتن، مسڪين پرور، راڳ
جي صاحب جو موت گولي سان ٿيڻ نه کپندو هو۔ هن
ڪڏهن ڪنهنکي نه ڏکويو۔ اڀاڳو اهو ديس جت وحشي
خبيث طاقتون اهڙو زور ٻڌي وڃن۔ سندس شهادت
جو سبب پڻ عجيب چيو وڃي ٿو۔ ٿوري ۾ هن ريت
آهي۔ خيرپور ڏهرڪي جي ويجهو پير چونڊي ڳوٺ ۾
هڪ شخص **عبدالرحمان پٽ عبدالله سميجو** اٽڪل
ايائي سؤ مجاورن سان رهي ٿو۔ سندس ڏاڏو هندو
مسلم جو خيرخواه، درويش صفت انسان هو۔ سرحدي
پروچ سندس مريد هوا۔ پير چونڊي سندس مرڪز هو
جنهن سبب انهيءَ پاٽاري جي پيرن کي پير چونڊي
ڪري سڏين ٿا۔ موجوده گادي نشين اٽڪل ۴۴
ورهين جو قداور، بت جو پريل، سانورو مڙس آهي۔
چار زالون نو پار اٿس۔ همٿ جيڏي ڏاڙهي، ٻوان وار
ڪاٺي، تري سان پڳ، ڊگهو چوغو، سنڌي جتي پائي

۽ هٿن ۾ هاسو نه ٿي. هاسو هڪ قسم جي لٺ آهي
جنهن کي هٿ ۾ گول ڳنڍ ۽ پڇڙيءَ ۾ تيز نوڪ ٿئي ٿي.
سندس پوئلڳ پڻ اهڙي قسم جو لباس ۽ نوع اختيار
ڪندا آهن. **عبدالرحمان** عربي ڄاڻي ۽ سنڌي
مشڪلات سان پڙهي سگهي. ساڻس ملاقات ڪرڻ
محال آهي ڇاڪاڻ ته ڪوٽ اندر رهي ٿو ۽ خود جمع
نماز تي نمازين جي تلاش بعد ڪين اچڻ ڏي ٿو. تر جي
احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو خاص ڪري هندو
ٻالڪن ۽ عورتن کي دين ۾ آڻڻ تي زور ڏيندو آهي.
ڇو ته ڪيترين صغير والدين کان ۽ عورتون شوهرن کان
ڇني جدا ڪيون اٿس. البت انهن مان ڪيترا موٽي
پنهنجي مائٽن پيڙا ٿيا آهن. ۽ انهي قسم جي
متعصبانه روش ڪيترن هندن ۾ تاءُ پيدا ڪيو آهي.
هڪ دفعه سندس وڏو پٽ ڪم سانگي سکر ويو.
اُتي جي ڪن ماڻهن کي سندس پيءُ جي هلت
پسند نه هئي سو هن بيگناهه کي راه ويندي مار ڪٽ
ڪيائون. انهي ڪري پٽ جي ٿو ته پير پنهنجي
مريدن جو وڏو ميڙ گهرائي شرارتي تقريرون ڪيون ۽
اتي فيصلو ٿيو ته سکر جي مارڪٽ عيوض هندن جو
مکيه اڳوان قتل ڪجي. **ڪنور** هن پٽ جو رهاڪو

هٿرڻ سبب سنڌن ڦهر جو هدف بڻيو. **کنور** جي نه پير سان، نه سنڌس پٽ سان عداوت هئي. مسلمانن سان محبت هيس. هزارين مومن کيس قرب ۽ عزت ڏيندا هوا. سندس شهادت اسانجي ديس جي پست ۽ وحشي حالت جو اظهار ڪري ٿي. **کنور** جو خون مسلمانن جي ڳلي ناهي پر اسان سيئي هندو مسلم مجرم آهيون. ڇاڪاڻ ته اسان پنهنجي وطن جي حالتن کي سڌارڻ لاءِ ڪافي جفا ڪشي نه ڪئي آهي.

کنور جي شهادت ۽ انجي عالم آشڪار خونيءَ جو قانوني اشڪنجه کان ڇٽل رهڻ لاءِ ڪي خاص حالتون پڻ جوابدار آهن. هڪ ته جوابدار پهچ ۽ هلندي وارا آهن ۽ ٻيو ته پرانتڪ خود حڪومت سنڌ ۾ لوڪشاهي عيوض شاهوڪار ۽ زميندار شاهي آندي آهي. ملڪ ۾ هي گهٽ ۾ گهٽ ڪارگر ۽ وڌيڪ ۾ خطرناڪ مرڪب آهي. گويا ابو الجهل ۽ حضرت فلوس جو سياسي طاقت سان غير شرعي نڪاح ٿيو آهي. هندو زميندار ۽ واپاري سرڪار جي طاقت گهٽجڻ تي رنج آهن پر ڪٽر مسلمان زميندارن ۽ پيرن جي پيگهي مٿي آهي. عام مسلمان اڳ وانگر انگ اگهاڙا، پيٽ بکيا آهن پر ڊگهين ڏاڙهين، تسبيحن، صلواتن ذريع ڪين لٽين بد انتظام ۾

فخر ونڻ جي تربيت ڏني وڃي ٿي. ويچارا خالص هوائي
خيالن تي پيا ٽنگجن ۽ سمجهن ٿا ته ڪنهن جادو ذريعه
سندن مالي، علمي، اخلاقي مفلسي ڪافرن تي لعنت
۽ مومنن تي برڪت ڪرڻ سان از خود دور ٿي ويندي.
اهي باطل خيال درست دليل يا سچائي ۽ صداقت سبب
نٿا ڇڏجن پر انساني فطرت پنهنجي پستي ۽ ڪمزوري
لاءِ ٻين کي ٽلاهي بنائڻ، پنهنجي عيب کي ثواب ۽ ٻين
جي گڻ کي اوگڻ سمجهڻ ۾ فخر وٺي ٿي.

ڪنور کي خوني فيصلي جي ڄاڻ هئي. مٿي ذڪر
ڪيل اجلاس مان هڪ شخص راتو واهه ڪيس آگاهه ڪيو
هو. جنهن ڪري سرڪار کان بچاءَ لاءِ درخواست تي
ڪيس به ڦٽنگهڙي مليا هوا. آڪٽوبر جي آخر ڌاري
مانجهندن ۾ **پائي امرداس** جي ٻهرين ورسي ٿيڻي
هئي. **ڪنور** جو **امرداس** سان قرب جو رستو هو سو
ورسيءَ تي وڃڻ جو پڪو پهه پچايائين. سندس گهر جي
پاتين، پولڙاين، ڳوٺ اواسين روڪيس. سندس نياڻي ته
ماڳهين لڙڪي پيس. هڪ جوتشيءَ چتايس ته پنهي کان
ٻاهر پير ڪڍيئه ته خير نه سمجهجانءِ. پر هن يار کي
ڦوٽي دوستن جي چڪ ٿي. چيائين ”وعده خلافي نه
ڪبي. جيڪو هجي ها ته ڪس گناهه لاءِ معافي منگجي

ها پر هنئر هو پرلوڪ پڌاريو آهي ۽ آءُ ڪيئن حياتي
جي خوف کان ورسيءَ تي نہ وڃان سو مڙسن مرڪ نا آهي.
ويندس، ضرور ويندس." باقي ٻارڙين کي هدايت
ڪيائين تہ هن دفعہ ساڻس همراہ نہ ٿين. اڪيلو اسهڻ
جي خواهش هيس پر هو نہ مڙيا. مانجهندن ۾ پيڪت
ويل ماڻهن ڪافين ڳائڻ لاءِ زور ڪيس. چيائين "دوستو،
اندر وارو تو بولي مارو ڳاءِ. بابا شانتي ڪري ٻڌو.
هيءَ اسانجو ٻهاڙيءَ جو ويلو آهي." بس پوءِ تہ اهڙي
غيبي درد سان مارو ڳائڻ ۾ اچي چٽڪيو جو ماڻهن زار
زار روئي نيڻن مان نير جا نيسارا وهائي ڇڏيا. رات جو
رسوئي ويل هٿن مان گرهہ ڪري پيس. کائڻ ڇڏي
ڏنائين. "سيٺل، اسانجو داڻو پاڻي اچي پورو ٿيو آهي.
ڪوٺ تي آهي. ابا، سائيمجن اسانکي سڏياري،
سڏي رهيا آهن". رات جو گاڏيءَ ۾ سوار ٿيڻ ويل ٻہ
چٽا بندوقن سان وٽس آيا. ڪلي ڪيڪاري، هٿ جوڙ
ڪري، انگور ۽ پيڙا سيسا طور ڏنائين. گاڏيءَ ۾ ڊريءَ
لڳي تي وينو ۽ همراہ تفنگچين کي حڪم ڪيائين تہ
بندوقون پاسيرو رکي وڃي آرامي ٿين. رستي تي سڄي
رات مارو ڳايائين. ڏهين ٻجي رات جو رڪ تان گاڏي
چٽي. پاسي کان بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو. سڌو ڪنڌ

۾

گولي لڳيس. سدا گلاب ڪومائجي ويو ۽ مٽي ڪلاڪ اندر هيءَ راڳ، ساز، درد جي لماڻي جوس اڪدب جيوس جي ساگر ۾ الوپ ٿي وئي.

اُيي جي پٽ جا سادهه روح هاري ڳالهه ٽا ڪن ته پئير ڪي ۽ لماشام ويل اُسرئيل ڪٽڪن وچم چيرولي پڳڙي، ڪمبل، ڪڙتي، چيڙ سان هڪ سهڻو سدا ملوڪ شخص ارچتو پرگهٽ اچو ٿئي ۽ جامو جهلي، هٿ جوڙي، اکين ۾ آب آڻي التجا پيو ڪري ”خدا خير ڪجانءِ. لوڪن کي ساڇه ڏجانءِ“ هانو شل خدا خير ڪري، لوڪن کي ساڇه ڏي.

نانو

ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي. گهر ۽ حويلي اڄ ڏائين عين ميراڻي حالت ۾ قائم آهن. فقط ڇڄيءَ تي لڏب ۽ ڀت کي ڀڪ سرو جهلو ڏنو اٿن. ٻراج بعد سمر ۽ ڪلر شهر جي عمارتن سان ڪلور ڪيا آهن. ڪئين گهر زبون ٿي چڪا آهن پر منهنجي، ناناڻي ۽ ماڙ اڃان سالم آهي. ڏهه ويهه ورهيه ته لوڏو ڪونه آيس. انهيءَ گهر ڇڏڻ ئي ٻه ڪي ورهيه ٿيا. هيئر اتي ڪي ڀاڙيءَ وارا رهن ٿا. ڏسجي ٿو ته هو انهيءَ گهر ۽ حويليءَ مان بلڪل راضي آهن ڇاڪاڻ ته سندن من ۾ گهر جي اڏاوت ساڳئي زماني جي آهي. هڪ ٻئي سان ٺهڪي ٿا اچن. انهيءَ گهر ۾ هڪ وڏو صفحو آهي جنهنجي ڀتين کي جيڪڏهن زبان هجي ته هوند هڪ مزيدار شخصيت جي حڪايت ڪري ٻڌائين. اڳيان ڏينهن ياد ڪري جيڪر دل ٽهڪ ڏين، دريون مشڪن ۽ روشندان ڀيرون ڪڍي اشارا ڪن ته اڄوڪو هت نانو ڇپر کٽ تي ويهي بلغاري حقو ڇڪيندو هو. سڄو ڏينهن پاڙيوارن پير مردن جي ڪچهري هوندي هئي ۽ حقي مان پيا وارا ڪڍيندا هوا. ٻه ٻهرن جو ڀت تي فرش وڇائي چوڙ راند ڪندا هوا ۽ حقي جي گڙ گڙ، ٻاري جي کڙ کڙ ۽ ڀؤن ٻارنهن، ڪڇا، ڏنگا تيرهن جي هڪل ٻئي پوندي

هئي. شل نه ڪنهنجو سڄاڻو داءُ لڳي. سمجهندو نه
وڏي ڪا کيمپ کٽي اٿم. مخالف ڌر تي ڪليندو، ٺهڪ
ڏيندو، چٽرون ڪندو ۽ پنهنجي عرفيت جو بيان
ڪندي پيو ٽلڪندو، ٽهڪندو، ڳجهون ڏيندو. ناڻو
نه ڀنهه حد ڪري ڇڏيندو هو. باروت ۾ اوچتي
چڻنگ لڳڻ سمان «ڀڙون بارنهن» جو ڏڪاءُ ٿيندو،
حاضرين جي ڌرن ڏڪندي ۽ ڪي مهت نه انجو
پٽاڙو صفحي جي پٽ ۽ چٽ وچڙ ايو ورندو. داءُ اچڻ
شرط سندس ڪب سڱون تي پوندو هو ۽ ڪاريهر
وانگر اوچو ڳاٽ ڪري پيو ڪنڌ لوڏيندو، مزي سان
مڇ مروٽي، اک ٽيڏي، ساريءَ ڏانهن ائين نهاريندو
جڻ ٻلي اسپڻ ڪوٺي کي آخرين لقمو ڪرڻ کان اڳ
هيبج مان نهاري. ٺهڪاٽوءَ رکي رکي بدبخت ساريءَ
کي وٺي پٽ تي مروٽيندو ڇڻ نه ڪنهن کي گهنو تو
ڏي ۽ مٽاس ڪٽيندڙ ساريءَ سان ناهي ناهي اهڙو نه
ڏک هٿڻس جو ويچاري بيگناهه گگدار ساريءَ جي
ڇپاهه تي ٽڪر تي پوندي. بس پوءِ خوشيءَ وچان ٻ گهو
ساهه ڪٽي، ٽالڊي وانگر ٽمڪندڙ، نفرت آميز سرخ
اک سان گهور ڪري حاضرين ڏانهن نهاريندو ۽ ڏاڙهيءَ
مٿان هٿ گهمائي اچانڪ اچي طوفاني ٽهڪن ۾ ڇٽڪندو

اهاڪل اصل وسوسي جي ناهي ڇاڪاڻ ته مجهس واچوڙي جي آمد ۽ شوخي هئي جا حاضرين کي پون ڪلاڪ وانگر ڦرڪي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. سندس بس ان ويل جهوني جنبش ۾ اچي ويندو هو ۽ جيڪو ٿڪ ظاهراً سندس ڦڦڙ ۽ نڙيءَ مان اڀرندڙ آواز توپخاني جي گولاباري مثل نڪاءُ ڏئي نڪرندو هو پر حقيقتاً ڪاپار کان ڪڙيءَ تائين سندس نس نس ۾ پئي ٿڪ ڏيندي هئي.

جڏهن نانو گذر ڪري ويو تڏهن آءٌ اڃا ابهم هوس جهڙڪري مونکي سندس حياتيءَ جي شخصاً گهڻي خبر ناهي. پر هو مونتي مهربان هو. مان ننڍي هوندي سندس پرپٺ جيڏي بت تي ڪوئي وانگر ڪلابازيون ڏيندو هوس. چوندا ته هو خوش طبع، خوش خوراڪ، فراخ دل انسان هو. اها ته مونکي به سڌ آهي ته هن کي تنگ لباس، تنگ مڪان، ڪوتاه قد ۽ ڪوتاه دل سان ڪاڙ پوندي هئي. سدائين ويڪرو پهراڻ ۽ کليل پائيندو هو. انهن ڪپڙن جي موڪرائي ايڏي هئي جو آءٌ آسانيءَ سان انهن جي ٿڃن اندر لڪي ويندو هوس. گهر ۾ به ايوان ۽ صفي کان سواءِ ڪڏهن ڪوٺيءَ ۾ پير نه پائيندو هو. سندس روح اندر بيابان ۽ پٽن جو واسو هو. خود شاهه مان به

فقط اهي بيت آلاپيندو هو جن ۾ وسعت ۽ رفعت بلند
آواز پنهنجي وجود جو آشڪار ڪن ٿا. ونس مولانا
روميءَ جي مثنوي هوندي هئي جا ڪٿ جي پرسان
جاري ٿي ڪپڙي ۾ ويڙهي ويندو هو. هر روز ڪيترين
دفعا ان مان فال وجهندو هو. مان نٿو سمجهان ته هو
ڪو فارسيءَ ۾ ماهر هو پر نيم ملا وانگر پنهنجي قابليت
ڏيکارڻ لاءِ جوڳي اجوڳي فارسي الفاظ ۽ محاورا پيو ٺيڪيندو
هو. سندس دوست جي جهالت ۾ ڪانئس وڌيڪ اڪابر
هئا سي ڪيس ڏاڍو پڌائيندا هئا ۽ هي مٿس وڄ وانگر
ٻوڏ ۾ اچي ويندو هو. انهن چاپلوسن جي صحبت
جو اثر اهڙو ته مٿس ٿيو جو هو پاڻ کي گوهر سمجهڻ لڳو
۽ ٻين ذري ذري

بحريست مجلس تو — و در بحر بي خلاف
لؤلؤ بزير باشد — و خاشاڪ بر زبر

چوندو هو. سندس نظر ۾ پاڻ بدران ٻيا سڀ خاشاڪ
هوا. نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن ڪنهن تي ڪاوڙبو يا
چڙ ڪندو يا ڌڪو ڏيندو ته چوندو هو ”خاشاڪ“.
خاشاڪ کان پوءِ سندس لغت ۾ ڪو لفظ ڪونه هو.
اتفاقا سندس گهر ڪتو گهڙي اچي ته ”خاشاڪ“ جي
ڦاڪر ڪڍندو ڏنجي ته ماڻهوءَ کي چوي ته تون ”خاشاڪ“

آهين، ڀر جي خدانخواسته زلزلو ٿي پوي، گهر اچي پٽ پوي ته نانو در جي ڪمان هيبت ڀهي، انهن ساڻ ڪڏهن ڪي ڪلهن جي وچ تي سڏ وجهلي، بلڪل شاندار، امپراٽي فلڪدار آواز ساڻ آڪيندو "خاشاڪ". هڪ دفعي موديءَ وٽان گيهه وٺي آيو. دٻي مٿان گيهه سڄو پر هيٺان گاڏڙ. بس پوءِ ته موديءَ کي ٻنهي خاشاڪ ڪري ڇڏيائين. مامو انهن ڏينهن ۾ اڃان جوان هو. نانو اڪثر کيس نصيحت ڪندو هو ته پٽ خاشاڪ نه ٿيءُ. اهو اسانجي خاندان جي شان وٽان ناهي. مطلب ته صفح هستيءَ تي ڪو گناهه خاشاڪ برابر ڪونهي. حقيقت ۾ آهي به ائين. چاڪاڻ ته نادار، عاجز، بي معنيٰ، ناچيز تيڻ بيشڪ وڏو گناهه آهي جو ناني خاشاڪ ۾ ڏٺو. افسوس دنيا خاشاڪ ساڻ پُر آهي پر ناني جي عظيم نفرت جو اثر ان تي ٿي نٿو سگهي.

الائي ڇو، پر نانيءَ کي "جهمٽ" لفظ ساڻ ڪيڏي پولدي هئي. انهي لفظ ٻڌڻ ساڻ لهن ڪان ڇوٽيءَ ٽائين باهه وٺي ويندي هيس. هڪ دفعي مارڪيٽ ساڻ تيوڻ تلهو وٺڻ ويو. مارڪيٽ جي منهن وٽ جهمٽ ماڻ وڪرو ڪندي پهنجي پٽ کي سڏ ڪيو. ٻڌڻ ساڻ نانيءَ کي اهڙي ته منيان آئي جو ڪٺڪندي دوڪان

کان سوگهي وڃائي ڇڏيائين. ويچاري ڀورسن واڪرڻ
وسي ٿي وئي ۽ هراس وچان واڪو ڪري پٽ کي
سڏ پائين ته هن مصيبت کان آجو ڪريس. ”ابا جهمٽ،
ابا جهمٽ، هن مٽي ته مون کي ماري ڇڏيو.“ پر جنهن
واٽ مان ”جهمٽ“ ٺڪريس تنهن مٿانس سوگهي جو
ڦهڪو. ”هيمٽ ٿي رنءِ وري ٿي اهو لفظ پڻهين.
ماري مڃ ڪري ڇڏيندو سانءِ.“ روئڻ ٿي ماڻهو
اچي مڙيا پر ڇڏائڻ ته ڇڏائڻ جي ماڳهه الٽو ”هيمٽ ٿي
رنءِ وري ٿي اهو لفظ پڻهين. ماري مڃ ڪري
ڇڏيندو سانءِ.“ ور ور ڏئي دهرائي نافي کي چيڙڻ لڳا.
ليڪ جنهن تنهن اڏ مٿي واڪرڻ کي گهر اماڻيائون ۽ نانو
”مهاشاڪ“، ”خاشاڪ“ ڪندو گهر ور يوه انهيءَ ڏينهن
سکڻي دالءِ ڪچريون پاڙ کائي پورائو ڪيوسين.
چاڪاڻ ته مونهندي نافي کان تيوڻ ٿلهو ونڻ صفا وسري
ويو. مون گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ته ”جهمٽ“
جي بنيادي تواريخ ۽ انجو نافي سان عجيب تعلق ڳولي
لهان پر انهيءَ مام سلڻ وارو هٿ نه چڙهيو اٿم. ممڪن
آهي ته نافي اهو ڳجهه ڪنهن کي نه سليو هجي ۽ ٺڪي
ڪنهنکي جريت ٿي هوندي ته کانئس انجي سمجهاڻي

ولي اڄ جو راز پروڙي. افسوس مصري ماهر وانگر هي راز پڻ ماضيءَ جي پيٽ ۾ هضم ٿي ويو.

نانيءَ کي ڪتابن لکڻ جو ڏاڍو خبط هوندو هو. سعدس جهڙا خوش خط ڪي ٿورا لڀن. سعدس موتيءَ جهڙا سهڻا اکر ۽ صفحي جي حاشيءَ تي رنگ برنگي نقش وسرڻ جا ناهن. مان سمجهان ٿو ته پنهنجي طول عمر ۾ سوين هزارين ورق چٽيا هوندائين. پانيون تا ته ڇا لکندو هوندو؟ اڪثر جامي، رومي، سعدي وغيره. پر ايترو پڪڙ پنهنجي تصنيف به هونديس. هڪ اڌڙو ڪتاب ڪي سال اڳ هڪ دوست کي ڏنو هوم جنهن شايد گم ڪري ڇڏيو ته ڏسجي. جيڪڏهن سعدس تحريرون سانڍي رکجن ها ته جيڪر هيئر وڏي الماڙي فقط سعدس هٿ لکيل نسخن جي ڀرجي ها پر سعدس وفات بعد اسان نانيءَ جي محنت جو قدر نه ڪري، بيعقلي ۽ حماقت وچان دال پوريءَ بلي اهي بي بها صنعت جا خزانا ضايع ڪيا ۽ ڪي اڌوڌيءَ اُڏي خراب ڪري ڇڏيا. افسوس، هيئر جي پشيماني! سعدس ناياب تحرير نڪين سر جياري نٿي سگهي پر سعد ۾ اڃا پس ڪئين گهر آهن جن ۾ بي بها نسخا پيا سڙن ۽ شايد ڪجهه مدت بعد هميشه لاءِ غائب ٿي وڃن.

الهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ نانو طبعاً خشڪي هو، پر گهڻي قدر اها طبيعت سندس دل خواهش جو نتيجو هئي تہ هو ٻاهران کان نرالو ڏسڻ ۾ اچي. جيڪڏهن قدرت ڪنهن شخص جو دل ۽ دماغ نرالي قالب ۾ ٺاهيو آهي تہ ڪنهن خاص نموني جي اخلاق ۽ روش لاءِ انتي ميار ڪانهي. هو مجبور آهي تہ اندروني اڌاوت مطابق ڏيکہ ڏي. تنهنڪري نانيءَ جي روش جيتوڻيڪ عام کان علحدي هئي تڏهن بہ لوڪ کيس ٻگهو مندرو ڪوٺہ چوندا هوا. شايد سندس اڳين رتبي ۽ موجوده جائداد لاءِ عزت هين يا ممڪن آهي تہ ازخود سندس شاندار شخصيت ۽ خوش طبعي پسند هين. البت ظاهري ڏيکہ ۽ اندروني حقيقت ۾ وڏو فرق هو. جيڪڏهن ڪٽي چئجي تہ نانيءَ جي شخصيت ۽ معتبري فقط سندس دراز ريش ۾ هئي تہ وڏائي ڪونہ ٿيندو. اها ريش سندس پير مرشد هئي. جيڪڏهن قسم کڻندو هو تہ ڏاڙهيءَ جو، اقرار ڪندو هو تہ ڏاڙهيءَ سان، ڌمڪي ڏيندو هو تہ ڏاڙهيءَ معرفت، ڏڌ، مکڻ، تيل، قليل، گلاب عنبر لڳائيندو هو تہ ڏاڙهيءَ کي. مطلب تہ شريعتي ڏاڙهي ديوي يا مسمات ريش خانم کي راضي ڪرڻ لاءِ سڀ ڏينهن ورو ڏيئي پيو هٿڙا

گھمائيندو، رنگ لڳائيندو ۽ سينگاريندو هو. ناڻو
دريا ۾ پٽي هو ۽ مان سمجهان ٿو ته اهو پٽڻ ۾
اُڏيري لال جي ٻيه بزرگ ريش صدقي اختيار ڪيو
هوائين ۽ اهوئي سبب هو جو دعائون پڙهي، پڪن ۾
جهلي، خوب پنهنجي ڏاڙهيءَ مٿان مکي ڇڏيندو هو.
تنهنڪري مان ڳهٽي خوض ۽ فڪر بعد انهيءَ نتيجي
تي پهتو آهيان ته ناڻي جي اسي ورهين جي طول حياتيءَ
جو مختصر مطلب فقط ۽ فقط سونهاريءَ لاءِ عزت ۽
خاشاڪ لاءِ نفرت سمجهڻ گهرجي.

ننڍي هوندي مان سمجهندو هوس ته گوپت ٽڪاڻي
۾ پيپل جي وڻ وانگر ناڻو آدي جڳادي آهي. مون
نٿي سمجهو ته هيڏو پربت جهڙو مڙس ڪڏهن وقت
مون وانگر ٻالڪ هو ۽ هيٺئين پيريءَ جا باقي آخرين
پساهه ڪاڻي ليٽ راهه رباني وٺندو. مون سدائين ڪيس
ساڳيءَ حالت ۾ ڏٺو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ قبري اچڻ لاءِ
مونکي ڪوبه وزائتو دليل ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ٻو قدرت
جي نيم انوسار جو ڄائو آهي سو مرندو ضرور. نه رڳو
اينترو پر هر شيءِ ۾ هر پلڪ ۾ ڪرلي اٿل پٿل پئدا
ڪري ٿي ۽ جيڪڏهن ڇنڊجي ته اسين هڪ گهڙيءَ لاءِ
۾ ساڳيا ڪين آهيون يا اسانجي اسٿرتا ظاهري ۽ باطل

آهي تہ وڏاءُ کين ٿيندو. ٿوري وقت ۾ ناني ۾ پڻ
حيرت انگيز انقلاب اچڻ لڳو جنهن جو ظاهري ڪارڻ
هي هو. ناني وٽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ شخص
جميعت راءِ نالي ايندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي
ساڻس مخفي ڳالهيون ڪندو هو. هن شخص جو شڪل
مهانڊو، چاٻرو قد، عينڪي اکيون ناني کي کين
وٺنديون هيون. سندس حالت چالت اهڙي هئي جو
اندر ۾ ڪئين اڻ وٽندڙ ارمان اُٿن ٿيندا هوا. ايندو
هو تہ سندس اچڻ جي سمڪ ڪانہ پوندي هئي ۽ وڃڻ
ويل بہ سپ وانگر کسڪي ويندو هو. اڪثر ڪنهن
مهاڄار ۾ منجهيل هئڻ سبب خاموش ڏسڻ ۾ ايندو هو
۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪٿي بہ اک کٽي نہ نهاريندو هو.
پر ڪوبہ اشارو يا گفتو سندس موجودگيءَ ۾ ڪانئس
ڳجهو نہ رهندو هو. اسين سمجهندا هئاسين تہ شايد
ڪيس شڪ واري ٽين اک آهي جنهن ذريعي هو سڀ ڏسي
وٺي ٿو. سندس باري ۾ عجيب و غريب افواهہ ڦهليل
هوا. ڪن جو چوڻ هو تہ وٽس هڪ ڀهاڙي ٻوٽي آهي
جنهن دوارا لاعلاج مرض چٽائي سگهي ٿو. هو طبابت
ڪندو ڪانہ هو پر سندس حڪمت جي واڪاڻ شهر ۾
ڦهليل هئي. اُن سواءِ عام عقيدو هو تہ سندس وس

ڪيترين حيثيتن روح آهن جن کان هو مرضيءَ مطابق
ڪم ڪرائي سگهيو ٿي. انهيءَ ۾ ته شڪ
ڪونهي ته پيش بيني ۽ علم نجوميت ۾ سندس مٽ
ڪونه هو. ڏسجي ٿو ته ڪجهه وقت کان هي خاموش،
خفيه حقاني انسان ڪيمياگريءَ جي قديم فن ۾ ڪو جدائون
ڪندو پئي آيو ۽ سون ٺاهڻ جو سوداءُ اهڙو ته مٿس
غالب پئجي چڪو هو جو گهر جو سمورو اگر تگر چٽ
ڪري ڇڏيو هوائين. وٽس هڪ ڪتاب هو جو سنزار
ٻوليءَ ۾ لکيل هئڻ سبب ڪو واچي ڪونه سگهندو هو،
ڇو ته سنزار دنيا جي قديم ترين ٻولي آهي جا
مصر جي قديم دفاتر ۽ پرامڊ جي تاريڪ طبقن جي
سنگ مرمر تي اُڪريل آهي. اڄ ڪلهه جي ٻي سيم
تلگرافي وانگر هن ٻوليءَ جا اکر ونگڙ فقط اهي سمجهي
سگهن ٿا جنکي عالم غيب جي ڪن فاضل ارواحن
وٽان خاص تربيت ملي آهي. سنزار پراچين سنسڪرت
وانگر زنده زبان ناهي ۽ ڪو به بني بشر انکي روزاني
ڪاروبار ۾ ڪتب نٿو آڻي. ڪن جو رايو آهي ته سنزار
ٻولي ناهي پر مصري پنڊتن جي صفوه لپي يا ٻي سيم
آهي جا هنن پنهنجي مقدس ڪتابن لکڻ ۾ ڪتب
آندي. مطلب هون ته عام خلق انهي راز کان محروم

رهي. هر حال سنزار ڪنهن خاص طبقي لاءِ رچي ويئي هئي. اهو طبقو صدين کان نيست نابود ٿي ويو آهي ۽ سندن منتر جنتر اسان لاءِ هڪ قسم جون ٻروليون آهن جي ٻراچين ٻعبت سلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. چون ٿا ته **جميعت راءِ** کي هن ٻر اسرار زبان جي ڪافي ماهريت هئي ۽ ڪيمياگريءَ لاءِ خفت ٻڻ ان ڀاشا جي اڀياس سبب منجهس اُتپن ٿيو هو.

هڪ ڏينهن **جميعت راءِ ناني** وٽ آيو. ڪيترو وقت ساڻس ڳالهيون ڪندو رهيو. سنجها جو وقت هو ۽ **ناني** روزاني عادت مطابق ٻتين صاف ڪرڻ ۽ منجهن تيل وجهڻ ۾ مشغول هئي. مون ڏٺو ته **جميعت راءِ** جي منهن تي سرخي ڇٽ هئي ۽ سندس پيشانيءَ مان تشويش ۽ فڪر جا آثار ٻي بکيا. ور ور ڏيئي ٻتين ڏانهن اشارو ڪري **ناني** کي ٿي چتايائين ته ”اج ڇنڇر جو ڏينهن آهي جو يهودي قوم جي عقيدي موجب مقدس آهي. ڇنڇر ڏينهن گهر ۾ باهه ٻارڻ، جوت جڳائڻ نه گهرجي. اج اسانجي آزمايش آهي. ويهه ورهيه هن ڪم ٻٺيان رت ست ڏنو اٿم انهي لاءِ ته ڪوجنا، اورچائي، جان نثاري ذريعه دنيا مان

مفلسي، قحط، بک، ٽڙي ڪيان. دنيا سرسبز ۽ آباد
ٿئي، انسان احتياج کان آجا ٿي، ناداريءَ ۽ تنگيءَ کان
نجات حاصل ڪري فرشتن وانگر خوش ۽ آزاد زندگي
بسر ڪن ۽ هي ملول ۽ اندوهگين ماضي آئنده جي مجمل
۽ مفصل زندگيءَ ۾ بدلجي. هيءَ ظالم زندگي جا هر روز
لکين حساس ۽ اثر پذير انسان کي اسباب احتياج ۾
ڦيڙي، هزار عذاب ڏيئي، بي وس ۽ بي جس ڪفن
دفن ڪري ٿي تنهنجو خاتمو ٿيڻ گهرجي- اوس خاتمو
ٿيڻ گهرجي.» ائين چئي هو **ناني** جي منهن ۾ چتائي
نهارڻ لڳو ۽ سندس سڪل سرير ۾ بجلي ٻي بکي.
ويهه ورهيه هن شخص ٻاٽڪي ٻچائي ڪباب ڪيو هو ۽
۽ حياتيءَ جون لذتون ترڪ ڪري، تسپا ڪئي،
ڏوجهرا ڏسي، **مجنون** وانگر عشق جي اُجهامندڙ آلي
کي قلب اندر محفوظ رکيو هو. ويهن ورهين جي ايوڳي،
ڪجسي، **اوڻي** جيوت ۾ هي ٻهريون دفعو دبيل آگ
ڀڙڪو ڏيئي اٿي هيس ۽ سندس نيم مرده جسم ۾
انساهه ۽ امنگ جي جهلڪ آئي هئي. انهيءَ رات گهر
۾ بتي ڪاله ٻري جيتوڻيڪ نانيءَ کي اها ڳالهه پسند
نه هئي ته به **ناني** سائينءَ جي حڪم جي انحرافي ڪرڻ
جي ڪيس مجال ڪانه هئي.

رات جا اٽڪل ڏهه لڳا هوا جو ٿانو جميعت راهه سان گڏ جي گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ سر بازار ڏيئي اوڀر طرف گهٽين مان لنگهندو هڪ پراڻي مڙهيءَ ۾ اچي پهتو. مڙهيءَ ۾ هڪ ڪوٺي هئي جهت پٽ جي وچ ۾ اڻ چٽي اڪريل ڪاليءَ جي مورت هئي. اها مورتي اهڙي ته جهوني پراڻي هئي جو ڪنهن به عضوي جو نشان ڳولي لهڻ مشڪل هو. سڄي مورتي سندور ۽ تيل سان ٿڦيل هئي. ڏئي ٻنان ٻي ڪا روشني نه هئڻ سبب هي ٻي ٻول بد زيب بت هيبتناڪ ڏسڻ ۾ پئي آيو. ٻاهر ٿلهي تي ڪي زالون ۽ مرد ويٺا هوا. جهڪي روشنيءَ ۾ سندن شڪليون ڀوتن جهڙيون پئي لڳيون. ٿلهي تي پيٽ لڳ. هڪ ميرو مقارو شخص ويٺو هو جنهن اڳيان سيمي پيٺا رکي تي نميو. سندس سامهون ڏوڪڙي، سارنگيون دلي ۽ جهانجهه وڄائڻ وارا ويٺا هئا. چپ چاپ لڳي پيئي هئي ۽ هرڪو ٻلٿي ماريو ڪنڌ نوائي ڪنهن اونهي خيال ۾ غلطان هو. ڪجهه وقت بعد هڪ خوبصورت جوان عورت جنهنجا ڪارا وار چيلهه تائين ٿي لٽڪيا ۽ سندس ڪجلدار آبدار اکيون سرخ ۽ آتش خيز ٿي ڏٺيون تهمڪي غشيءَ جي حالت ۾ وڃي مجلس جي وچ ۾ اچي وهاريائون. سارنگيءَ

هارنگي نغمي ۽ طبلاڻي ڌڪڙ کي لڳي ويو. مجلس
مان چار جڻا سگهيا ۽ سڀ مڙس لڪڙي ٻروار ٿيا ۽ هڪ
قسم جو راڳ جنهن مان جنگ وجولان، شوخي ۽
تندي تي ٻکي ڳائڻ لڳا. جوان عورت جي غش عضون
۾ سجاڳي آئي، جنبش تيز تر ٿيڻ لڳي ۽ سندس جسم
آرڪيسٽرا جي آواز مطابق جهولڻ لڳو. ڳائڻ وارا ماڻه
تي ويا ٻه ساز وارا وڌيڪ جوش سان ساز سورڻ لڳا
جنهنڪري عورت جي جسم ۾ وڌيڪ تموج پيدا ٿيڻ
لڳو. عجب آهي ته هڪ ضعيف عورت ڪيئن ايترو
وقت جهولي سگهي ٿي! عام عقيدو آهي ته لڳت
سبب اٿوي؟ جهولڻ جو اثر اٿجي بت تي نٿو ٿئي.
ڪيترين دفعا اهڙين عورتن کي ٻڌل سيخون ۽ ڦڙڪا
هڻيا اٿن ٻر سندن بت تي ان جو ذرو به نشان ڏسڻ ۾
نٿو اچي. چوڻثا ته اها سگهت واسو ڪندڙ ٻريت لاءِ
آهي. ٻر جيڪڏهن اها سگهت واسو ڪندڙ ٻريت لاءِ
آهي ته ان غير مجسم روح کي ڦڙڪا ڪيئن هڻي
سگهبا؟ اٿين ته ڪين آهي ته عورت کي سگهت ملڻ
سان ٻريت کي ڏک ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته ساڻس سندس
سمبند آهي. جيڪڏهن اٿين آهي ته ٻولڻ ڏنب جو سڙيل
نشان بت تي صاف ٻوڙ ڪيو. خير، ڪلاڪ ڪن اهو

معاملو ڇا هيو ۽ پوءِ اها عورت سڀنئين لڳين ٿي ويٺي ۽ ٻائي معرفت ماڻهو ڪانئس سوال پڇڻ لڳا. سوالن جا جواب ڏئي ۽ پورا ٿي ڏنائين. ماڻهو آپس ۾ هوا ته سعدن خانگي معاملات جي هن کي معلوميت ڪيئن آئي. ڦاني ۽ جمعيت راءِ به ڪي سوال پڇيا پر سعدن سوال اهڙا اڻ سڌا پيچيده ۽ پوشيده هوا جو سعدن جواب ڪنهن به صورت ۾ خاطر خواهه ڏيئي نٿي سگهيا ۽ ويچارو ڦاڻو گهڻي قدر نراس ٿي رهجي ويو. انهي رات ڦاڻو گهر نه وريو ۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو جڏهن موٽيو تڏهن تمام مايوس ۽ دلگير ٿي ڏٺو. ور ور ڏيئي مشدوي ڪولي ٿي ڏنائين ۽ ڪٿان تان اتي پنهنجي جوانيءَ جي تصوير جا پٽ تي ٽنگيل هئي تنهنکي چتائي ڏسي نهيءَ ۾ پڇي ٿي ويو. ڪيس وسهڻ ۾ نٿي آيو ته اها ڪا سندس تصوير آهي. نهارڻ سان شرم وچان منهن ۾ لالائي اچي ٿي ويس. سندس حالت ان وقت اهڙي هئي جو خود ان جو اظهار نٿي ڪري سگهيو ۽ نڪي سندس مغرور طبيعت ڪيس اجازت ٿي ڏني ته پنهنجي دک جو ڪنهن سان حال اوري. رکي رکي غصي ۽ نفرت مان دبيل آواز ۾ ”خاشاڪ“ ڪري ٿي ويس. ”خاشاڪ“ ”خاشاڪ“ چئي، تصوير ڏانهن نهاري، پنهنجو قدو

قامت، بت ۽ ٻهڪ، آڪار ۽ روپ ڇاڄي، ٻڍڙي
اڇي ڏاڙهيءَ جي ٻيڙيءَ کي همٿ سان ڪٽي ٿي ڏٺائين.
شايد سعدس من ۾ اهو سوال ٿي اٿيو ته هي ڏيل ۽
ڏيک، هي مهانڊو ۽ ريش جنهنجي شاندار شخصيت
جي ثابتي هن پئي ٿي لڳي تصوير آهي سو ”خاشاڪ“
ڪيئن ٿيندو. ڪيئن ممڪن آهي ته مسٽي..........
پنهنجي خاندان جو سرمور، پرڳڻت جو پيليپائو، سياست ۽
حڪمت ۾ ماهر ۽ قابل خاشاڪ جي ادنيٰ ۽ ناچيز درجي
تي پهچي. هاليتائين نافي جو پنهنجي شخصيت ۾ اعتقاد
هو. ڪنهن ۾ اک ڪاني ٻڌندي هيس. پر هينئر
پهريون دفعو پاڻ ۾ شڪ پوڻ لڳس ۽ پنهنجي نظر ۾
پاڻ کي خاشاڪ سمجهڻ لڳو. سعدس متاثر ۽ مغرور
سپاءِ لاءِ هيءَ حالت برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هئي.
حياتي جا هر انسان کي آتش خيز ڪوري ۾ جلائي ساڙي
خاڪستر ڪري ٿي، حياتي جا لوهار جي سنداڻ تي
سنگين متر ڪن سان ٽپي ناهي ٿي ۽ حياتي جا ٽوڪي
مونکي ڪرنقل ۾ ڪاڙهي عرق ڪڍيتي ۽ هزارين
لکين بدبخت، بدحال ماڻهن کي سرگردان ۽ پريشان
ڪري اڪت اوڙاهه ۾ غرق ڪري ٿي، پر اتفاقاً ڪن
جزوي شخص کي ڪنچنچنگا جي گردون تاز ڪامگيءَ

تي رسائي ڪين عظمت ۽ رفعت جي صاف ۽ پاڪ فضا جو لطف وٺائي ٿي. تنهن ثاني کي بہ پنهنجي طول عرصي ۾ ڪئين ڏوجهرا ڏٺا هوا. هو لڪ لڳي چڪو هو ۽ ۽ تمنا هيس تہ پيريءَ جا پويان پساهہ عزت ۽ آبرو سان سانتيڪي نموني گذاري. پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ چڱو رتبو ماڻيو هوائين، ملڪ حڪمراني ڪئي هوائين. خوش گذران ۽ عيش عشرت جو سواد بہ چکيو هوائين. البت جوانيءَ جي گرم رت ۾ ڪي اڻبڻايون ٿي ويون هيس جن جو عيوض بہ ڀوڳي چڪو هو. پر جيسين وٽس پئسو هو تيسين هو بالر هو. رتبو ويس حڪومت ويس، جواني ويس، هڪ پٽ بہ نياڻون گذر ڪري ويس، خانداني مان شان بہ ڏينهون ڏينهن ڀوڙو پوندو ويس ۽ گهڙا گنجا سنڌس اکين اڳيان ويا اسرندا ۽ پرڪ پوندا پر پئسي سبب سنڌس شخصي آزادي قائم رهي ۽ اهي ڏک سهي ويو. ڪيس تسلي هئي تہ جيسين وٽس پئسو آهي تيسين حاسد تقدير کهڙا بہ ڪلور وهائي تہ بہ ڪيس پرواهہ ڪين ۽ پروس تيڻو نہ پوندو. پر هميشہ ڪيميا گر جي ڪوري ۾ رهي کهي ميڙي چونڊي بہ دف ٿي ويس. لوپ جي وس ٿي، جواريءَ جي ڪيڏ ۾ اگر تگو چٽ ڪري ڇڏ پائين.

جمعيت راه جي دل ۾ ڪهڙن قسم جو آدرش هو.
ٻيو نه ته علم ته ٻيشڪ هوس، ۽ اهڙي قسم جي ڪوشنا
لاءِ منجهس قدرتي لاڙو هو. پر ناڻي کي حرص ۽ لوڀ
ڪانسواءِ انهيءَ ڪم ۾ همت وجهڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونه
هو. جمعيت راه لاءِ همدردي ٿي سگهيتي ۽ ٿيڻ
گهرجي ڇاڪاڻ ته اهڙن ماڻهن جي اوائلي ناڪاميابيءَ
مان آخرين ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي. دنيا جي علم ۽
هنر افزائي لاءِ انهيءَ قسم جا ماڻهو تلاهي آهن. اهي
ماڻهو آهن جي جهالت جي وسيع سراب ۾ آب حيات
حاصل ڪرڻ لاءِ جان نثار ڪن ٿا ۽ بي علميءَ جي
اوجهڙ ۾ جفا ڪشي ڪري پنهنجا خشڪ استخوان
آئنده جي رهبريءَ لاءِ نشان طور ڇڏي وڃن ٿا انهيءَ
لاءِ ته ڪي ڪانئن وڏ ڀڳ خوش بخت سالڪ سندن
اوت ۽ آثار تي نيٺ منزل مقصود ماڻين ۽ انسان ذات
کي دائمي فيض رسائين. ائين برابر آهي ته شيهي يا
ٻي ڪنهن ڌاتوءَ مان سون ٺاهڻ سان فقط سون سستو
ٿيندو ۽ دنيا مان مفلسي ۽ تنگي دور ڪانه ٿيندي پر
جمعيت راه جي دلي مراد انسان دوستي ۽ خير
خواهي جي هئي جنهن سبب هو انسانجي قرب ۽ عزت
جو مستحق آهي. پر ناڻي لاءِ اهڙي قسم جو جذبو اڇي

ڏٺو سگهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي خواهش، مقصد ۽ مراد ۾ خود غرضي ۾ سوار ٿي هو.

ذاتي نه گذر ڪئي ڪي ورهيه ٿيا. سندس فوٽو دادي جي ڪمري ۾ اڃان موجود آهي. گذريل زماني جون سڪون ٿو لاهي. ڏسڻ سان دل ۾ اڻ ڳڻي ڪشش پيدا ٿي ٿئي ۽ جنهن ٻارن ۾ ٻالڪ ماڻهڪي ڏسي اپر ڪندو آهي تنهن ٻي اختيار سندس فلڪي آواز ٻڌي، سندس همت ڇمڪ، سندس ڇاتيءَ تي مٿو رکي قرب ۾ ڪوسو ٿيڻ جي اڪير پيدا ٿئي ٿي. شايد رت جي ڇڪ آهي. ور نه سندس ٻاهرين ٽوڙي اندرين بناوت ۽ اسان جي وچ ڪيڏو نه سڌو آهي. سمي سڌو پنهنجي تيز رفتار ۾ ڪيئن شخص ڪيئن قومون، ڪيئن مذهب ڪيئن رسمون، ڪيئن ملڪ ڪيئن سلطنتون مات ڪري ٿي ۽ نت نوان سج سعوان نوان رنگ نوان روپ رچي حياتيءَ جي هن حيرت انگيز رچنا کي شوڀنيڪ بڻائي ٿي. ڏاڏو سائين به هن ناٽڪي ٻوڏي جو هڪ چنر هو. کهڙو ــ مزي جهڙو چنر هو.

Printed by Mr. Kishinchand Ghanshyamdas Melwani
at the Bapa Printing Works Tilak Incline,
Hyderabad Sind and published by
Mr. Motiram Bulchand Mirchandani, Advocate
Hyderabad Sind

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڳوٺ ڪيڙو، تعلقه رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محلہ، نئون ديرو. تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع

سائر سهس ڳجن (شاعري) 2021ع

برهه منجهارا ٻوند (شاعري) 2022ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 3919786 – 0344

3404488 – 0300

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488